
ڏوره
اوڏا سپين
تاجل بيوس
Sindhica
سنڌيڪا

Si

hica

ڪتاب نمبر

10

ڏور ٻه اوڏا سپرين

(سفرنامو)

تاجل بيوس

ٿهِ لَڙهي موتين مالها
پوپٽي هيرا نندائٽي
ڪلا پرڪاش ۽
سندري اُتمچندائٽيءَ
جي نالي-

تاجل 'بيوس'

ڪتاب جو نالو: ڏور ٻه اوڏا سپرين
ليکڪ : تاجل بيوس
ڇپجڻ جو مهينو: مئي- جون 1992ع
ٽائيٽل: اياز عالم ابڙو
ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽرس ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملهه: 30 رپيا

'DOOR BE ODA SUPAREIN'
Written by: Tajal Bewas
Language: Sindhi
Published by: Sindhica Academy Karachi

Price Rs: 30-00

لکڻ لاءِ

سنڌيڪا اڪيڊمي
پوسٽ باڪس نمبر: 7363، ڪراچي 74400

ستاءُ

مهاڳ

ڳل- ہاٿيءَ ڪان ڦرجڻ تائين

مون جڏهن سفرنامو لکي سنڌيڪا اڪيڊمي جي سڪاٽي- نور احمد ميمڻ جي حوالي ڪيو هو، تہ ان وقت اسان جو هردلعزيز يارڙو طارق اشرف زنده هو. هاٿي جڏهن ڳل ہاٿيءَ ڪان ڦرجڻ تائين جا ہہ اکر پيو لکان تہ طارق اشرف اسان کان جدا ٿي، هڪ اهڙي ملڪ وڃي چڪو آهي، جتان ڪوبہ واپس نہ وريو آهي. طارق، جيڪو پارت واري سفر دوران منهنجو اهو همسفر هو، جنهن ڇهري کي ڪڏهن بہ ڇہو نہ ڪيو، منهن ۾ ڪڏهن بہ ڳُهنڊ نہ وڌو، پر، چند ڏينهن گذرڻ اندر تخليقي ذات ۽ ادب جي انقلابي حڪمت عمليءَ سان ڦل ۾ تنبريل شهتوت کي موت جي ڪاري آنڌاريءَ سٽي، پاڙئون اکوڙي، هڪ اهڙي ڪُن جي حوالي ڪري ڇڏيو، جيڪو تختو تختي کان جدا ڪري، هڪ ئي سٽ ۾ مِٽي مِٽي مهراڻ تي ترنڊڙ هيڙين جا ساڪا، سڪاڻ، ونا، ونجهہ، مُهرا، ڪوها ۽ ڪِرس توڙي غرق ڪيو ڇڏي. مان محسوس ٿو ڪيان تہ مون سان گڏ منهنجو قلم بہ طارق اشرف جي وڇوڙي تي رت – ڳاڙهڙ ڳوڙها پيو ڳاڙي. منهنجي ڪمري جا در دريون بہ طارق جي واٽ تڪي رهيا آهن. هن اکرن لکڻ کان وڌيڪ هڪ هڪ ٿي جدا ٿيندڙ يارڙن لاءِ هيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي!

هن صديءَ جي ساڍن چئن ڏهاڪن (DECADES) جي تجربي کان پوءِ، جا حقيقت ونئڻ جي ڪوڳڙي وانگر ڦُٽي ڦاٽي، منهنجي سامهون آئي آهي سا هيءَ آهي تہ لکڻ جي آزادي ۽ سرحد پار سنڌي قبيلن سان ادبي ۽ ثقافتي ڏي- وٺ (Give & Take) جا موقعا آمريت ۽ آپيشاهيءَ جي پيٽ ۾ جمهوري حڪومتن وڌيڪ پيدا ڪري پئي ڏنا آهن، جيڪو قدم هڪ قلمڪار يا ذات- ڏٽيءَ جي نظرن ۾ وڌ ۾ وڌ واڪاڻ جوڳو آهي. هونءَ بہ جمهوريت جو هڪ ٿڌڙو جهوٽو بہ آپيشاهيءَ جي سڄي ڏينهن جي هوائن کان وڌيڪ فرحت بخش هوندو آهي. پنهنجي آزاد ديس جي

پبلشر نوٽ

’ڏُور ٻه اوڏا سپرين‘ هندستان جو اهڙو سفرنامو آهي، جنهن ۾ موجوده هندستان جي احوالن سان گڏ، هند جي سنڌين جي ٻهڳڻي ٻولي، ادبي ادارن ۽ اُتان جي سنڌين جي جس جوڳن ڪارنامن، انڊو- سنڌ مشاعري ۽ شاهه، سچل، سامي سيمينار جا سربستا احوال ڏنل آهن.

تاجل جي ٻوليءَ جي چاشني سفرنامي کي اهڙو ته منو بڻايو آهي جو ٽيهه سالن تائين نه وسري سگهي.

تاجل جي پنهنجي چوڻي: ”بس، منهنجي هن سفرنامي ’ڏُور ٻه اوڏا سپرين‘ ۾ ان شخص جا جذبا ۽ احساس آهن، جنهن کي وڻ وانگر پاڙئون پٽي سرحد جي هن پار اُڇليو ويو هو. مان انهن همه زبان بزرگن، دوستن، مائرن، ڀينرن، ڀائرن ۽ نياڻين سان ملڻ ويو هُيس، جن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي روح ۾ پيهي ويو هو، جن جي ٻوليءَ ۾ امان سائڻ پينگهي ۾ سمهاري لولي ڳائي، ننڊون ڪرائيندي هئي.“

هي سفرنامو جتي عام پڙهندڙن جي لاءِ دلچسپيءَ جو باعث بڻبو اتي سنڌ جي ادبي لڏي جي لاءِ هند جي ادبي شخصيتن ۽ اتان جي ادان جي باري ۾ معلومات جو ذخيرو پڻ ثابت ٿيندو.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

هڪ ياڳن پري ڪاوش آهي ۽ اهي محفلون ۽ مجلسون اڳتي هلي اجا به وڌيڪ ملهائتيون ثابت ٿينديون.

هن ادبي ياترا کان پوءِ پيرون پيم ته جلاوطنيءَ جو روڳ ۽ عذاب ڪيڏو نه دردناڪ هجي ٿو! هڪ اکوڙيل انسان ڪي جلاوطنيءَ جو طوفان پيچي پوري، ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائي ٿو ڇڏي. هڪ جلاوطن سرحد پرسان بيهي، آڱر جو اشارو ڪري چوي: "هو آهن اسان جون ٽڪريون، اسانجا وڻ ۽ واهيرا، جتي سرٽيون آڪيرا ٺاهينديون هيون، جتي ڪٽڇيون هُوڙن جي نسريل بدن تي جهومي، گيت ڳائي، چٽ پچڻ جا اعلان ڪنديون هيون، جتي ڳيرن ۽ ڪبوترن جي آنن ڪي نانگ پي ويندا هئا، جتي هڪ لام تي به پکي ڇهنبون ملائي، بين الاقوامي پيار محبت جا پروانا ورهائيندا هئا." ڪير ڪري سگهندو ڪٿ ان جلاوطن انسان جي احساسن، جذبن ۽ آسيسن جي! ڇا ته هوندي سندس اندر جي ڪيفيت!! ماٺهو ڇا آهي، ڌرتي ڇا آهي، وطن ڇا آهي، جلاوطني ڇا آهي، زندگيءَ جا اهڙا موضوع آهن، اهڙيون ڪيفيتون آهن، جيڪي ماٺهوءَ جي اندر ۾ چڪڻ جا چوُبول، لهرن جا لوڏا، زلزلا، وڄن ۽ ڪنن جا ڪڙڪا ٿا پيدا ڪن، چرڪ پرائي نند مان اٿاريو ڇڏين. انسان پنهنجن ماڳن ۽ مڪانن ۾ آهي ته ماٺهو ۽ مٽي (Man and soil) جا سوين روپ سندس ذهن جي افق تي رنگبرنگي نقش جوڙي ٿا بيهن، پر ڪو ڌرتيءَ ڌڪاڻل (Displaced) آهي ته جلاوطنيءَ جون ڪيفيتون ۽ احساس آسمان ڇهندڙ برجن تان ڪيرايو ڇڏين ۽ هو ڦهڪو ڪري منهن پر اچي ٿو زمين تي ڪري.

علي بابا پنهنجي ڪهاڻي ڌرتيءَ- ڌڪاڻا ۾ جلا وطن کان چورايو: "الا، منهنجي به ڪا ڌرتي هجي ها، ۽ پوءِ مون ڪي پنهنجي ڌرتيءَ وٽڻ سان ڳڏ وطن جا واڳون به وٽن ها" دادي گرداس واڌواڻيءَ چيو هو: "منهنجي ڌرتي سدا خوبصورت آهي، پوءِ پلي بهار هجي يا خزان" آسڪروائلڊ جا هي لفظ هئڊ: "جذهن فنڪار ڪي محبت ۾ سرشار ڏسو ته ان جو مطلب محض هيءُ آهي ته هن جي ذات ۾ حسن جو شعور گهر ڪري ويو آهي." والٽ وٽنمن اهڙي ماٺهوءَ جي وجودي پوترتا ۽ اهميت جو ذڪر ڪندي لکيو آهي، "هر ڪا شيءِ ماٺهوءَ مان ڦُٽي نڪري ٿي، سادي سودي ماٺهوءَ مان- ماٺهوءَ مان- فقط ماٺهوءَ مان".

اتم هجي يا گوبند، ڪيرت هجي يا شاد، هيرو ٺڪر هجي يا موهن ڪلپنا، هَري هجي يا چاولا، ڪلا هجي يا پوپٽي، ڪير پنهنجي جنم پومي (Mother Land) جي جهرڻن، شام ويلي واهيرن ڏانهن پکين جي اڏام، سرنهن جي پيلن کيتن، ڪنهن ڍنڍ ڪناري نيلوفر ۽ ڪنول جي اڻ ڪتندڙ قطارن جي رقص، ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي اپريل ڪٽڪ جي تيلن، ڪنهن ڳوٺاڻيءَ جي پنين وارن تي ڪنگو ٺارن جي ڇهه ۽ ڪير جهڙن اجرن چٽيل اينوٽيءَ جي ڳلن، ڪي وساري وهندو! دنيا

گرم هوا بہ ٿر جي ٿڌي هير لڳندي آهي. هن پياري ملڪ جي تاريخ ۾ اهڙو زمانو بہ آيو، جڏهن ادب ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي، ڪارونجهر، سنڌ - امان، هالار، موهن جو دڙو، دودو، بلاول، شاهہ عنايت شهيد، هوش محمد، مڪلي ۽ ڪرڙيءَ جي جنگ جهڙا لفظ ۽ محاورا استعمال ڪرڻ ڪبيرو گناهہ سمجهيو ويندو هو. جيئن عراق جي ڪرد قبيلي جا ماڻهو هڪ ٻئي سان امان ۾ ابي واري ٻوليءَ ۾ نہ ڳالهائي سگهندا هئا، تيئن سپت - سنڌوءَ جي لوڪن سان بہ لڳ ڀڳ ساڳي ئي ويڌن هئي. ڪانگو جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سورمن ۽ سرويچن جي چپن ۾ ڪوڪن سان سوراخ ڪري، مٿن ڪلف لڳايا ويندا هئا، ۽ اڄ موررڙي جي ڀيءَ اوپائي جي اولاد جي هڏن تي گرمٽ وهايا ٿا وڃن، جيئري جاڳندي انسان تي گاسليٽ ڇٽڪائي ڪيس جلايو ٿو وڃي.
ابراهيم منشي ۽ سرويچ سجاوليءَ سنڌ جي آدرشي ڪردارن، سرنهن جي ڦولارن، ٿرجي مورن، ڪڇي جي ڪنگوڻارن، لاڙ جي ٻهن ۽ ٻهڻ جي ٽڪين، منڇر جي ڪناري تي ترندڙ ڪنول ۽ نيلوفر جي گلن، سنڌ - ماتا جي سينڌ- سرمي ۽ سنديس مامتا جا عڪسي ۽ علامتي گيت ڳاتا هئا تہ کين فولادي ديوارين ۾ بند ٿيڻو پيو هو. شيخ اياز 'هي سنگرام' ۽ 'راجا ڏاهر! تنهنجيون نياڻيون' لکي ککر ۾ ڪڙو اڇليو هو. شيخ اياز جيئن ٿڌ، تيئن وڌ جي مثال تخليقن جي بلندين"HEIGHTS"کي ڇهندو ٿو رهي، پر غلاميءَ جي طوق، آهني ديوارين، ڦاسي گهاٽ جي برجن ۽ لوهي خولين جا مالڪ اياز جي مچرايل ڏينين، پنهنجن ئي پاليل ازدها ۽ ڪوراڙ بلائن کان پاڻ ڏنگائي، بي موت مري چڪا آهن. پنهنجي هٿ جا پاليل ڪتا جڏهن چتا ٿيندا آهن، پهريون نشانو گهر جي ڀاتين کي ئي بڻائيندا آهن.
مان سمجهان ٿو تہ هن وقت سنڌي اديبن توڙي يونيورسٽين جي سنڌي شاگردن ۽ استادن جا خير سڳالي دؤرا ۽ ادبي آمدرفت (Literary Traffic) هڪ هنڌ بيهي وڃڻ يا STAGNANT ٿيڻ بدران تحرڪ (Motion) ۾ اچي چڪي آهي، جيڪو هڪ سٺو سؤڻ آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو ئي هڪ واحد وسيلو رهجي ويو آهي جنهن سان اسان هند- سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ شعر، نثر، کوجنائي ڪارڻ، ٻوليءَ جي واڌ- ويجهہ توڙي زبان جي مسئلن کي سائنسي طريقن سان حل ڪرڻ سان گڏ هڪ ٻئي جي تخليقن کي پيٽي، پنهنجي ڪا ليول يا گراف مقرر ڪري سگهون ٿا. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي طرفان سچل ڪانگريس ڪوٺائي هند جي اديبن ڪرشن کٽواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، نارائڻ ڀارتي، گوبند مالهي ۽ وينا شرنگي کي شريڪ ڪرڻ. پروفيسر رام پنجواڻي ڪلچرل اينڊ لٽرري سينٽر، بمبئي طرفان انٽر راسٽريہ سطح تي شاهہ ، سچل ۽ سامي سيمينار ۽ انڊو- سنڌ مشاعري جو اهتمام ڪري، سنڌ جي اديبن کي دعوتون موڪلي گهرائڻ. دهليءَ جي سيمينار ۾ سنڌ جي ڀلوڙ شاعر فتاح ملڪ ۽ کن اديبن کي ڪوٺڻ. هن ڏس ۾

نہ پھتا ھئا، پيترون گھوٽن جي ھٿن کي اجان ميندي لڳائي رھيون ھيون، معصوم ٻارڙا ٻبا چھڙي رھيا ھئا، جو کھٽيءَ گام لڏپلاڻ جا سڏ پڙاڏا گونجڻ لڳا ھئا.

اسانجي ڳوٺ (درگاھ پير حيات شاھ) جا جيلاني سيد (ٽي پائر حيات شاھ، راڄن شاھ ۽ مبارڪ شاھ) لاڏاٽي کان اڳ مريدن کان ڏنَ- پٽَ جي اوڳڙ لاءِ لاڙ مان ٿيندا وچي بمبئيءَ کان نڪرندا ھئا. درگاھ جي سيدن مان بس ھڪ جيجي (بيبي جمل) ئي وچي بچي ھئي، جيڪا حال حيات ھئي. جيئن پٽائيءَ سر ساموندي ۾ سري راڳ ۾ لنڪا تائين ويندڙ وڻجارن لاءِ سندن وھن جا ورلاپ بيان ڪيا آھن، ايئن جيجي پنھنجي مڙس ۽ ڏيرن کي ياد ڪندي، اکين ۾ آب آڻي، وچوڙي جا گيت ڳائيندي ھئي. امان سانئڻ جيجيءَ کي سُر جھلائيندي ھئي. جيئن تہ: ”حاتن ويو ٺم لاڙ- مؤلا ڪندس ماڙ“ يا ”مبن (مبارڪ شاھ) ويو ٺم بمبئيءَ، موٽي ايندم مانگھ جي ٻيءَ“ پيرن جي حويليءَ مان موٽي، امان سانئڻ آسيس وچان چوندي ھئي:”مولا سائين اھو ڏينھن ڪندو، جڏھن منھنجو تاجل مبئيءَ مان مون لاءِ سرھا لونگ، ڦوٽا ۽ پيترن لاءِ گيگھ ۽ ريشم جا جوڙا آڻيندو.“ ڪڏھن ڪڏھن تہ پينگھي ۾ وھاري، لوڏو ڏئي، جيجيءَ وارا گيت امان سانئڻ بہ منھنجي نالي ڳائڻ لڳندي ھئي، جن ۾ مٿين ٻولن سان گڏ ”تاجل لکي، ڪائي مکڻ جي دکي.“ بہ شامل ھوندو ھو.

مونکي ايئن لڳو آھي تہ سفرنامو بہ جڻ تہ ماڻھوءَ جي جيوٽيءَ-(Auto biogra-phy) جو ھڪ باب آھي. فرق صاف ظاھر آھي تہ آتم- ڪٿا زندگيءَ جو ھڪ وڏو سفرنامو آھي ۽ ھن قسم جو سفرنامو ھڪ حصو آھي، جڻ ڪنھن ڪاڪ- محل جو ڪو ڪمرو. ھن سفرنامي ۾ اھڙا ڪيترائي بيان ۽ حقيقتون آھن، جيڪي ڪنھن سان بنا منسوب ڪرڻ جي مون لکيون آھن، ان ڪري ھر ان بيان کي جيڪو ڪنھن شخصيت سان منسوب ٿيل ناھي، ان کي پارت جي ڌرتي ۽ پارتواسين بابت سمجھڻ گھرجي.

ھيري ٺڪر ھڏايو تہ جلاوطنيءَ جي شروعاتي ڏھاڙن ۾ ھن پنھنجي ننڍي پيڻ ديويءَ سان گڏجي الھاس نگر ۾ ڪلفيون ڪپائي بہ جياپي جي جنگ لڙي، پر ڪنھن جي آڏو ھٿ نہ ٽنگيو. اڄ اھو غربت جو سَٽيل (Poverty- Striken) ھيرو ٺڪر ڪوجنائي ڪاري جو ھيرو بڻيل آھي. سندس آواز ڌرتيءَ جي پوري گولي تي گونجي رھيو آھي. لڇمڻ ڪومل پنھنجي ننڍي ڀاءُ سان گڏجي ديوارين تي فلمن جا پوسٽر ھڻندو ھو، جنھنجو اجورو کين ٻہ ايائي روپيا ملندو ھو. اڄ اھو لڇمڻ ”ٽائيمس آف انڊيا“ اخبار ۾ ھڪ اھم عھدي تي آھي ۽ ھر سال نہ رڳو آمريڪا ٽو وڃي، پر سڄي دنيا کي فوٽ ڪٽيءَ سان ماپي چڪو آھي.

سنڌ جي لڏي ويل سنڌين ھند ۾ وڃي جيوت جي مھاڀاري جنگ لڙي ھئي، جيڪا ھن ڪٽي ورتي آھي. ڀارت کان سنڌ ۾ لڏي آيل لوڪن جي ابتڙ ھنن نہ ڪنھن خالي ٿيل جاءِ تي قبضو ڪيو، نہ ڇڏي ويل ملڪيتون (Evacue Property)

جون قومون تہ سادين اَٺَ سَوَ سالن جي جلاوطنيءَ ڪانپوءِ بہ پنهنجي وطن ڏانهن موٽي ايندين آهن.

ستين صديءَ جي مها ڪوي ڀرتري هريءَ چيو آهي: "زندگيءَ جي ٻن قدرن عورت جو جوڀن ۽ جهنگلن جا نظارا- ڪانسواءِ سڄو سنسار بي معنيٰ آهي." هائو تہ مان انهن ماڳن مڪانن جي مالڪن جي وچ ۾ وڃي ويٺو هئس، جن جي دلين تي سنڌوءَ جا ڪنارا اُڪريل هئا. جن جي ذهن تي ٿر جا محاڪاتي پس منظر (Scenic back ground)نقش ٿيل هئا. انهن مائرن جي مٿن تي ڀالوا ۽ ڀوڏيسر جون چنيون رکيون هيم. انهن مائرن جي ڪير- مکڻ جهڙين ڏيئرن جي مٿي تي آسيس ڀريا هٿ ڦيري رهيو هئس، جن جي چهرن تي سنڌ جون ڪيئي باڪون ڦٽيون هيون، جن جون ڪيئي شامون ٿر جي ڳوٺڙن ۾ ڏيئي جي وٽ سوريندي گذريون هيون. انهن وڏڙن جو آشيرواد(Blessings) حاصل ڪري رهيو هيس، جيڪي صبوح جو ننڊ مان اُٿي گهر ڪان ٻاهر واهيءَ مان بہ لپون پاڻيءَ جون هٽي، پنهنجا منهن صاف ڪندا هئا. سڄي ڏينهن جي هڻ هٽان ڪانپوءِ سومهڻيءَ جو ساري جڳ جو خير گهري، پنهنجن گهرن ۾ آرام جي ننڊ ڪندا هئا.

هڪ پڪي بہ پاڻ جهڙن پکين ۾ سٺو لڳندو آهي، ٻلي ڪو سندس آکيرو جلائي، ڪيس بي گهر ڪري، پر پوءِ بہ ڪا گهڙي خاڪ جي ڍير ڀرسان ويهي، جلاوطنيءَ جا گيت جهونگاري، وري بہ ان ئي ماحول ۾ آکيرو جوڙڻ لڳندو آهي. فطرت جو اهو ساڳيو قانون انسانن سان بہ لاڳو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سک جي ننڊ پنهنجي ئي وطن ۾ حاصل ٿيندي آهي، پوءِ اُها ڪهڙي طاقت هئي، جنهن ڏرتيءَ جاين کي خنجر جي نوڪ تي بيهاري، سندن نيٽن جي ننڊ، اندر جو آرام ڇني ورتو! وطن جي اهميت عراق جي ان ڪرد قبيلي جي پيءُ ڪان وڃي ڪو پڇي، جيڪو ستن سالن جي ڏيءُ کي ٿمندڙ اکين ۽ ڏڪندڙ هٿن سان پٺرن ۾ پوري، پنهنجو سفر ترڪيءَ جي سرحد ڏانهن جاري ٿو رکي. هتي سنڌ ۾ بہ تہ ڀارت لڏي ويل سنڌين جون پيڙهيون گذريون هيون. هتي تہ مائرن جون اوڙون پوريل هيون.

ورهاڱي جي اَنڌاريءَ ڪري وڻن وڻن جا ڏار ڦهڪو ڪري اچي پٽ پيا. هنجن ۽ مورن جي سڙيل آکيرن جي خاڪ هوا جي تيز ڪُهن تي الائي تہ ڪيڏانهن اڏامي وئي! مينهن ۽ ڳڙي واري طوفان ڪٿو ڪٿي ڪان جدا ڪري ڇڏيو. نون چاول ٻارڙن جو ناڙو بہ ڪونہ ويو ويو هو جو نکيءَ ماءُ جا رت-- هاٿا ڪيرا ڍڳي ڪاڏيءَ ۾ وڃهي، نئين گهر جي تلاش ۾ ابن ڏاڏن جا ماڳ مڪان ڇڏتا پيا هئا. پنديءَ مان پهگل گرهہ اجان وات تائين ئي ڪونہ پهتو هو، جو لڏپلاڻ جهڙا منحوس لفظ ڪن ۾ ٻُرڻ لڳا هئا. دانگيءَ تي وڏل ماني اجان اٿلائي ئي نہ وئي هئي، جو ڳوٺ واري مک دروازي تي قافلن اسهڻ جا سانباها ڪيا هئا. کوهن ۾ وڏل گهڙا اجان ٻڳن تي ئي

۾ جو وينس ته ڪوڙ سارا سلڪ جا ٽاڪيا ۽ ٿان اُٽي وچي مٿي چڙهيو آهيان. منهنجو وهايل وڪر پلي ڪنهن کي ڪچ جا چوڙا لڳن، پر منهنجي لاءِ سچو سونُ آهي، ٿاڪاڻ ته هي وٽج ۽ وڪر پارت جي سنڌين باري ۾ ته آهي. مون ته پنهنجن پينرن: پوپٽي، ڪلا ۽ سندريءَ لاءِ ڪير منديون ۽ چلڙا ويهي جوڙيا آهن، جيڪي آرهڻ جي سج وانگر جرڪي رهيا آهن.

در اصل مون ماضيءَ جي روايت کي ٽوڙي پوءِ ويهي سفرنامو لکيو آهي. هن سفرنامي ۾ مون ڪنهن به هوٽل يا مسافرخاني جي ناشتي پاڻيءَ جا نرخناما ڪين ڏنا آهن ۽ نه ڪو هند وارن لاءِ حيدرآباد واري ڪچي قلعي جا تَريل پلا پاڻ سان ڪٽي پارت پهتو هيس. مون اهو به نه لکيو آهي ته فلاڻي سيٺ اديب منهنجي هٿ ۾ پنج سؤ روپين جو نوٽ ڏني، مٺ بند ڪرائي چڏي، جيئن هري موتواڻيءَ سان گڏجي مان وچي فلورا فائونٽين مارڪيٽ مان سلڪ جا جوڙا خريد ڪيان. مون کي اهو به تجربو ڪونه ٿيو ته ڪٽي جو فرج ڪوليان ته رڳو منهنجي ۽ طارق اشرف جي ڪاڻ جا مال مليدا پيا هئا، ۽ هائو، مان ته ائين به نه لکي سگهيو آهيان ته هن ڏينهن جي رهڻ ڪان پوءِ ڪا دوشيزه مون کي ساٿ ڏيڻ لاءِ اچي پر ۾ بيٺي هئي. مان رڳو ايترو چئي سگهان ٿو ته جنهن جانيئڙي دعوت ڏني، اسان کي پاڻ وٽ گهرايو هو، اهو پنهنجي ڪٽنب سميت مون تان گهور ٿي ويو. هائو پائڙو ٺاڪر چاولا، سندس نياٽي شُويا، گهر-ڌياڻي پارُو چاولا، سندس ننهن نيها ۽ جاٽو رام رائچنداڻي. اسان - طارق ۽ مان- ڪتابن جي ڏيڍ ٻوري کن پاڻ سان ضرور ڪٽي آيا هئاسون. پاڪرون، آلبم، ميڊل، موتين- مالهائون، وڊيو، آڊيو ڪئسٽون ۽ ٻيون سوکڙيون پاڪڙيون به ادبي ميٽا طور، پرين جي پار جي مڙئي مٺائي سمجهي، اسان ساهه سان سانڍي رکيون آهن.

مان سنڌ جي لانڍين ۽ لوڙهن ۾ وڏي وڏو ٿيل هڪ ادنيٰ شاعر آهيان، جيڪو ڏري گهٽ اڌ صديءَ جي وڇوڙي ڪان پوءِ ڌرتيءَ ڇاين سان ملڻ ويو هيو. بس، منهنجي هن سفرنامي ۾ اُن شخص جا جذبا ۽ احساس آهن، جنهن کي وڻ وانگر پاڙئون پٽي، سرحد جي هُن پار اڇليو ويو هيو. مان اُنهن هم زبان بزرگن، دوستن، مائرن، پائرن، پينرن ۽ نياڻين سان ملڻ ويو هيس، جن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي روح ۾ پيهي ويو هو، جن جي ٻوليءَ ۾ امان- سائڻ پينگهي ۾ سمهاري، لولي ڳائي، ننڊون ڪرائيندي هئي. ڌرتيءَ ڪان اکوڙيل انهن ڌرتي- ڌڪاڻن جا ڏک سور، ٻاڪارون، آسيسون، آسُون، اُميدون، امنگ، اُڌما، جذبا، آٿت ۽ ڪيفيتون ۽ ڏوراپا ئي بيان ڪيا اٿم. ٻولي، ثقافت، ڌرتي، ماڻهو، جلاوطني ۽ سنڌن ادب کي ڪُل- ٻاتيءَ ڪانوني ڦرڄڻ تائين جي ذڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. دراصل ٽانڊا ۽ جيون اوڳاڇيندڙ سرحدن تي هڪ پُلِ جوڙڻ جو اڌاوتي ڪاريہ آهي، جيئن هِن پاسي ڪان ويندڙ ۽ هُن پاسي ڪان ايندڙن کي ڏسي، مُرڪان، ڪِلان، خوش

حاصل ڪرڻ لاءِ ڪليم داخل ڪيا ۽ نہ وري سرڪار آڏو جهول جهلي خيرات جا پئسا حاصل ڪيا. ايتري قدر جو هنن ڪنهنجي ڪارخاني تي بہ قبضو نہ ڪيو. سوال تو اُٿي تہ قبضو ڪن تہ ڪنهنجي ڪارخاني تي ڪن! سنڌ ڏانهن تہ اُنهن لوڪن يلغار ڪئي هئي، جيڪي هند ۾ گتر- واسي هئا. يا دستگير پٽيءَ جي ڪهاڻي 'نظام ڪاسائي' جي ڪردارن جا مٽ مائٽ هئا.

ڏڪويل من ڪي ڏي ڏيڻ، ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙون حاصل ڪرڻ، ادبي، ڌرمي، تاريخي، اخلاقي ۽ ثقافتي نقصان جي تلافيءَ لاءِ هند ڏانهن لڏي ويل سنڌين پارت جي سرزمين تي هڪ ننڍڙي سنڌ وچي قائم ڪئي آهي، جنهن سنڌ ۾ سچل سرمست، سڪر ۽ بکر جون خانقاهون ۽ اڏيري لعل جهڙا اوتارا بہ ڏسڻ وٽان آهن. جَسُ هجي اُتان جي قانوني رکوالن ڪي جن پاڙن اکوڙيل سنڌين کي نہ رڳو بنيادي حق ڏنئي، اتان جي اصل رهواسين سان برابريءَ وارا ڪارناما سرانجام ڏنا پر سنڌي ٻوليءَ کي انهن چوڏهن ٻولين ۾ شامل ڪري ڪيس چوڏهن چنڊ لڳائي ڇڏيا. اڄ سنڌي پارت ۾ قومي ٻولي آهي ۽ ٻين ٻولين سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي پنهنجا حق ماڻي رهي آهي. نہ رڳو ايترو پر هند جي گهڻ- ٻولين(Multi Lingual) جهڙي ديس ۾ اتان جي سنڌين کي قانوني اجازت ڏني وئي تہ هو هر سال وڏيءَ ڌام ڌوم سان 'سنڌيت جو ڏينهن' بہ ملهائيندا رهن. اسان سنڌ وارا ايامن ڪان سنڌ- واسي هئڻ باوجود، موري جي نگريءَ ۾ ڪلهن تي اجرڪ ۽ مٿي ۾ سنڌي ٽوپي پائي گهمڻ جي جرئت نٿا ڪري سگهون.

جيوت چاولا ۽ موتي رام ايس. راماڻيءَ جي روبرو واسديو نرمل وچن ڪيو هو تہ هو انهن مڙني اديبن، شاعرن ۽ پارکن بابت گهربل معلومات گڏ ڪري، مون ڏانهن ڏياري موڪليندو، جن سان بمبئي ۽ الهاس نگر ۾ منهنجو مکا ميلو ٿيو هو. سنڌ ڏانهن واپس موٽي اچڻ بعد اهڙن ٽيهارو کن ليکڪن ۽ ليکڪائن جا نالا بہ نرمل ڏانهن لکي موڪليم، پر نرمل نوازش ڪان محروم رکيو. خير يارن سان کهڙا ليکا ڪجن. مونکي هن ڏس ۾ پيڻ پوپٽي هيراننداڻيءَ بہ سهڪار جو يقين ڏياريو هو. پوپٽي هڪ سينيئر ۽ پيڪيدار ليکڪا آهي، ان ڪري مان هن قسم جي تڪليف ڪيس ڏيڻ بہ نٿي گهري ۽ ها، هوءَ تہ هڪ خطرناڪ موذي مرض سان مقابلو بہ ڪري رهي هئي. ٻي ڪا واهہ يا واٽ نہ ڏسي مون، پوپٽيءَ سان رابطو رکڻ شروع ڪيو. لکي موڪليائين تہ هن ڪارڻ کي اڪلائڻ لاءِ ننڍڇاٽيءَ بہ سانس ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جو يقين ڏياريو آهي.

جيئن تہ پوپٽيءَ جو آپريشن ٿيڻ ۽ سندس بار بار اسپتالن وڃڻ ڪري اديبن جي معلومات مون کي هن وقت تائين نہ ملي سگهي. ان ڪري پاڻ ئي رندا روڙڻ شروع ڪيم. ٽڪُ ڏنگي هئي. منجهس وَر بہ گهڻا هئا، پر نباڻي وجي مٿي چڙهيو آهيان. سرائڪي زبان جي مقولي "آپڻي گهوٽ نہ نشا ٽيونئي" تي عمل ڪندي. اَن

اُسھڻ ڪان اڳ

مان جڏهن اٺن سالن جي عمر جو هئس ته هر روز اڍائي ميل پنڌ ڪري، پر وارن ڳوٺن جي هارن سان گڏجي يونيٽ پور پڙهڻ ويندو هئس. يونيٽ پور گمبٽ تعلقي ۾ انبن پرسان سڳين ۽ نوازي جي اتر ۾ ڪچي جي ڪاهي ڪلهي تي جهلي بند هيٺان هڪ پراڻو ڳوٺڙو آهي. محراب واهه تي هنڌ يا ڪاٺي نه هئڻ ڪري، گوڏ ڪلهي تي رکي، اسانکي واهه جي چيلهه تي ايندڙ پاٽيءَ مان لنگهڻو پوندو هو. اهو زمانو 1946ع وارو زمانو هو. منهنجي اندازي موجب هيري پساريءَ سميت يونيٽ پور ۾ ڏهاڪو کن دڪان هوندا هئا ۽ سڀ جا سڀ دڪان هندو برادريءَ جا هئا، جيڪي پنهنجن ڪٽنبن سميت يونيٽ پور ۾ رهندا هئا. مان ٻئي درجي سنڌيءَ ۾ پڙهندو هئس ۽ منهنجو دوست قيمت مل پهرئين درجي ۾. هي ننڍڙو فرشتو پتڪو ته ڪونه هڏندو هو، پر پوءِ به منهنجو پڳ- مٽ يار هو. اسان هڪ ٻئي کي سوڪڙيون پاڪڙيون به ڏيندا هئاسون. مان هڪ غريب هاريءَ جو پٽ ۽ قيمت ننڍڙي سيٺ جو پٽ هو. مان ڪيس ٻير، آڙُون، مکڻ، ماکي، سُرهو تيل، ڦريون ۽ ڦوڻا ڏيندو هئس ته موٽ ۾ قيمت مونکي لائي، پڳڙا، ڳڙ، ڪارڪون ۽ پتاشا ڏيندو هو. جنهن ڏينهن مون تي وڌيڪ راضي ٿيندو هو، ان ڏينهن مونکي مصري، ڏونگهي ۽ چانور ملندا هئا. هن قسم جون قيمتي سوکڙيون مونکي اُن ڏينهن ملنديون هيون، جنهن ڏينهن شام جو ڪا جهڙ قيمت مونکي پنهنجي گهر جي ٻاهرين دريءَ وٽ وجي بيهاريندو هو، جتان سندس ماءُ مونکي ڏسڻ لڳندي هئي. منهنجي چپن تي معصوم مرڪ ڏسي، قيمت- ماءُ آسيس وچان کلي ڏيندي هئي ۽ پوءِ چوهڙ ۽ ويرو مل جو دڪان ٽپائي، ننڍڙو قيمت موٽي ويندو هو. اِهي سوکڙيون اسانکي پنهنجن مائرن جي رضامنديءَ سان هڪ ٻئي کي ڏيڻيون پونديون هيون، جڻ ته غيرسڌيءَ طرح اسانجي مائرن جو پاڻ ۾ ساهيڙپ وارو رشتو جُڙي چڪو هو. خبر ناهي ته هن وقت منهنجو اُهو پڳ- مٽ يار قيمت مل يارت جي الائي ڪهڙيءَ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندو هوندو، جيڪڏهن ملي وڃي ته اهڙو ياڪر پايانس جو پاسرين مان ٽڪاءُ ڪڍي ڇڏيانس!

ڪن الهه لوڪ ۽ سخي مرد هندن جي سخاوتن ۽ خيراتي ڪمن جا قصا-

ٿيان ۽ ٿهڪ ڏيان ۾ ائين اُنهن پلن ۾ پهرن لاءِ پيو جيان ۽ جيئرو رهان، جيئن هن پيار جي پورهئي کي ڪا معنيٰ ملي پوي. مون تہ سونهن، سچ ۽ سُرت جي اُنهن سفيرن جون ائڊريسون بہ ڏنيون آهن، تہ جيئن دلين جي ڪَٿُ لهڻ سان گڏ اَن پلِ تان ڪٽ ۾ وقت جي ڏوڙ بہ صاف ٿيندي رهي.

هائو، مان وري بہ پنهنجي وچن کي ورجايان پيو تہ منهنجي هن سفرنامي ڏُور بہ اوڏا سپرين ۾ اُن شخص جا احساس ۽ آسيسون بيان ٿيل آهن، جنهن کي وڻ وانگر اکوڙي سرحد پار اڇليو ويو هو، جنهن سان منهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو رشتو ڪنهن بہ ڌرم جو محتاج ناهي، جنهن جي قلم مان جنم وٺندڙ تخليقون سرنهن جي ڦولار، انب جي ٻوڪيل ٽارين، چيٽ جي ڦوٽهڙي، ڪَنڌيءَ جي ٻُور ۾ ٻُنگ، ٻٻر جي پلڙن ۾ ٿر جي پُسين ۾ پيرن جهڙيون وڻندڙ آهن.

تاجل بيوس

House No: A-3
Pioneer Homes
Opp: Maymar Complex
Scheme No:33
Super High Way
Karachi (SINDH).

ٽارن ۽ اينوٽيءَ جي ڳالهه ڦٽڻ ڪري، پڪي ڪان ڪچي ٻه مينهن جو وڳ ڪاهي وڃڻو پوندو هو. ايتري قدر جو انهن ماڳن تائين ٻه وڃي رسندو هئس. جتان امان سانئڻ سهيليون ساڻ ڪري، ڳوٺ جا ٻار لار لائي، وڃي درياءَ شاهه تي اکا چاڙهيندي هئي ۽ ائين شام ويلي مينهن پٽارين کي تنوارينداڪ. ڳنڱ مان اُڪرندي، ڪُمن ۽ ڪُوٽين سان جهول ڀريندا، ٻوٽيندا وڃائيندا پنهنجن وٿاڻن ڏانهن ورندا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن ته سنجها ٿي ويندي هئي، پڪي پڪڻ ٻه وڃي واهيرا وسائيندا هئا. جو اسان اونده سان اُلجهندا. اونده جي احساس کان بچڻ لاءِ ڪن تي هٿ رکي ڪافي ڪلام ڳائيندا. اڇي واڙي جون ارلون ڪڙڪائيندا هئاسون. رستي ۾ ڪو هندو گهورڙيو ٻه رلبو هو. جيڪو گهورَ تان ورندي ٻدي کي هڪليندو ڳوٺ رمندو نظر ايندو هو. اُن وقت امان سانئڻ کي مون لاءِ ڳوٺ جي اولهائينءَ ڪڏ تي انتظار ڪندي، ڏٺو ويندو هو.

ٽي سال لڳاتار مينهن چارڻ ڪانپوءِ مون وري پڙهڻ شروع ڪيو. اِهوئي سبب هو جو مڇن جي ساول وقت ٻه مان مڊل اسڪول ۾ پڙهندو هئس.

شاهه جي رسالي، خاص ڪري سر رامڪلي، ڪاهوڙي، ڪنيات ۽ ساموئڊي جي پڙهڻ ۽ ٿورو گهڻو پرجهڻ سان هندن جي لڏپلاڻ واري مسئلي، اندر ۾ ڪُورا ٻاري ڇڏي. هندن ڪي پنهنجي ماڳن مڪانن هوندي، جلاوطن ڇو ڪيو ويو؟ هُو ته پنهنجي ڌرتيءَ تي ابن ڏاڏن کان وٺي هڪ وڻ وانگر ڪُتل هئا. پوءِ ڇو اُن وڻ کي پاڙئون پٽي، سرحد جي هُن پار اڇليو ويو؟ اُن وڻ جون پاڙون ٻه ته پنهنجي ئي ديس جي ڌرتيءَ ۾ ڦهليل هيون. جن پاڙن تائين پنهنجي ئي درياءَ جو پاڻي پهچندو هو. هڪ بڪيو ۽ اُڃو ماڻهو ٻه پنهنجي ئي ديس ۾ سٺو لڳندو آهي. هندو ته اڃايل کي پاڻي پيارئيندا هئا. بکايل کي کاڌو کارائيندا هئا. هُو ته ڳگدامن کي ٻه پنهنجي ڪئي ڪمائيءَ ۾ شريڪ ڪندا هئا. پکين کي چُوڻو چڳائيندا هئا. هُو ته پڃرا پڃي پکين کي آزاد ڏسڻ گهرندا هئا. مسافرخانا جوڙائي، مسافرن جي سيوا ڪندا هئا. اُنن، ڳڏهن ۽ گهوڙن کي پاڻي پيارڻ لاءِ حوض جوڙائيندا هئا.

هڪ پکي ٻه پاڻ جهڙن پکين ۾ سٺو لڳندو آهي. پلي کو سندس آکيرو جلائي ڪيس بي گهر ڪري، پر پوءِ ٻه ڪا گهڙي خاڪ جي ڍير پرسان ويهي، جلاوطنيءَ جا گيت جهونگاري وري ٻه اُن ئي ماحول ۾ آکيرو جوڙڻ لڳندو آهي. فطرت جو ساڳو ئي قانون انسانن سان ٻه لاڳو آهي. اِهوئي سبب آهي جو سک جي ننڊ پنهنجي ئي وطن ۾ حاصل هوندي آهي. پوءِ اُها ڪهڙي طاقت هئي، جنهن ڌرتي- ڄاين کي تلوار جي نوڪ تي بيهاري، سندن نيڻن جي ننڊ ۽ اندر جو آرام ڇني ورتو؟ وطن جي اهميت عراق جي اُن ڪرد قبيلي جي پيءُ کان وڃي ڪو پڇي، جيڪو ستن سالن جي مئل ڌيءُ کي تمندڙ اکين ۽ ڏڪندڙ هٿن سان پٿرن ۾ پوري، پنهنجو سفر ترڪيءَ جي سرحد ڏانهن جاري رکي ٿو. هِت ٻه ته سنڌ جي هندن جون پيڙهيون

ڪهاڻيون اسان پاڻ واري ڳوٺ جي جيلاني سيدن جي حويليءَ مان جيجي جمل (سائين راڄن شاهه جي گهر واري) وٽان به ٻڌي ايندا هئاسون. جنهنجا مرد ماڻهو (ٽي ڀائر حيات شاهه، راڄن شاهه ۽ مبارڪ شاهه) لاڏاڻي ڪان اڳ مريدن ڪان ڏن پَٽ جي اوڳڙ لاءِ لاڙ مان ٿيندا، بمبئيءَ ڪان وڃي نڪرندا هئا. درگاهه جي سيدن مان بس هڪ جيجي ئي وڃي بچي هئي، جيڪا حال حيات هئي. جيئن ڀٽائيءَ سر سامونڊي ۽ سري راڳ ۾ لنڪا تائين وينڊڙ وڻجارن لاءِ سندن وهن جا ورلاپ بيان ڪيا آهن، ائين جيجي به پنهنجي مڙس ۽ ڀائرن کي ياد ڪندي، اکين ۾ آب آڻي وڇوڙي جا گيت ڳائيندي هئي. امان سانئڻ به جيجيءَ کي سر جهلائيندي هئي: ”حاتن ويو ٿم لاڙ، مولا ڪندس ماڙ“ يا ”مُئن ويو ٿم مبئيءَ، موٽي ايندم مانگهه جي ٻيءَ“ (اسانجي ڳوٺن ۾ اڄان سوڌو وڏڙيون بمبئيءَ کي ”مبئي سڏينديون آهن.)

حويليءَ مان ٿي، امان سانئڻ آسيس وچان چوندي هئي: ”مولا سائين اُهو ڏينهن ڪندو جڏهن منهنجو تاجل، مبئيءَ مان مون لاءِ سُرها لونگ ۽ ڦوٽا، ڀيڻن لاءِ ڳيگهر جا جورا آڻيندو.“ ڪڏهن ڪڏهن نه پينگهي ۾ وهاري، لوڏو ڏيئي، امان سانئڻ جيجيءَ وارا گيت منهنجي نالي ڳائڻ لڳندي هئي: ”تاجل ويو ٿم لاڙ، مولا ڪندس ماڙ...“

بس، ائين هندن جي مساڻن، مڙهين، مَٺن، مندرن، تيرٿ، تڪين ويندي جيلاني سيدن جي مبئيءَ جو پس منظر ۽ قصا- ڪهاڻيون منهنجي ذهن تي پنهنجا چٽا توڙي اڻ- چٽا نقش، عڪس ۽ اولڙا ڇڏيندا رهيا. منهنجو هِن قسم جو ذوق ۽ هاراڻو لاڙو اڄان به تڏهن وڌيڪ رچي راس ٿيو، جڏهن امان سانئڻ مسلمان هوندي به ڪُتيءَ جون پاٽيون ۽ ٿال ڀري، اوڙي پاڙي جون جيڏيون سرتيون ساڻ ڪري، هلي ڪوٽ چانڊڪي ڪان سنڌوءَ کي اکا پيٽ ڪندي هئي. چُوريءَ جون مُنيون ڀري، درياءَ ۾ اڇليندي به ويندي هئي ۽ ڪجهه پڙهندي به ويندي هئي. ڪجهه هن قسم جو ورد وظيفو هو: خاجا خدر جند پير (خواجه خضر زنده پير) ڪل پيرنَ جا پير... ۽ گهڻو ڪجهه، جيڪو مونکي ياد نه رهيو آهي.

اِهي معصوم جذبا ذهن جي زرخيزيءَ ۾ جڏهن وڏي وڻ ٿيا، شعور جي افق تي چوڏهينءَ جا چنڊ بڻجي، جڏهن ڪرڻ لڳا، نه مون ۾ سيڪيولروادي ۽ ترقي پسنديءَ جو ٻج انگورجڻ لڳو ۽ ائين مان ڌرتي جاين (ڪولهين، ماڙيچن، مينگهواڙن، ڀيلن ڪان وٺي سنڌ- ڌرتيءَ تان اکوڙيل هندن تائين) کي وڌيڪ ويجهو ٿيندو ويس.

ابي سائينءَ جي اوچتي لاڏاڻي ڪري، مونکي پڙهڻ ترڪ ڪرڻو پيو، جنهن جا خاص سبب هئا. ابي جي فوت ٿي وڃڻ ڪان هفتي اندر وڏي ڀاءُ (ڀنيتو ڀاءُ) جو ڌار ٿي وڃڻ ۽ امان سانئڻ جو ڌاري يعني سيالڻ هجڻ، جنهنڪري مينهَن جو وڳ ساڻ ڪري، ڪلهي تي پاڻ ڪان وڏي لٺ رکي، مونکي جهنگ جهر رُلڻو پيو. درياءَ جي ٻوڏ ڪانپوءِ ڪچي ۾ ڇِهر، ڀٽَر، ساوڙي، چانهڪ، ڳنهه، ٻُڪن، ٻَين، ڪانهن، ڪنگو

آڪٽوبر تائين ملي ويندو.

اين- او- سي ملڻ سان ڀارت سرڪار جي سفارتخاني ڏانهن ڊوڙ پريم. وڃي ڏٺم ته ماروئڙا ڪوهن تان ورت ئي کٽي ويا آهن. ڪارو دروازو بند ڏسي، ڇهه ئي ڇڇي پيا. ڪنهن ڪڙڪيءَ اندران به ڪو ماڻهو نظر نه آيو. 'نڪو پيرو پڪ جو، نڪي ڏمڪي ٻاهڙي.' آفيس اچي فون تي رابطو رکيم. خبر پئي ته ڏياريءَ جي موڪلن ڪري، ويزا آفيس 29- آڪٽومبر تائين بند رهندي. معنيٰ ته ٽن ڏينهن وارو سيمينار 28- آڪٽوبر تي جيئن ختم ٿيندو ته مان ميلي جي ڪاغذن ميڙڻ لاءِ بمبئي روانو ٿي ويندس!

دفتر مان نااميد ٿي، منهن ڀيلو ڪري، گهر اچي مانيءَ مان سٽ ڪڍيم. ڳڻتي ڳاراڻي ۾ ماني گهٽ وڻندي آهي، مان الائي ته ڇو هن ڀاتين جيتري ماني هوڙ ڪائي وڃي مٿي چڙهيس- گهڙي ڪن جي ٿاپر ڪانپوءِ فون گهمائيندي، منهنجي هڪڙي پياري دوست سيد محسن منٽو صلاح ڏني ته بمبئي وڃڻ لاءِ 25- آڪٽومبر جي ٽڪيٽ به وٺي ڇڏيان ۽ سڀاڻي صبوح سان ڀارت سرڪار جي سفارتخاني جي وڏي ۾ وڏي آفيسر- ڪنسوليٽ جنرل- سان مان پاڻ فون تي رابطو رکان. اُن دوست اِها به صلاح ڏني ته ڪنسوليٽ جنرل جيئن ئي فون تي اچي ته پنهنجي وينتي 'آداب' ۽ 'نمسڪار' جهڙن لفظن سان شروع ڪيان.

24- آڪٽومبر تي ڀاڳ ڀلا جو جنهن آفيسر فون کنيو، اُهو پاڻ ڪنسوليٽ جنرل هو. فون تي ڪُرنشون بجا آڻيندي، هڪ لفظ نه، پر ٻئي لفظ يعني 'آداب' کان پوءِ 'نمسڪار' به رسيور ۾ داخل ڪري ڇڏيم. ۽ ائين مقصد جي مومل اُهريل پَهريل ماڻي ورتم. ائين، جيئن هڪرار کي جهنگ ۾ سسئي ملي وئي هئي. اُها ٻي ڳالهه آهي ته اِپنهوارُ سسئيءَ کي ڏسڻ کان وڌيڪ حاصل نه ڪري سگهيو هو.

شام جو ٽڪيٽ به ملي وئي. جاوا ٿي ويا. سوچيم ته گهر پهچي سائين ٺاڪر چاولا کي فون ڪري ٻڌائيندس ته سڀاڻي اچان پيو. گهر پهچي فون کي هٿ لاتم ته خراب. خراب نه، پر سندس خانو خراب لڳو پيو هو. ڪراچي شهر کان ڏُور، سپر هاءِ وي پرسان هڪ بستيءَ ۾ رهڻ ۽ وقت ٿوري هئڻ ڪري بس، تياريءَ ۾ لڳي ويس ۽ فون خراب هئڻ ڪري بمبئيءَ وارن کي بنا اطلاع ڪرڻ جي ايئرپورٽ روانو ٿي ويس.

ڪلهي ۾ ٿيلهو لٽڪائي ۽ هٿ ۾ بريف ڪيس کان وڏيرڙي بئگ کڻي، ڪائونٽر تان ڪڙڪيءَ وارو نمبر وٺي، ايئرپورٽ سيڪيورٽيءَ وارن کان ڳچيءَ ڪانوٺي سٽرن جي هيڪڙ تائين هٿڙا گهمرائي، وڃي لائونج ۾ فرنو ٿي ويهي رهيس. ڪجهه انتظار ڪانپوءِ بمبئي وارن کي ڪوٺ ٿي. مان به ويچارن ۾ ويڙهيل ويسي جيڏيءَ بس ۾ چڙهي پريرو بيٺل پنهنجي جهاز ڏانهن روانو ٿي ويس. بوربنگ پاس جو بچيل ٽڪرو ڪيسي ۾ وجهي اڪيلو ئي اڪيلو ڪڙڪي ڪولي

گذريون هيون. هت تہ مائرن جون اؤرون پورڀل هيون!

زندگيءَ جا ڏهاڙا مٽيءَ هورا ڪورا ۾ پئي گذريا جو شاهہ. سچل ۽ سامي سيمينار ۾ انڊو- سنڌ مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ٽپاليءَ مانواري ٺاڪر چاولا جو دعوت نامو اچي هٿ تي رکيو. دعوت نامو پڙهي، اکين تي رکي، چميون ڏيئي، وري وري پڙهيم. چشمي جا ڪاوا صاف ڪري، پڙهي ڏٺم تہ دعوت نامو تاجل بدران تاج صحرائي، تاج بلوچ يا تاج جوئي جو تہ ناهي. پڪ ڪيم تہ خطڙو تاجل بيوس جي نانءَ هو. بس، پوءِ تہ جذبات جي وڄن وسڪارا لائي ڏنا. ائين، جيئن ڪجلي رُت جا بادل ٿر جون ٿلَ ترايون پري ڇڏيندا آهن.

سڀ کان پهريون فون سنڌي ادب ۾ هالار جيڏي قداور شخصيت شيخ اياز کي ڪيم، جنهن ٻڌايو تہ ڪيس بہ ساڳي ئي دعوت ملي چڪي آهي، ويتر حد کان وڌيڪ سرهائي ٿي. ف- م- لاشاري، هدايت بلوچ، شمشيرالحيدري، انعام شيخ، رڪيل مورائي، ادل سومرو، اياز گل، ۽ تنوير عباسيءَ سان صلاحون مشورا شروع ڪري ڏنم. سرڪاري ملازم هئڻ ڪري ڪن دوستن ٻڌايو تہ دعوت تہ روح ۾ پيهي ويندڙ آهي، پر اين- او- سي اسلام آباد مان ئي وٺڻو پوندو. جيڪا ڳالهہ سنڌي هئڻ جي گنهگاريءَ ڪري ٻهرن کان ٻيرن گهرڻ برابر هئي. سوچيم: گنج تان پگهر اُگهڻ لاءِ مونکي بہ گنجي وارو رومال هٿ ۾ کڻڻو پوندو. ٻهرن کان ٻير گهرڻا ئي گهرڻا آهن. پاٿيءَ ۾ لٺيون ضرور هڻبيون. مورڙو ٿيڻو آهي تہ مانگر جي مُنهن ۾ منڊيءَ پر بہ داخل ٿيڻو آهي، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جي سرواڻ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ اين- او- سي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ رڳو اسلام آباد واري شينهڻ جي وات مان گرهہ ڪسڪائي وٺڻ جو ڏس ڏنو، پر گهربل فارم بہ موڪلي ڏنائين. ٻڌايو ويو تہ داخلا واري وزارت ڪانپوءِ ڪاغذ ڪئبينيٽ ڊويزن ڏانهن بہ وڃڻا آهن. سيمينار 26- آڪٽوبر 1990ع کان شروع ٿيڻو هو. ۽ مونکي 21 آڪٽوبر تائين ڪاغذن جي پيري ڪُري جي سڌ سماچار نہ پئجي سگهي، جڏهن تہ شيخ اياز بہ پارت روانو ٿي چڪو هو. پارت پهچڻ مون لاءِ سج کي ترِيءَ هيٺان لڪائڻ برابر هو. اهي پٽٽان اياز سان بہ پٽي چڪو هُئس. پوءِ بہ اياز مونکي سيمينار جي ڪنوينر سائين ٺاڪر چاولا ۽ مانواري گوبند مالهيءَ جا فون نمبر نوٽ ڪرائي ڇڏيا هئا، جيئن منهنجو ڪم ٿي وڃي تہ مان ميزبانن کي اطلاع ڪري هڪ مهمان جي حيثيت ۾ مانائتي نموني پارت پهچي سگهان. اِها ڏاهہ مونکي اياز ئي ڏني هئي. ميزبانن وٽ مان ڪيئن پهتس، سا مونکي خبر آهي، پر پوءِ بہ مان اياز جو ٿورائتو آهيان، جنهن چڱي وات وٺائڻ لاءِ منهنجي رهبري ڪئي هئي.

مونکي 22- آڪٽومبر تائين اين- او- سي نہ پهتو. اُن ڪري آسرو لاهي، مٺي بہ ماٺ تہ مُٺي بہ ماٺ ڪري ويهي رهيس. اِن اَنڌ مانڌ ۾ هيس جو اسلام آباد کان فون آيو تہ گهربل اين- او- سي ڪوريئر سروس ذريعي مونکي 23-

منڙي امڙ) اسان کان ڏار ٿي وڃڻ ڪانپوءِ بہ مونسان گڏ آهي سنديس آسيس پرين هٿن ۾ اجان بہ جوٺر جي ماني ۽ کير جو گلاس ڏسان پيو. جا هاٿي بہ تاجل. تاجل، پڪاري، مون ڏانهن ماني کنيو پئي اچي. ڪاش! هوءَ چار مهينا زنده رهي سگهي ها، تہ جيئن مان کيس سُرها لونگ ۽ ڦوٽا ڏئي سگهان ها.

ڀارت جا سنڌي جڏهن سنڌ جي سرزمين تي پهريون قدم رکندا آهن تہ گوڏا کوڙي، سنڌ جي ڌرتيءَ کي چمندا آهن. ڀارت جي سر زمين کي ڏسي، گوڏا کوڙي، اُن ڌرتي- ماتا کي چمڻ مون لاءِ جيڪڏهن ڪبيرو گناه سمجهيو ويندو، تہ پوءِ اُنهن جلاوطن سنڌين کي واري واري سيني شان لڳائي، ڪنهن جا هٿ، ڪنهن جا ڳل، ۽ ڪنهنجو مٿو چمي، ياترا پوري ڪندس.

مٺيان وسواس ۽ ويچار اجان ڪٿائي ڪين هئا، جو ڪنن تي آواز آيو تہ هاٿي ٿوري دير ڪانپوءِ اسان بمبئيءَ جي بين الاقوامي هوائي اڏي تي لهڻ وارا آهيون. ڪڙڪيءَ کان سنڌ وارن سنڌين جي نئين ديس تي نظر ڊوڙايم. مونکي تہ سنڌ جهڙي پاڪ پوتر مٽي، پاڻي ۽ سنڌ وارا ئي وڻ پئي لڳا.

جهاز مان لهي، پاسپورٽ هٿ ۾ جهلي، وڃي قطار ۾ بيٺس، اصل ويزا تہ هتي ئي لڳڻي هئي. هڪ همسفر جي صلاح تي لمبي قطار مان نڪري، اجان ننڍيءَ قطار ۾ بيٺس ئي مس تہ هڪ ڀارتواسيءَ، (قميص- ڪڙتو پاتل) منهنجي پاسپورٽ جو رنگ سڃاڻي چيو: "Oh, this is a VIP passport! How are you, Sir? Please come along with me." مون هڪ بہ جملو ساڻس اردوءَ ۾ ڳالهايو. ويچارو اردوءَ جي هڪ هڪ لفظ کي پنهنجي وانگر پيٽ مان ڪڍي، مروڙي سروڙي پيو ڳالهائي. لڳي پيو تہ مون واري گاسليٽي اردو سندس اردوءَ کان بهتر هئي.

پلي ماٿس مونکي ڪرسيءَ تي ويهاري، منهنجي سامهون ڪائنٽر تان ڪاغذ پٽ چيڪ ڪرائي، نئون پروانو ٺهرائي، نوان پراڻا ڪاغذ اچي منهنجي هٿ تي رکيا. مون هيٺين لفظن ۾ سندس ٿورا مڃيا:

"Thank you very much, Sir! I am peronally gratefull. you have generously shared my enxieties and obliged me beyond my expeetations."

مونکي هن دوست جي اخلاق ۽ همدردين ۾ ڪو بہ شڪ ڪونہ هو. پر، پوءِ بہ اخلاقي طور ڪائونس پڇيو پيو: ?Any thing for me هن !No, Sir چئي، پنهنجو فون نمبر ڏنو ۽ چيائين تہ واپسيءَ تي بہ کيس ياد ڪيو وڃي.

هن يارڙي جڻ تہ ڀارت جي مُکُ دروازي (Main gate) تي پهچندي، منهنجو اهڙو تہ آدر ڪيو جو سندس ٿورا نہ ٿورن جهڙا سمجهي، مون اُنهن ٿورن کي پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر جي سُڪاٽي (SOUL SPIRIT) شري ٺاڪري چاولا واري پلڙي ۾ رکي ڇڏيو، ۽ منهنجي تارازيءَ جو پلڙو خالي ئي رهيو.

ايئرپورٽ تان ڪنهن کي بہ فون ڪونہ ڪيم. ٽيڪسيءَ جا پئسا پياري،

وڃي پنهنجي سيٽ تي ويٺس. اڄ سنڌي اخبار جون سرخيون پئي پڙهيم جو جهاز رَن وي ڏانهن رڙهڻ لڳو ۽ ٿوري ويرم کانپوءِ ڳاٽ اوچو ڪري، هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. منهنجي ذهن مان ويچار- ڌارائون سڄ جي ڪرڻن وانگر ڦٽي نڪتيون. اڪيلو ئي اڪيلو، نه سنگت نه ساٿي. سوچيم ته اياز ويهين تاريخ روانو ٿي ويو آهي ۽ مان پنجويهينءَ پيو وڃان، سوبه بنا اطلاع جي. دعوتي جيڪي اچڻا هوندا، سڀ ته اچي چڪا هوندا. ايئرپورٽ تي ڪنهنجي پليڪار ڪرڻ کان بي نياز، رڳو پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر جي ائڊريس جو سهارو، هيو ٿيو پلو. ايترو آٿت ضرورهئو ته مان پنهنجن ڏانهن پئي وڃس، ڌرتي- ڄاين ڏانهن 'اُنهن ڏانهن' جن جي وڏڙن کي منهنجن ابن ڏاڏن سان گڏ گذاريندي صديون گذريون هيون. اُنهن انسانن جا، مِڙن ماڻٽن ڏانهن جن جو سرير سنڌ جي خوشبودار مٽيءَ مان جڙيل آهي. ماٺهو، ماٺهن سان ئي سٺو لڳندو آهي، اُن ڪري پنهجن ۾ پهچي مان به سيني کي سٺو لڳندس. ڪيرت، اُتم، گوبند، هري ۽ موتيرام مونسان ڳراٽڙي پائي ملندا. سندري، پوپٽي ۽ ڪلا کي ڏسي، مونکان منهنجون پنٽي چڏي آيل ڀينرون وسري ويندون. منهنجو نيڻ، نئڻ نري پوندو. منهنجي ڪايا قيمتي ٿي پرندي، سرير کي سونهن ملندي. ماٺهو ته ماٺهو آهي، پکي به وڳر سان ويهي وڻن جي سونهن ۽ سندرتا وڌائيندو آهي. شام ويلي واهيرن ڏانهن ورندي، پکين جي اُڏام هر شام کي معنيٰ بخشيندي آهي. مان ته اُنهن ڏانهن اُڏاڻو ٿي وڃس، جن جون ڪيئي ڳاڙهه- سريون شامون ۽ کير جهڙيون اجريون پرڀاتيوُن سنڌ ۾ گذريون هيون. اُنهن جلاوطن ڪيل ڀينرن ڏانهن، جن جي معصوم چهرن تي چيٽ جهڙيون باکون ڦٽنديون هيون. اُنهن مائرن ڏانهن جن جي مامتا کي چڪيا تي چاڙهيو ويو هو. اُنهن سرويچن ڏانهن، جن ڌاريءَ زمين تي به بک ۽ بيروزگاريءَ سان جنگيون جوٽي، جياپي جي مهاڀاري لڙائي کٽي ورتي آهي. مان هيري ٺڪر کي به وڃي ڏسندس، جنهن قاضي قادن جي 112 بيتن کي چنبڊي چاٽي روشنيءَ ۾ آڻي، پاڻ کي ابد تائين زنده ڪري ڇڏيو آهي. مان شاه جي شارح، پارکو ۽ عاشق ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا به وڃي هٿ چمندس. مان سنڌي ادب جي ليئن (ڪيرت ٻاٻاڻي) جي به آسيس حاصل ڪري سگهندس. موتي، لڇمڻ، وشنو، موهن، هيري ۽ ڪمل سان جڏهن ڀاڪر پائي ملندس، ته منهنجي ڪايا به قيمتي ٿي پوندي. ڪلا، پوپٽي ۽ سندريءَ جي مٿي تي جڏهن سنڌ جون چُنيون رکندس ته ڀارت ۾ به ٽن سڳين ڀينرن جي هڪ ڀاءُ جو اضافو ٿي پوندو، جيئن سنڌ ۾ ڦتان، دُران ۽ بصران جو ڀاءُ آهيان. اِن کان وڌيڪ مان اُن شهر ڏانهن پئي وڃس جنهن کي ڏسڻ لاءِ امان ساٿڻ ورهاڱي کان اڳ دعائون ڪندي هئي. پينگهو لوڏي، پيرن فقيرن جا گيت به مونکي منسوب ڪندي هئي. مان اُن ميئيءَ مان ڀينرن لاءِ گيگم جا جورا به آڻيندس ۽ لونگ، ڦوٽا به. جن کي اچي امان ساٿڻ جي سماڌيءَ تي چڙهيندس. اُها لونگن- ڦوٽن واري مائي پناه خاتون (منهنجي

ڪوڙي ڪرڻ لاءِ ليٽي پيس. پارت ورش ۾ سنڌين وٽ وڃان ۽ ننڊ ڪري سگهان! پاسا ورائيندي، ويچار- ڌارائن مان پار پوندي، ننڊ جي ديويءَ اڃان پاڻُ ئي ڪين پسايو هو، جو فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي:

”تاجل! اڃي وئين نہ؟ خوش آهين نہ؟؟ مان ارجن شاد پيو ڳالهايان. رات جي ماني- پاٽي ۽ اوهان سان ڪچهري منهنجي گهر ٺئي ٿيل آهي، سڃاتئي نہ؟؟؟...

ارجن شاد جا هِي پهريان لفظ هئا، جن هوٽل ۾ پهچڻ ڪانپوءِ منهنجي پليڪار ڪئي هئي ۽ پوءِ ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، نند جويريءَ... جا فون ايندا رهيا. ارجن جا لفظ: سڃاتئي نہ؟ ذهن تي متر ڪا وسائڻ لڳا.

ارجن شاد جي مانيءَ بابت اسانجي ميزبان ٺاڪر چاولا اڳ ئي ڪن ۾ سرٻاٽي چڏيو هو. پر پوءِ بہ ٺاڪر چاولا جو فون آيو تہ مان هوٽل ۾ ئي رهان، جتان نند جويري جي رهنمائيءَ ۾ اسان ڊاڪٽر ارجن شاد وٽ پهچنداسون.

ڊائريءَ ۾ لکيو هيم: ”بمبئيءَ ۾ پهچندي ئي ائين جهٽجي وياسون جيئن باز جهٽي ڳيري کي. باز جو جهٽڻ استحصالي قوت جو جابراڻو عمل ۽ اهڃاڻ آهي، جنهن ۾ باز ٻنهي چنبن سان ڳيري کي چيري ڦاڙي ويهي پنهنجي ڳُجهي پريندو آهي ۽ پوءِ ڌرتيءَ تي رڳو رت جا نشان ۽ ڳيري جا کنڀ رهجي ويندا آهن. اسانجو جهٽجڻ، ڪو ٻيو جهٽجڻ هو. هن جهٽڻ اسانجي جسم تي ننهن جو نشان بہ نہ ڪيو هو. پيار ۽ پاٻوهہ جو هڪ اٿاهہ سمنڊ هو، جنهن جون لهرون اسانکي هر طرف کان ويڙهي ويون هيون. پنهنجن وڏڙن جي ماڳن ۽ مڪانن تان وڻ وانگر پٽجي، هِت پهتل، اسانکي موهي مست ڪري ڇڏڻ وارو، اُهو هند ۾ رهندڙ ارجن شاد هو.“

رات جو ٺئي ٿيل وقت تي اسانجو دلبر شاعر ۽ پيارو نقاد نند جويري پنهنجي ڪار ۾ وهاري، اسانکي جُهوءَ ۾ ارجن شاد جي گهر وٺي آيو. مان، شيخ اياز ۽ اسانجي پاڄائي زرينہ اياز. ايتري ۾ استاد فيروز گل بہ پهچي ويو. ارجن ۽ سندس لُڏڻ پاڄائي موهني، آدر ڀاءُ ڪرڻ ۾ پورا ئي نٿي پيا. ڪٿي وهارين! اکين ۾، اکڻ ۾ يا پلنگن ۽ پٿراڻين تي!! جنهن جاءِ تي وهارڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائون، اُتي ارجن جون ٻئي اکيون وڇايل هيون. گهَر جي هر در ۽ ديوار تي پاڄائي موهنيءَ جا عڪس ۽ اولڙا هئا، جنهن جڻ تہ ارجن جو گيت ”اُها زندهہ رکندس ٻولي.“ ڳائي، اسانجي پليڪار ٿي ڪئي. جنهن ڳوٺائيءَ اسانکي دعوت ڏئي گهرايو هو، سو بہ سگهڙ ٻاهرو اچي سهڙيو، يعني ڀاءُ ٺاڪر چاولا ۽ ڀيڻ پارو. جنهن بہ ڳلي سان ٿي لڳايو، اُن جي سرير مان سنڌ جي مِٽيءَ جي پِني خوشبوءِ ٿي آئي، جنهن وجود کي واسي ٿي ڇڏيو. اُهو ئي پنهنجائپ وارو سهڻو ۽ سنگ، پيارءِ پريتڙو. اُهوئي جنم- ڀوميءَ وارو ڇڇي ڌار ٿي نہ سگهندڙ اتوٽ انگ.

خوب رهاڻيون ٿيون. فوٽا نڪتا ۽ پوءِ ارجن شاد اسانکي ڊِوَ تي پاٽي پياري،

ٽيڪسي پڪڙي، مهمان نہ، پر ميزبان واري حيثيت ۾ رام پنجواڻي سينٽر پهتس.
منهنجي پهچڻ جو سائين ٺاڪر چاولا کي فون تي اطلاع ڏنو ويو. جنهن فون تي پليڪار چوندي، هدايو تہ هو ڏهن پندرهن منٽن ۾ سينٽر ٿو پهچي. مون اچان منهن تي پاڻيءَ جو ڇنڊو مس هنيو تہ ٺاڪر چاولا آفيس ۾ پهچي ويو. هلڪڙو مرڪ مون سان ڀڪجي ويو. چي: مون کين فون تي اطلاع ڇونہ ڏنو، يا ايئرپورٽ پهچي کين فون ڇونہ ڪيو؟.. هدايائين تہ شيخ اياز جي احوالن مان کين پڪ ٿي وئي هئي تہ تاجل سيمينار ۾ شريڪ ٿي ڪونہ سگهندو. وڌيڪ هدايائين تہ سنڌ مان غيرسرڪاري ملازم جن کي اين- او- سي وٺڻ جي ضرورت ڪانهي، سي ئي پارٽ ۾ مشڪل سان وارد ٿي سگهن ٿا، مان تہ اين- او- سي وارو مهمان هئس، جنهن کي جهٽ هٽي مرگلا پهاڙين جي شينهڻ جي وات مان اين- او- سي ڇڏائڻو هو. اُن ڪري ميزبان منهنجو آسرو لاهي ويٺا هئا.
هڪ ہئي کي واقفيت ڪرائڻ ڪانپوءِ معلوم ٿيو تہ اسان ہئي ڳوٺائي آهيون. ٺاڪر چاولا راڌيپور جو ۽ مان سوڀوديرو ڪان ٽن ميلن جي مفاصلي تي سنڌوءَ جي ڪاهي ڪپ تي ہڏل ننڍڙي ڳوٺ پير حيات شاهہ جو، جتان راڌيپور پارنهن ميل ڪن پري آهي. شري ٺاڪر چاولا ہدايو تہ راڌيپور وارو سچل سرمست ڪاليج سندن ئي جاءِ ۾ کوليو ويو آهي، بس، پوءِ تہ هڪ ہئي کي ڳوٺائي چئي، هڪ دفعو وري پاڪر پائي، پاڻ کي گهڙيءَ پل جو آٿت ڏئي، چانهہ پيئڻ کي لڳي وياسون. جنهن ڪانپوءِ مونکي سينٽر واري بلڊنگ ڏيکاري وئي، جنهنجا ہہ هال تقريبن لاءِ مخصوص ٿيل آهن. مٿئين هال ۾ سرڳواسي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سمادي (آخري آرام گاهہ) ۽ اُڏيري لعل جي خانقاهہ جوڙي وئي آهي. تهخاني ۾ آرٽ گئلري ۽ زميني حصي جي هڪ ڪنڊ ۾ آفيس قائم ڪئي وئي آهي.
هند جي سنڌي ادب جو جائزو وٺبو تہ خبر پوندي تہ ادب جي ٽن دؤرن رومانوادي، ترقي پسند ۽ جدت پسند (من وگيان، سماج وگيان ۽ الٽ وگيان) جا تخليقڪار دين ڌرم جي قيد بند ڪان گهٽي پاڳي اَجا پئي رهيا آهن. پر هند جي رام پنجواڻي ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ ۾ قائم ڪيل اِن قسم جي مرڪزن کي جاچبو تہ پروڙ پوندي تہ ادب ۽ مذهب ريل جي ہن پٽن وانگر ويندي ڏسڻ ۾ ايندا. ادب جي ڦهلاءَ جي جاءِ ڪهڙي ہہ هجي، هرڪو پنهنجي ئي مقصد جي موڙين سان جهول پري، رمندو رهي ٿو. هن قسم جو وڇ وکر اسانکي بمبئيءَ کان ڀوپال ۽ آديپور کان الهاس نگر تائين ويڇيندي نظر ايندو. سنڌ ۾ ہہ سن جي سائينءَ جي تحريڪن بزمِ صوفياءِ سنڌ جي مشاعرن ڪانوڻي شاهہ، سچل، نانڪ ، لنواريءَ جي لال ۽ جهوڪ جي درگاهن تائين اِهو سلسلو ڳنڍيل نظر ايندو.
گاڏيءَ ۾ وهاري، مونکي روز وڊ (Rose- wood) هوٽل آندو ويو، جتي اسانجي ادبي قافلي جو اڳواڻ شيخ اياز ترسيل هو. منجهند جي ماني کائي، ڪا جهٽ اک

لڳي، ڇڻ ڪير جي بوتل سان ٻارڙي جو ڪوبہ رشتو ڪونهي ۽ پوءِ بہ ماءُ پنهنجي ٻارڙي کي ڀڳوان جو روپ سمجهي، بار بار پيار سان ڳڻ سندس پوڄا بہ ڪري رهي آهي. ٻارڙو، جيڪو سندس جسم جو حصو آهي، جيون جي تصوير آهي، ماميتا جو چٽ ۽ ماءُ جو آدرش آهي.”

سنان- پاٽيءَ ڪانپوءِ نيرن ڪري، اسان: نند ۽ مان- شيخ اياز جي ڪري هوٽل ڪان ٽيندا، سيتا سنڌو پون پهتاسين. شيخ اياز اسان ڪان اڳ ئي رام پنجواڻي ثقافتي مرڪز ڏانهن روانو ٿي چڪو هو- نند ۽ مان ٿورڙو دير سان پهتاسون، جنهن جو خاص سبب هوٽل ۾ نہ ترسڻ ئي ٿي سگهي ٿو. اُن رات ڪانپوءِ دير مدار سان بہ مان اچي هوٽل پيڙو ٿيندو هئس. نند جويريءَ کي ايڏو تہ ڇرڪ آيو، جو هُن پنهنجو عارضي آسڻ ئي مٽائي ڇڏيو.

ماني ڪارائي، هوٽل روانو ڪيو. هوٽل ۾ لهڻ بدران مان نند جويريءَ سان ڀولا ڀائي روڊ تي واقع شيام نواس هليو ويس.

ٻئي ڏينهن تي هوٽل پهچي، تياري ڪري، اسانکي سيمينار جي افتتاحي تقريب ۾ ڏهين وڳي سيتا سنڌو ڀون (بمبئيءَ جو اُپنگر) پهچڻو هو. جتي پروفيسر رام پنجواڻي ثقافتي مرڪز جي آڊيٽوريم ۾ شاهه، سچل، سامي سيمينار جو افتتاح ٿيڻو هو. جيڪو سنڌ جي موجب شيخ اياز ڪري رهيو هو.

ارجن جي رات واريءَ دعوت ڪانپوءِ پهرينءَ رات ئي مونکي ڪمري ۾ نه ڏسي، ميزبانن ۾ شيخ اياز کي ڪافي هرڪر ٿي، ته مان هڙي بيگاهه وقت بنا اطلاع جي ڪاڏي هليو ويس!

"مان نند جويريءَ جي گهر ۾ آهيان.

ڪير جهڙو اڄو اجرو صبح ڦُٽي پيو آهي. اجهو ٿو سج اُڀري. لڳي ٿو ڌرتيءَ تان رات جي ڪاري چادر لاهي، ڪنهن خلائن جي ورن وڪڙ ۾ اُڇلي ڇڏي آهي. پر واريءَ بلڊنگ جي ڇت تي ڪبوترن صبوح جو سرگم ڇيڙي ڇڏيو آهي. منهنجي سامهون وشال سمونڊ آهي، جيڪو اپ جو حصو پيو لڳي. ٻيڙين جي هڪ قطار آهي، جتان هڪ لهر اُٿي آهي. سڙهن جا ساڪا تنل آهن لهر پٺيان ٻيڙين جي قطار ائين ٿي لڳي، جڻ پوپٽ ڦڙڪي، ڦڙڪي، ٽڪجي، رابيلن جي لامن تي سمهي پيا آهن."

عينڪ اکين تي چاڙهي، مان نند جا ڪتاب ڏسڻ لڳس. ڪتابن جي نالن مان مون پروڙي ورتو ته نند جي جديد شاعريءَ ۽ تنقيد تي سندس مشاهدي (Observation) ۽ تجربي (Experience) کان وڌيڪ مطالعي (Study) جو اثر آهي. ڪجهه شاعرن کي پڙهڻ ڪانپوءِ مون ڏٺو آهي ته ڀارت ۾ اڄ ڪلهه واري جديد شاعريءَ (جديديت) ۾ ٻه ٻن قسمن جا لاڙا ملن ٿا، جن مان هڪ ۾ اسانجو دوست نند جويري اچي وڃي ٿو. جيڪو ڪافي متيري جڳهه تي ويٺل نظر اچي ٿو.

منهنجي نظر وري به ڪڙڪيءَ ڏانهن کڄي وڃي ٿي. مان عينڪ لاهي، ڪڙڪيءَ وٽ اچي ويهان ٿو. لڳي ٿو جڻ دوربين اکين تي چاڙهي، ڪاري ۽ ڪيڙائن جو نظارو پيو پسان.

"هاڻي ته سج اڀري آيو آهي. ڌرتي- ماتا پنهنجي پيشانيءَ تي سندور جو ٽڪو لڳائي، اچي سامهون بيٺي آهي." مان نند کي سڏي، ڪيس نظارو ٿو ڏيکاريان. "سمنڊ جي هڪ حصي کي جڻ ڪو ڪتي ڪُنيي ويو آهي. هاڻي ڌرتيءَ- ماتا مٿي تي (ڪرڻن جي) ڪنيل چادر به اوڙهي ورتي آهي. هيٺان بلڊنگ جي ڇت تي هڪ عورت آهي، جيڪا پنهنجي ٻارڙي کي کيڏائي رهي آهي. ٻارڙو ٻوڙي، ماءُ وٽ ٿو اچي ۽ ماءُ کي هٿ لائي، ڀڄي ٿو وڃي. سندس ماءُ بار بار ڪيس کير جي بوتل آڇي رهي آهي. ٻارڙو ڪنڌ ڌوڻي، انڪار ڪري، ڀڄي ٿو وڃي. ائين ٿو

سرگرمين تي پلي لکين ۽ ڪروڙين روپيا خرچ ڪري، پر جيستائين اسان پنهنجو هوتو پاڻ نہ هارينداسين، تيستائين اِتي جو اِتي بيٺا هونداسين. هونءَ تہ هِتي هِن هال ۾ هِن کان اڳ بہ ڪيترائي مشاعرا ڪرايا ويا آهن. هڪ عاليشان رنگ برنگي پروگرام تي چڪو آهي، جنهن ۾ روائتي جهومر پيش ڪرڻ لاءِ ڪلياڻ کان سنڌي عورتون گهرايون ويون هيون. ٺاڪر چاولا هڏايو تہ اجان بہ ڪجھ اڳتي وڪ وڌائڻ لاءِ سوچيو ويو تہ سنڌ مان شاعرن ۽ اديبن کي گهرائي، سيمينار کي هند سنڌ جو رنگ ڏنو وڃي. هِن مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ هتان جي ڪيترن ئي ادب شناس دوست احبابن دل کولي سهڪار جو هٿ وڌايو. هڪ مهربان تہ سندس ڪيسو پري ڇڏيو ۽ چيائين تہ سندس نالي ظاهر ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. چاولا صاحب هڏايو تہ اُهو سخي مرد هاڻي بہ هِن محفل ۾ اسان سان گڏ ويٺل آهي.

شري چاولا اعلان ڪيو تہ اسان جوت جلائي، سيمينار جو افتتاح ڪرايون. ان کان اڳ دبئي کان آيل سنڌيءَ جي برک شاعر موتي پرڪاش کي وينتي ڪندس تہ هو منچ (اسٽيج) تي اچي سنڌ کان آيل مهمانن جو تعارف ڪرائي.

موتي پرڪاش مختصر لفظن ۾ مهمانن جي پليڪار ڪندي، سڀ کان پهريائين شيخ اياز جو تعارف ڪرايو، جنهنجو اختصار هن ريت آهي:

"شيخ اياز جو اصل نالو شيخ مبارڪ آهي، جيڪو 1923ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو هو. شروعاتي دؤر ۾ شيخ صاحب ڪيئلداس 'فاني' کان شعر جي اصلاح ورتي. (جيئن تہ فاني صاحب تقريب ۾ موجود هو، اُن ڪري هال ۾ زوردار تاڙيون وڄايون ويون) شيخ عبدالرزاق 'راز' ارجن شاد، هري دلگير، نارائن شيام، ڪيئلداس 'فاني' ۽ شيخ اياز هڪ ئي دور جا شاعر آهن. 1962ع کانپوءِ شيخ اياز جي لکڻين ۾ تيزي آئي. اُن وقت 'ڳاءِ، انقلاب ڳاءِ' شيخ اياز جو مشهور ڪلام هو. سندس خاموشيءَ وارو دؤر وائس چانسلريءَ وارو زمانو آهي. بيت ۽ وائيءَ کي اياز نئون رنگ ڏنو. اياز جي نثر ۾ بہ سنڌيءَ جي سگنڌ ايندي آهي. سنڌي قوم لاءِ اياز ڪيترين ئي قربانيون ڏنيون آهن، جنهن لاءِ ڪيس جيل بہ ڀوڳڻو پيو ۽ پوءِ بہ اياز پنهنجي عزم سان وفادار رهيو آهي ۽ اجان بہ نڀائيندو پيو اچي." شيخ اياز جو تعارف ڪرائيندي، موتي پرڪاش هڏايو تہ هڪ تقريب ۾ اياز هڪ شعر پڙهيو هو، جيڪو اياز جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ ڇپيو آهي. اياز شايد پاڻ بہ اُهو شعر وساري ڇڏيو آهي. شعر آهي:

"هاءِ خاموشيون، هاءِ اداسيون
ترسو، ترسو اي ڇوماسيون."

شيخ اياز کانپوءِ موتيءَ استاد فيروز گل جو تعارف ڪرايو:

"استاد فيروز گل سنڌي سنگيت جو هڪ مقبول فنڪار آهي، جنهن ويهارو کن فلمن ۾ موسيقي ڏني آهي ۽ هزارن جي تعداد ۾ ڪئسٽون تيار ڪرايون آهن.

ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ سنڌين جو وڏي ۾ وڏو ميڙاڪو:
'شاهه، سچل، سامي سيمينار'

سينٽر جو هال سنڌ، الهاس نگر، بمبئي، پونا، دهلي، گانڌي ڌام، آديپور، احمد آباد، جيپور، ڀوپال، جلگائون ۽ دبئي کان کهي آيل اديبن، شاعرن نقادن ۽ پارکن سان ايڏو ته ڀريل هو، جو منجهس تر ڇٽڻ جي به جاءِ ڪانه رهي هئي. ڪرسين تي ويٺلن ڪانسواءِ هال جي پاسن ۾ پانوندن کان به ماڻهو ئي ماڻهو ٿي نظر آيا. اهڙي ماحول ۾ شري ٺاڪر چاولا سينٽر جو تعارف ڪرائي رهيو هو. خبر پئي ته ڌرتي- ڄاين جي ٽيتاليهن (43) سالن جي وڇوڙيَ کانپوءِ اِهو پهريون دفعو هو، جو ايڏي وڏي پيماني تي هند سنڌ جا اديب، عالم، پارکو ۽ شاهه جا عاشق اچي هڪ پليٽ فارم تي ڪٺا ٿيا هئا. زندگيءَ جي هڪ وڏي لاپ ڪارڻ پارت جي سنڌي قبيلن طرفان بمبئيءَ جي اُپنگر سيتا سنڌو ڀون ۾ قائم ڪيل پروفيسر رام پنجواڻي ڪلچرل ائنڊ لٽرري سينٽر جي آڊيٽوريم ۾.

هر ڪنهن جو چهرو مرڪن سان سينگاريل هو. هر مکڙي مان سج ايري پيو هو. هر ماڻهوءَ جو من موتئي گل جيان ٽڙي پيو هو. هر چهرو صدين جو ڇاتل سڃاتل چهرو هو. هڪڙو ئي رت هو، جيڪو هر جسم جي نس، نس ۾ ڊوڙي رهيو هو. "جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي" ڪنهن ڪلهي تي ٿياس نه، پر ڪو نديڙو هيمون به نظر اچي رهيو هو. ائين ٿي لڳو، ڄڻ برلن جي ديوار اورانگهي، هڪ ئي ڌرتيءَ جي پيٽ مان جنم ورتل انسان هڪ ٻئي جو آدر ڀاءُ ڪندي، ڀُورائي نئي پيا، ۽ هاڻي هڪ ٻئي کي ٻُڌڻ لاءِ هڪ- ڪَٺا ٿي اسٽيج ڏانهن نهاري رهيا هئا.

شري ٺاڪر چاولا رام پنجواڻي سينٽر بابت ٻڌايو ته شروعات ۾ هتي هڪ نديڙو بنگلو ٺاهيو ويو هو، جو ناڪافي هو. پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو مقصد هو ته هتي هڪ وڏي ساهتڪ اڪيڊمي ۽ ثقافتي مرڪز هئڻ گهرجي، جنهن ۾ ساهتڪ ٻيٺڪون ڪيون وڃن. هن مرڪز کي هڪ وڏي لئبرري ۽ ريسرچ جي ڪم لاءِ هر سهولت هئڻ گهرجي. هند ۽ سنڌ جي ڳائڪن ۽ فنڪارن کي صوفيانو ڪلام ڳائڻ جو موقعو ڏنو وڃي. چاولا صاحب ٻڌايو ته سرڪار ڀولي ۽ ثقافتي

سنڌ کان آيل مهمانن جي تعارف ڪانپوءِ مائيڪ وري بہ ٺاڪر چاولا سنڀاليو، جنهن ٻڌايو تہ هي پهريون دفعو آهي جو هِن سيمينار ۾ هند- سنڌ جا اديب ۽ شاعر اچي شريڪ ٿيا آهن (تاڙيون). ٻڌايائين تہ موتي پرڪاش ڪانپوءِ باقي اسانجا دبئي وارا اديب ڪن اڻ- ٽر مجبورين ڪري شريڪ نہ ٿي سگهيا آهن، مگر هنن تار موڪلي، اسان سان نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو آهي ۽ هيڏي وڏي پيماني تي هند- سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ تي واڌايون موڪليون اٿائون. شري ٺاڪر چاولا اعلان ڪيو تہ هاڻي سيمينار جو مهورت جوت جلائي، سنڌ کان آيل مک مهمان شيخ اياز ڪندو.

شيخ اياز شمعدان ۾ رکيل ميڻ- بتيون جلائي، سيمينار جو آغاز ڪيو. پنج ئي جلايل ميڻ- بتيون ڪجھ وقت تائين ٻرنديون رهيون- سنڌن شعلا بجلي- پکن جي هوا تي گردنون جهڪائي، هند- سنڌ جي آيل مهمانن جو پرنام ڪندا رهيا. اِن وچ ۾ اسٽيج تي ويٺل مهمانن: شيخ اياز ۽ پيٽ زرينہ اياز کي هار پارايا ويا. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي سندس عقيدتمند شاگرد پروفيسر ايم- ايس آڏواڻيءَ (رام پنجواڻي ٽرسٽ جو سيڪريٽري) گلن جو هڪ پيتا ڪيو. جنهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر ارجن شاد مهمانن جي پليڪار لاءِ اسٽيج تي آيو. ارجن چيو تہ هِن تي هڪ خام خيال ويٺل هو تہ هِن ڪان اڳ ڀارت ۾ جيڪي بہ ادبي سيمينار ۽ ساهتڪ ميڙاڪا مچايا ويا آهن، انهن جهڙو لاثاني بيو ڪو ميڙو مچائڻ مشڪل ٿيندو. پر اڄ پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر پاران ٺاڪر چاولا جو ههڙو بندوبست ڏسي، مان دنگ رهجي ويو آهيان! هِي سيمينار سچ پچ هڪ انٽر راشٽريہ سطح جو سيمينار آهي. ٺاڪر چاولا بيشڪ هڪ معجزو ڪري ڏيکاريو آهي. ارجن چيو تہ هو اليڪشن ۾ هارايل پارٽيءَ وانگر پنهنجي هار مڃي ٿو (I Concede my defeat). هندستان جا اديب هجن، سا ڪا وڏي ڳالھ ناهي، هتي تہ سنڌ ۽ دبئي جا اونچا اديب ۽ شاعر آيل آهن، جن جو ڪو جواب ناهي. سنڌ مان آيل اديب بين الاقوامي مڃتا (International recognition) وارا اديب آهن. هندستان جا بہ وڏا اديب ڏسي، مونکي تمام وڏي خوشي ٿي آهي. پارڪو ۽ پانڪ بہ چوٽيءَ جا اچي ڪٺا ٿيا آهن. ڪين آڏر ڀاءُ ڪندي، مان فخر ٿو محسوس ڪيان. هِي ماحول ڏسي، مان چئي سگهان ٿو تہ اسان پنهنجي تحريڪ جي هاڻي چوٽيءَ تي پهتا آهيون. ارجن مهمانن تان ٻلهار ويندي، چيو تہ اسانجي ادبي تحريڪ ٽيتاليهن سالن ڪانپوءِ جيڪو روپ ورتو آهي، سو لاجواب آهي، بيمثال آهي. لڏپلاڻ ڪري، اسان ايڏا تہ دُکي ٿي هت پهتا هئاسون جو اسان سنڌين جي حالت ڏسي، چيو ويندو هو تہ ساهتيہ ۽ ادب تہ وڏي ڳالھ آهي، لڏي آيل سنڌي تہ پنهنجي ٻولي بہ وڃائي وِهندا. هِن ڏس ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو ايڏو تہ شاندار ڪردار رهيو، جو هِن سڀا سنڌي ٻوليءَ کي بچائي ورتو. پروفيسر رام پنجواڻي اڪيلي سر هڪ سنسٿا هو،

1980ع ۾ جڏهن مونکي دل جي تڪليف ٿي هئي ته مان هر روز صبح جو ڪئسٽ هلائي، استاد فيروز گل جو ڳاتل ڪلام، ”تنهنجي هجر فراق ۾ ماهِ لقا، نڪي غم ٿو وڃي، نڪي دم ٿو وڃي“ ٻڌندو هئس. استاد فيروز گل جي تعارف کانپوءِ موتي پرڪاش تاجل بيوس جو تعارف هيئن ڪرايو:

’سنڌ منهنجي اِمان، سونهن تنهنجيءَ مٿان....‘ جو خالق، جنهن کي ڳائي، راڳ جي راڻي عابده پروين امر ڪري ڇڏيو آهي. هونءَ ته تاجل بيوس گهڻو ڪجھ لکيو آهي، پر نه به لکي ها تڏهن به ’سنڌ منهنجي امان‘ تاجل کي امر بڻائيءَ ڇڏي ها. شيخ اياز، تاجل بيوس جي ڪتاب ’سنڌ منهنجي امان‘ جو مهاڳ لکندي، ۽ پنهنجي ڪتاب ’ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون‘ ۾ تاجل کي فطرت جو منفرد شاعر (POET OF NATURE) ۽ مصور شاعر سڏيو آهي. تاجل لاءِ شيخ اياز طرفان اِهو وڏو خراج (TRIBUTE) آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ٽن شاعرن: شيخ اياز، استاد بخاري، ۽ تاجل بيوس سنڌيءَ جي ڳم ٿيل لفظن ۽ محاورن کي ڳولي هٿ ڪري، نئين سر جياريو آهي. تاجل جي شاعريءَ ۾ ڳوٺ جو لهجو ملي ٿو. تاجل سچ پچ ڳوٺاڻي ٻوليءَ کي جيارڻ جو ڪم ڪيو آهي. شعر ۾ موسيقيت هئڻ ڪري تاجل جو ڪلام سنڌ توڙي هند ۾ ڪيترن ئي فنڪارن ڳاتو آهي. هن وقت تائين تاجل اسانکي پنج مجموعا ڏنا آهن، جي هِي آهن: جڏهن پونءِ ٻٽي (شعر) انبن جهليو ٻور (نثري نظم) سرجيندڙ ساڻيھ جا (پنج سوَ بيت) سنڌ منهنجي امان (شعر) ۽ ڪاڇي مٿان ڪونج (نثري نظم). تاجل جا ٻه شعري مجموعا ’ڪنڌيءَ ڪوڙ ترن‘ ۽ ’ڪنڌيءَ اڪ ڦُلاريا‘ ڇپائيءَ لاءِ تيار آهن. سندس پهرئين مجموعي کي پاڪستان رائٽرس گلڊ جو انعام ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن پاران گولڊ ميڊل مليو هو.“

تاجل کانپوءِ موتي پرڪاش، طارق اشرف جو تعارف ڪرايو: ”طارق ’سهڻي‘ رسالو ڪڍي، هند- سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي واقفيت ڪرائي آهي. طارق اشرف چڱا خاصا ڪتاب به لکيا آهن. طارق ڪجھ به نه لکي ها ۽ رڳو ’سهڻي‘ رسالو ڪڍي ها ته پوءِ به طارق، طارق هجي ها، طارق ’سهڻي‘ اڃان به ڪڍي پيو. طارق جيل ۾ ويو آهي. مختلف وقتن ۾ سڃا سارا اٺاويھ مهينا جيل ۾ رهيو آهي. خبر ناهي ته هِن يار کي کهڙي ڏوهه ۾ جيل اماڻيو ويندو هو. طارق جيل جي عقوبتن باوجود به لکڻين جو معيار مٿاهون رکيو آهي. سزائون ڀوڳي وري به پنهنجو ڪم وڏيءَ همت سان جاري رکندو آيو آهي. تازو هِن سهڻيءَ جو اياز نمبر ڪڍيو آهي، جنهن جي وڏي واڪاڻ ٿي آهي. طارق جون لکڻيون به خوبصورت آهن. سندس ڇپيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي: ’سونهن، پٿر ۽ پيار‘، ’جيل گهاريم جن سان‘، ’جيل ۾ 22 مهينا‘، (ٻه حصا)، ’اڌ ملاقات‘، ’زندگيءَ جو تنها مسافر‘، ’ميرو ڏاڙيل‘، ’هٿين هٿ ڪڙول‘ انٽرويو ۽ درد جا ڏينهن درد جون راتيون“

شيخ اياز جي پڙهيل صدارتي تقرير ڪانپوءِ مک مهمان ڏاڪٽر چاولا جي ادارت ۾ نڪرندڙ ٽماهي رسالي ’سپون‘ جو مهورت ڪيو. هري موٽواڻي ۽ شُويا رائچنداڻيءَ ويڙهن ۾ سپون جو آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر 1990وارو پرچو ورهايو. اوچي پني تي ڇپيل هِي رسالو سؤ سيڪڙو ادبي آهي، جنهن ۾ ادب ۽ شاعريءَ جي هر رنگ جا گل پوکيل آهن.

چانهه- بسڪٽ جي وقفي ڪانپوءِ شاهه، سچل ۽ ساميءَ تي لکيل مقالن جي بيٺڪ شروع ڪئي وئي. پهريون پيپر هري دلگير کي پڙهڻو هو، جنهن کي گانڌي ڌام (ڪڇ) کان اچڻو هو. سندس غيرحاضريءَ ڪري، سائين دلگير جو پيپر ڊاڪٽر ارجن شاد کان پڙهايو ويو.

مون جڏهن مراد هاءِ اسڪول گمبٽ مان 1959ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هو، تڏهن ماهوار ’نئين زندگيءَ‘ ۾ هري دلگير جا شعر پڙهندا هئاسين. اُن وقت هري دلگير نه، پر هري درياڻي دلگير هوندو هو. سنڌوءَ تي ڇپيل سندس هڪ نظم جا چٽا پٽا چٽ، عڪس ۽ اولڙا اڄ به منهنجي ذهن جي ڪئنواس تي اُڪريل آهن. ڇا ته هِن نظم ۾ رواني ۽ اسلوب جي جادوگري هئي! منهنجي ادبي ياترا ۾ ڪيڏو نه اضافو ٿئي ها، جيڪڏهن مان ادب جي هِن سنڌي شهسوار جو به درشن ڪري اچان ها!

دلگير جي مقالي جو عنوان هو، ’اڄوڪي زماني ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي اهميت.‘ مقالي جي پهرين جملن مان ئي پروڙ پئجي وئي ته دلگير ’ماڻهو‘ ۽ ’ماڻهپي‘ جو قائل آهي، سڀني انسانن جي رت جو رنگ ڳاڙهو آهي ۽ پاڻ ۾ عالمي ڀائيچاري جي بنياد تي هڪ ئي وڻ جو ڦل، پن ۽ لامون آهيون. اُها الڳ ڳالهه آهي ته هند جي مهان ليکڪ موهن ڪلپنا دلگير کي خداوادي اديبن ۾ ڳڻايو آهي، جنهن جو ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو ته دلگير پنهنجي ادبي ڪيتر ۾ ڪجهه اِن قسم جي هوڻن جون اُوڻيون به هنيون آهن. شاهه جي رسالي ۽ ڀڳوت گيتا مان پورَ وچوٽ (Parallels) ڪڍي، دلگير هڪ الڳ مضمون به لکيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو اٿائين ته انهن ويچارن ۾ ڪيڏي نه سمانتا (هڪجهڙائي) آهي! دلگير لکي ٿو ته اڄ دنيا کي گيتا، بائيبل ۽ قرآن جي ضرورت آهي ته اسان سنڌين کي سنڌ جي ٽمورتي ڪوين جي ضرورت آهي. دلگير گيتا کي تياڳ ڏئي سگهي ٿو، پر شاهه جي ڪلام (جيڪو سندس ڀڳتي ڀوليءَ ۾ آهي) تان هٿ نٿو کڻي سگهي.

آخر ۾ ٽنهي ڪوين جي ڀيٽ ڪندي، دلگير لکيو آهي ته ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ پنهنجي وقت جا ڪي سهڻا عڪس چٽيا آهن، پر اُهي گهڻا ناهن. هُن وٽ ڀڳتي وگيان ۽ ڌيان جي امر سمپتي (ڌن دولت) آهي، جا کُٽائڻ سان به کانه کُٽي سگهندي، پر زماني جي حالتن بابت وٽس بلڪل ٿورا سلوڪ آهن. ساميءَ جي سلوڪن جي اٿاهه ساگر ۾ اهڙا سلوڪ بوند برابر آهن، پر سچل جو ڪلام

هڪ ادارو هو، ڪم ڪرڻ جو ڪيس ڏانءُ بہ هو تہ ڏات بہ. رام پنجواڻيءَ ڪري ئي اسان هن وقت اوجن تي آهيون. هِي هال، هي سينٽر سندس تخليق ٿيل آهن. ٺاڪر چاولا پنجن سالن ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو تحسين ۽ تعريف جوڳو آهي. ڪيس جَسُ آهي. ٺاڪر چاولا کي پنهنجي منفرد ادبي حيثيت آهي، ادبي پس منظر آهي. شروعاتي دؤر ۾ چاولا هڪ مخزن ڪيندو هو، جنهنجو نالو هو 'سهڻي' ۽ پوءِ سنڌ ۾ طارق اشرف بہ 'سهڻي' رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو. ارجن چيو تہ هُو سنڌ کي ڇڏڻ سان سنڌي زبان کي سنڌ ۾ ئي ڇڏي آيو هو. هُن چيو تہ هند ۾ رهندڙ اسان جا اديب سئو لکن ٿا، لکون ٿا. (ارجن مرڪندي چيو تہ اِن ۾ هُو پاڻ بہ اچي وڃي ٿو) هِن وقت سنڌن ادب کي هند جي صنعتڪارن، واپارين ۽ وڻجارن جي سخت ضرورت آهي.

ارجن شاد جي پُراثر آجياڻي ڪانپوءِ شيخ اياز کي صدارتي تقرير لاءِ دعوت ڏني وئي. سندس تقرير جا خاص نڪتا هئا:

"پارت ورش جا سنڌيو! سنڌ ديس ۽ اُن جي رهواسي پائرن ۽ پينرن جا اوهان لاءِ پيار... منهنجا اوهان لاءِ پرنام. اوهان مونکي شاهہ، سچل ۽ سامي سيمينار لاءِ گهرايو آهي، جنهن لاءِ مان اوهان جو ٿورائتو آهيان. شاهہ، سچل ۽ سامي سنڌ جي صدين وانگر منهنجي ساهتڪ تاجي پيٽي ۾ اُٽيل آهن. سامي بہ مون لاءِ اوترو ئي اهم آهي، جيترو شاهہ ۽ سچل، ڇو تہ ٽنهي جو نظريو ساڳيو آهي، جيڪو ويهين صديءَ ۾ بہ اوتري ئي اهميت رکي ٿو، جيتري پنهنجي دؤر لاءِ رکندو هو... اِن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ زندگي پٺتي (Reverse gear) نٿي وڃي سگهي ۽ تمدن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميلاپ اسان مان هر ڪنهن تي اثر ڇڏيو آهي. ٽيليويزن، ٽيليفون، ٽيليڪس، ٽيليفيڪس جي ضرورت کان آءٌ انڪاري ناهيان، پر جا ڳالهہ پنيءَ جي پاڻن، سچ لٿي وڻاڻن ۾ آهي، ائٽ تي آرهڙ جي سچ ۾ آهي، اهڙي ڳالهہ اوهانکي جديد تهذيب جي حاصلات ۾ نہ ملي سگهندي...

بئنرجي موهن جي دڙي جو فقط هڪ تهہ کوٽيو هو، جي موهن جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪئي وڃي ۽ اَن مان نڪتل مُهرن تي لکيل لکت پڙهي وڃي، تہ اسانجي تهذيب عراق جي تهذيب کان بہ وڌيڪ قديم ثابت ٿيندي ۽ اسانجي قوم دنيا جي پهرين مهذب (Most Civrilized) قوم ليکي ويندي... منهنجا پائرو ۽ پينرو! اوهان جتي بہ هجو، خوش هجو. اُها سيتا، جا اوهان اسان وٽ ڇڏِي. يا اوهان پاڻ سان هتي آندي آهي، اُها املهہ آهي، اُن تي سنڌو ڌرتيءَ جي اٽمٽ ڇاپ آهي. اُن اهو پيار جو سنديش ڏنو آهي، جنهن جي ڳولا ۾ هيءَ ڌڪار سان ڀريل دنيا اڄ بہ هٿوراڙيون هڻي رهي آهي... آخر اسان ڪيستائين اٽيلا، هٽلر، اسٽالن ۽ خميني پيدا ڪندا رهنداسين ۽ نيٺ تہ دنيا ۾ پيار جا پيغمبر پيدا ٿيندا ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڌڪار ختم ٿي ويندي.

جا سبق دهرائي، اڳتي وڌڻ جا سانباها ڪنديون آهن. شاهه، سچل ۽ سامي هن ڌرتيءَ جا اُهي سرموڙ تلخيقڪار آهن، جن ماضي ۽ حال جي وچ ۾ هڪ مضبوط پُلِ جوڙي، حال کي ماضيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو آهي ۽ اُها پُل انبلڻ وانگر ڌرتيءَ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ڦهلي پئي آهي، جنهن هيئان تخليق جا ڪيئي اٿاهه سمنڊ ڇوليون ماري رهيا آهن ۽ ائين نظر جي نهار تائين سماجي ۽ محاڪاتي پس منظر (Scenic- back ground) پکڙيو پيو آهي، جنهن جي ذري پرزي کي هن شاعرن ڏٺو وائٺو، پرکيو ۽ پروڙيو هو.

تاجل جي مقالي جو پس منظر بمبئي مان نڪرندڙ اخبار ’هندستان‘ ۾ اڄهو هيئن ڇپيو هو: ٿيون مقالو سنڌ مان آيل مشهور عوامي شاعر تاجل بيوس جو هو، جنهن کي سنڌي ساهت ۾ سندس لکيل گيت ’سنڌ منهنجي امان‘ امر ڪري ڇڏيو آهي. تاجل چيو: ”انساني معاشري کي جڏهن به ڏاڍ ۽ ڏمر جي اڌوهيءَ ڪوڙ ۽ ڪاهلپڻي جي سُري ڪائي کوکلو ڪيو آهي، تڏهن اُن جي ردعمل ۾ سماج ۽ قومن جي سڌاري لاءِ ڪونه ڪو وڏو شاعر پيدا پئي ٿيو آهي. نه رڳو ايترو پر، غلاميءَ جي زنجيرن کي ڪڙي، ڪڙيءَ کان ٽوڙي ڦٽو ڪرڻ تائين به شاعرن جي نئي تخليقي سگهه ڪم پئي ڪيو آهي.“ هن بيٺڪ کي پروفيسر پوپٽي هيرا نندانيءَ سنڀاليو.

سيمينار جي ٽئين ڏينهن واري بيٺڪ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي مقالي ’شاهه، سچل ۽ سامي: ڀارتي ڀڳتي ڪاويه ڌارا جي سلسلي ۾‘ سان شروع ٿي، ڊاڪٽر جيٽلي جو پيپر وڏي سوچ ويچار سان لکيل هڪ تحقيقاتي پيپر هو. هُن ٻڌايو ته ساميءَ جي سلوڪن کي مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ رکيل پوٿين مان ڪڍي، روشنيءَ ۾ آڻڻ جو شرف ديوان ڪوڙيمل چندن مل کي آهي. هِن عالم ساميءَ جا ايڪيهه سوَ سلوڪ گرمکي اکرن مان اُتارائي، عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. ڀوڄراج هوتچند ناگرانيءَ جو تيار ڪيل ايڊيشن گهڻي اهميت رکي ٿو. هِن ٽن ڀاڱن ۾ اُهو ڇاپو بمبئيءَ مان 1955 واري عرصي ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو، جنهن ۾ ڪل 2327 سلوڪ ڏنل آهن. هن وقت ساميءَ جي سلوڪن جو وڏي ۾ وڏو سنگرهه (مجموعو) ديوناگري اکرن ۾ آهي، جيڪو سيٺ پرسرام پارومل بمبئي مان ٽن ڀاڱن ۾ شايع ڪيو هو. اُن ۾ ڪل 4336 سلوڪ ڏنل آهن.

ڊاڪٽر مرليڌر ٻڌايو ته سنڌي ساهتيه جو وڪاس (واڌارو) پڻ گهڻي قدر ٻين هاڻوڪين ڀارتيه آريه ٻولين جي ساهتيه وانگر ٿيو آهي. انهيءَ ۾ پندرهين عيسوي صديءَ تائين ويرتا ۽ پريم جي گاٿائن (ڪهاڻين) جي ڌارا مکيه رهي آهي. سورهين عيسوي صديءَ کان وٺي 1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت سنڌ ۾ برپا ٿيڻ تائين سنڌي ساهتيه ۾ ڀڳتي ڪاويه (شاعري) ڌارا جو زور رهيو آهي. اُن جون مکيه شاخون به آهن: صوفي ڪاويه ڌارا ۽ گيان مارگي ڪاويه ڌارا (ويدن جي اثر هيٺ

هڪ تيز طوفان آهي. اُن ۾ گوڙ، گجگوڙ ۽ چتيون چوليون آهن. شاهه جو ڪلام گَهَرو ۽ گنڀير آهي. شور گهٽ آهي، پر اونهو ۽ عميق آهي ۽ تري ۾ بي بها موتي آهن.

هن بيٺڪ جي صدارت پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ ڪئي. هِن پيپر جو مجموعي تاثر ڇا رهيو، ان بابت سيني پيپرن جي گڏيل وچور ۾ اڳتي ٻڌائينداسين. ٻيو مقالو سنڌ کان آيل اديب ۽ 'سهڻي' رسالي جي ايڊيٽر طارق اشرف پڙهيو. عنوان هو: 'شاهه ۽َ ڪجهه اهم ڳالهيون.' هِن مقالي ۾ طارق ڏاڍا اهم ۽ وقتائتا نُڪتا اُٺاريا، جن ۾ وقت جي حڪمران ٽولي جي چاپلوسي ڪندي، شاهه جي بيتن جي غلط تشريح ڪرڻ ۽ بيتن کي هرويرون پنهنجو رنگ ڏيڻ اچي وڃن ٿا. طارق ٻڌايو ته ايوب شاهيءَ ۾ هڪ شاعر پنهنجي مضمون ۾ ڄاڻايو هو ته ون يونٽ جو نظريو درحقيقت ڀشاهه پنهنجن شعرن ۾ پيش ڪيو هو. هُني هنڌ طارق ڄاڻايو آهي ته ڪجهه مهينا اڳ بينظير صاحبه جي جمهوري حڪومت ۾ اسانجي هڪ بيحد محترم شاعر، شاهه تي تقرير پڙهندي، اِهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ته شاهه سائينءَ به پنهنجن شعرن ذريعي جمهوريت جي حمايت ڪئي آهي. ڪي شاهه کي ولي الله ۽ صوفي ٿا سڏين ته ڪي انقلابي، ڪي لکن ٿا ته شاهه اٿپڙهيل هو، ۽ ان کان وڌو مذاق شاهه سان ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو!

طارق پنهنجي اُٺاريل نُڪتن جي وضاحت ڪندي، ٻڌايو ته سائين جي- ايم سيد پهريون-عالم آهي، جنهن پيغام لطيف ۾ شاهه جي شعرن جي انقلابي ۽ قوم پرستيءَ جي لاڙن جي معنيٰ ڪئي آهي. اُن کانپوءِ رسول بخش پليجي شاهه جي تشريح انقلابي ۽ قومي سوچ رکندڙ ڏني آهي.

طارق وڌيڪ ٻڌايو ته ڪي عالم، شاهه جي ڪن شعرن لاءِ چوندا آهن ته اِهي شاهه جا ڪونهن، جيئن سر ڪيڏارو. طارق زور ڏنو ته هِن ڏس ۾ کوجنا ڪرڻ گهرجي. هُن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ساميءَ کي جيڪا عزت جيڪو مرتبو سنڌ ۾ ملڻ گهرجي، اُهو نه مليو آهي. شاهه ۽ سچل جون ورسيون ته سرڪاري خرچ تي وڏي ٺٺ ٺانگر سان ملهايون وڃن ٿيون، پر ساميءَ کي نظرانداز ڪيو ٿو وڃي.

طارق اشرف کانپوءِ سنڌ کان آيل مهمان تاجل ٻيوس مقالو پڙهيو. سندس مقالي جو عنوان هيو: 'شاهه، سچل ۽ سامي سنڌ جي خوشبودار مٽيءَ جا عظيم شاعر.' تاجل چيو ته هر عظيم شاعر پاڻ سان آدرشي ۽ فڪري نڪتا کڻي ايندو آهي. جيڪو گندي ۽ غليظ تلائن ۾ صاف ۽ اجرو پاڻي داخل ڪري، مئل دلين ۽ بي حس جسمن ۾ 'دم' ڀريندو آهي ۽ سماج جي بدصورتي هڪالي. سندرتا جا پروانا ورهائيندو آهي. قومن جي بقاءَ لاءِ ادب پاڻي ۽ پاڻ جي مثال آهي. تاجل چيو ته عظيم شاعر هڪ گهاٽي ٻڙ جي مثال آهي. جنهن جي ڇانو ۾ قومون پنهنجي بقا

ڪبيرا وئد بُلائيا، پڪڙڪي ديکي بانهن
وئد نہ ويدن جانئہ، ڪرڪ ڪريجي مانِهن.
(ڪبير)

انڌا اونڌا ويچ، ڪل ڪجاڙو ڪانئين
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارئين پيچ
(شاھہ)

ڪادِ ڪليجا مئن ڏرون، ري ڪوئا! تولي جاءِ
جيانَ ديسان مارو پِيوُبسي، وي پکئہ تُوکاءِ
(ميرا)

ڪيِي ڪانگا تو ڏيان، هنيو ساڻ هٿن
وچي ڪاءَ ولائت ۾، اکيان عجيبن
پرين مانَ چوَن، تہ هيءَ قرباني ڪير ٿي.
(شاھہ)

سب رگ تانت، رباب تن، بره بجاوءِ نت
اور نہ ڪوئي سُڻ سڪئہ، ڪئہ سائين، ڪئہ چِت
(ڪبير)

رڳون ٿيون رباب، وڃن ويل سيڪنهين،
لڇڻ ڪڇڻ نہ ٿيو، جانبَ ري جواب.
(شاھہ)

نئنون انتر اوتو، نئن جهانپ توءِ ليئہ
نا مئن ديکون اوُر ڪو نا توهہ ديکڻ ديئہ
(ڪبير)

اکين ۾ ٿي ويھہ، آءٌ واري ڍڪيان
توکي ڏسي نہ ڏيھہ، آءٌ نہ پسان ڪي ٻيو
(شاھہ)
پاني ڪيرا بُد بُدا، اَسن مانس ڪي جاتِ
ايڪَ دنان چِپ جانهنگي، تاري جيون پربِاتِ.
(ڪبير)

گيان ۽ ڀڳتيءَ تي زور ڏيندڙ). سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ٿيڻ تائين جيڪو سنڌي شعر سرجيو آهي، اُنهيءَ ۾ صوفي ڪاويہ ڌارا مکيہ آهي. قاضي قاضن (وفات 1551ع)، شاهہ عبدالڪريم (1537- 1622)، شاهہ عنايت (1625- 1713)، شاهہ عبداللطيف (1689- 1752)، سچل سرمست (1739- 1829) ۽ روحل فقير (1734- 1804).

گيان- مارگي ڪاويہ ڌارا جا سنت ڪوي فقط ٻہ روشنيءَ ۾ آيا. اُهي آهن سامي (1743- 1850) ۽ دلپت. هن ساڳي دور ۾ ڀارت جي ٻين ٻولين جي ساهتيہ ۾ ڀڳتي ڪاويہ ڌارا مکيہ رهي آهي. هن دؤر جا مکيہ سنت ڪوي آهن: هنديءَ ۾ سنت ڪبير (1399- 1518)، تلسيداس (1523- 1623)، سورداس (1503- 1563)، ميرا ٻائي (1503- 1546)، ملڪ محمد جائسي (سورهين صدي)، دادوَ ديال (1544- 1603)، پنجاب ۾ گرو نانڪ (1469- 1538)، مها راشٽر ۾ گيانيشور (تيرهين صدي)، سنت نامديو (1271- 1351)، ايڪ ناٿ (1548- 1599)، تڪارام (سترهين صدي) گجرات ۾ نرسي مهتا (1415- 1481) بنگال ۾ چيتنيہ مها پرڀو (1485- 1533) ۽ آسام ۾ شنڪرديو (سورهين صدي).

ڊاڪٽر مرليڌر ڀڏايو تہ کوجنا ڪرڻ سان ڪيترن ئي ڪوين جون رچنائون هٿ آيون آهن، جنهن ۾ هريانا ۾ راجستان جي دادو پنٿ جي مندرن مان هٿ آيل قاضي قادن جا ٽي سوَ کن سنڌي بيت بہ شامل آهن. ڊاڪٽر زور ڀريو تہ انهيءَ ڏس ۾ کوج ڪرڻ سان اڳاٽي سنڌي ساهتيہ جو ٻيو ذخيرو بہ روشنيءَ ۾ اچي سگهندو.

ڊاڪٽر مرليڌر پنهنجي مقالي کي جاري رکندي، ٻڌايو تہ شاهہ ۽ سچل، پريم- مارگي ڪاويہ ڌارا جا مکيہ عيوضي شاعر آهن ۽ سامي گيان مارگي ڪاويہ ڌارا جو مکيہ ڪوي آهي. مقالي جي آخر ۾ ڊاڪٽر صاحب کوجنا ڪري، اُهي شعر ڏنا آهن، جن ۾ هندي ۽ سنڌي مها ڪوين جي شعر ۾ هڪجهڙائي آهي:

جل ۾ بَسي ڪمودني، چندا بسي آڪاس
جو هڻ جا ڪو ڀاوتا، سو تاهي ڪي پياس
(ڪبير)

ڪنؤر پاڙون پاتار ۾، ڀؤنر ڀري آڪاس،
ٻنهي سنڌي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.
(شاهہ)

راتڙي گذري ويندي ۽ جهٽ پٽ صبوح ٿي ويندو. پوءِ تون پڇنائيندين تہ رات اجايا ماٺا ڪندي، وڃائي ڇڏيم.)

ڊاڪٽر مرليڌر جي پيپر ڪانپوءِ دبئي کان ڪَهي آيل ڊاڪٽر موتي پرڪاش اسٽيج تي آيو، جنهن پنهنجو مقالو 'شاهہ، سچل ۽ سامي جي شعر ۾ انساني قدرت' پڙهيو. موتي پرڪاش چيو تہ شاهہ، سچل ۽ سامي ٽيئي شاعر هڪ نئي ويچار جا شاعر آهن، جي مذهب، رنگ ۽ نسل جي فرق ۽ ڀيد کان اَجا هئا. سندن شاعريءَ ۾ مان ۽ تون جو ڪوبہ فرق نٿو ملي. ڪين هر جيوَ ۾ هڪ نئي صورت نظر آئي هئي. شاهہ ۽ سچل جيءَ ڪلام ۾ ڪرشن، رام، سيتا، هنومان، ڌهيس، برهمڻ، گنگا، گرنار، جٽائن، جٽئي، تلڪ، ڀڀوت، مرلي ۽ ڀسم جو بيان ملي ٿو. هنن ڪن- ڪٽ، ڪاپڙين، جوڳين، بيراڳن، سامين، لاهوتين ۽ نانگن جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

موتي پرڪاش ٻڌايو تہ پنهنجيَ ديس ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان لڳاءُ هر انسان جي فطرت آهي. هن جو جنهن ڌرتيءَ تي جنم ٿئي ٿو، جنهنجو اُپايل اَنُ کائي ٿو ۽ جنهنجي هوا ۾ ساهہ کڻي ٿو، تنهن سان محبت، ماءُ سان محبت ڪرڻ جي برابر آهي. اِهو جذبو شاهہ ۽ سچل مارئيءَ جي ڪردار وسيلي اُڀاريو آهي. مارئي ملير- ڄائي آهي. مارئي ۽ مارُن جو ڪاڄ ڌٽ، ڌنئرا، پلر ۽ پسيون آهن. عمر جي ڪوٽ ۾ رهندي هوءَ زربفت ۽ ڪيمخواب، زري ۽ زيورن پهرڻ جون آڇون ٺوڪاري ٿي ڇڏي. ڪٿو ۽ لوئي کيس پيارا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي سنديس ٿر جا اوڇڻ آهن. "جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، تيئن مون من ماروئڙن سين."

بمبئي مان نڪرندڙ وڏي ۾ وڏي سنڌي اخبار 'هندستان' ۾ ڇپيل ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي پڙهيل پيپر جا ڪجهہ ويچار اجهو هن ريت آهن: "شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي شاعريءَ تي سنڌي ادب جي پارکن گهڻو ڪجهہ لکيو آهي، پر سندن شاعري جي اندرين تهن ۾ وڃي اُن جي روح ۾ جهاتي نہ پاتي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ ڪن نقادن گڏيل، پيسيل ڀيچرن کي ڇڏي، سندن شاعريءَ جي هِين لڪل پهلوئن کي اجاگر ڪيو آهي. هر ادب ۾ ائين ٿيندو آيو آهي. هڪ دؤر جو نقاد ٻئي دور جو اهڙو نقاد نڪري ٿو، جيڪو پنهنجي سُرت ۽ سوجهيءَ سبب ويچار ۽ نظريي سبب پنهنجي ماپن ۽ ڪسوٽين تي ادب جي اُها پرک ڪري ٿو، جو هِين کان الڳ ٿي بيهي ٿو. هن نشست جي صدارت مانواري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪئي.

موهن ڪلپنا موتي پرڪاش جي مقالي جي واکاڻ ڪندي، چيو تہ موتي ڏاڍي محنت ڪري حوالا ڏنا آهن. پر انساني قدر جو مفهوم ڪجهہ منجهائيندڙ آهي. قدر ڇا آهي؟ ان لاءِ شاهہ جي شاعريءَ جي حوالي سان قدر جي واضح وصف ڏيڻ گهربي هئي. موتيءَ جي پيپر تي ڳالهائيندي، سڪايل بہ لڳ ڀڳ موهن ڪلپنا واري

جر ۾ ڦوٽو جيئن، لهرين لڳندي اڌ ٽٽي
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.
(شاهه)

پو ٿي پڙهه پڙهه جڳ مئا، پنڊت ڀيا نه ڪوءِ
ڍائي اَچر پريم ڪا، پڙهي سو، پنڊت هوءِ.
(ڪبير)

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار
اندر ڪي اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
(شاهه)

بنا آتم گيان، ممت نه مِٽي من جي
توڙي سڀ ساڌن ڪري، پڙهي ويد پُران
گيتا ۾ ڀڳوان، ارَجن کي ائين چيو.
(سامي)

ڊاڪٽر مرليڌر کي جس هجي جو پنهنجو نور نچوئي، اسان پڙهندڙن لاءِ شاهه، سچل، سامي ۽ هنديءَ جي ڀڳتي ڪاوِيه ۾ ملندڙ هم خيالن جا مٿي جاتايل ۽ ڪيترا ٻيا مثال گڏ ڪري، پنهنجو بي بها مقالو تيار ڪيو آهي. چنڊ جي ڪرڻ تي ڪوٽين جو ترڻ، سج جي ايرڻ تي ڪمل گلن جو وڪاس، ڪنوَرن تي ڀنوَرن جو ڀرڻ، اهڙيون شاعرانيون روايتون آهن، جيڪي هند سنڌ جي ڪلاسيڪي ڪوتا ۾ عام آهن.

ڊاڪٽر پنهنجي مقالي ۾ اپڀرنش جي ٻن دوهن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جن جي معنيٰ مطلب ڏسي، عيسوي ٻارهين صديءَ جي ڪوتا کي ميٺو ٿو ٻوي:

ڍولا سامِلا، ڌڻ چمپا وڻٽي
ٹائي سُوَنٽ، ريهه ڪسوٽي دنٽي

(ڍولو! يعني پريتم سانوري رنگ جو آهي ۽ سندس محبوبا چمپا گل جي رنگ جهڙي گوري آهي. پنهنجي پريتم جي ڀاڪر ۾ اُها ائين ٿي لڳي، جڻ تہ ڪسوٽيءَ تي سون جي ريکا ڏنل آهي).

ڍولا مئين تُهن واريا، ماڪر ديها مانَ
نِت ئي گمهه رتڙي، رُڏ وڙ هوءِ وهانَ

(ڍولا مون توکي واريو يعني منع ڪئي تہ گھڻو ماڻو نہ ڪر. جاڪاڻ تہ ننڊ ۾

ڪانهن هئي. ڪبير، ميران، تلسي، ڪاليداس، گرو نانڪ ڪانوٺي ساميءَ تائين اهو مذهبي متڀيد رکو ڪتر ملن، مولوين ۽ پنڊتن ڦهلايو هو. برهمڻن ۽ اُتم ذات وارن چيو ته ايشور فقط سندن ئي آهي ۽ عام ماڻهوءَ جو ناهي. اُتم چيو ته هنن ٿنهي مها ڪوين جي اجوڪي زماني ۾ اهميت هڪ جيتري آهي، جن عالمي برادري ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي. هن ڏس ۾ اُتم چيو ته هندو ۽ مسلمان جا لفظ جيترا ساميءَ ڪتب آندا آهن، اوترا شاهه به ڪتب نه آندا آهن.

پهرين نشست جي صدارتي تقرير ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ چيو ته سوَ سال جي عبادت کان ڪنهن درويش وٽ هڪ گهڙي گهارڻ وڌيڪ بهتر آهي. نند جويريءَ چيو ته سنڌ جي شاعرن، عالمن ۽ نقادن شاهه کي فقط مسلمانن جو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ائين شاهه کي ننڍو ڪري، ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته شاهه پوري دنيا جو شاعر آهي، انقلاب جو شاعر آهي، تبديليءَ جو شاعر آهي. نند چيو ته سنڌ جي جن اديبن شاهه کي فقط مسلمانن جو شاعر ڪوٺيو آهي، اُهي اُتم ۽ اياز جا گهاٽا دوست آهن. هال ۾ زوردار مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ جي اُنهن اديبن جا نالا ٻڌايا وڃن، جن شاهه کي فقط مسلمانن جو شاعر ڪوٺيو آهي.

نند جويري سيمينار ۾ شريڪ ٿيندڙن جي پُراسرار مطالبي تي نالا ٿو ٻڌائي: سائين جي- ايم سيد، عبدالقادر جوڻيجو، ظفرحسن، ظفرڪاظمي، علي احمد بروهي، تنوير عباسي ۽ خود اسٽيج تي ويٺل شيخ اياز. (نند جويريءَ هن ڏس ۾ اهڙي ڪابه لکت ۾ ثابتي يا ڪو حوالو پيش نه ڪيو، جنهن مان چئي سگهجي ها ته مٿي ذڪر ٿيل ادبي شخصيتن شاهه کي آفاقي شاعر بدران فقط مسلمانن جو شاعر سڏيو آهي.) دهليءَ کان آيل شاعر، نقاد ۽ محقق هيريَ ٺڪر تاجل جي مقالي کي واکاڻ سان گڏ طارق اشرف جي اُٺاريل سوالن کي ڏاڍي اهميت ڏني.

ڊاڪٽر مرليڌر جي مقالي تي ڳالهائيندي، گوبند مالهيءَ چيو ته، شاهه کي اُن زماني کان وٺي هن زماني تائين وڏي اهميت آهي، شاهه پوري ڌرتيءَ جو شاعر آهي. سندس پيپر تي ڳالهائيندي، تاجل بيوس چيو ته، اجوڪي خلائي دور (Space- life) ۾ ڊاڪٽر صاحب روحانيت جا ڪجهه نسخا به تجويز ڪيا آهن، جيڪو اديب جو غيرترقي پسند رويو (Non- progressive approach) آهي. تاجل بيوس چيو ته، اڳ ۾ مادو (Matter) آهي ۽ پوءِ روح. تاجل ڊاڪٽر مرليڌر جي مقالي جي واکاڻ ڪندي ائين به چيو ته ڊاڪٽر صاحب هڪ ڪتاب لکڻ جيڏي ڪوجنا ڪئي آهي. ننڍي ڪنڊ جي اَساسي (ڪلاسيڪي) شاعريءَ کي باريڪ بينيءَ سان اُٿلائي پٿلائي هِن قسم جو مقالو لکڻ هرڪنهن محقق جي وس جي ڳالهه ناهي.

مٿي ڄاڻايل اديبن ۽ پارکن کانسواءِ هيٺ به ڪيترن ئي چوٽيءَ جي عالمن، اديبن ۽ نقادن تنقيد ۾ حصو ورتو. جن کي مان سڃاڻي سگهيو آهيان، اُهي هن ريت آهن: ستيش روهڙا، گنو سامتاڻي، اشوڪ شيوڪاڻي، هريش واسواڻي، ارجن حاسد ۽ چندو لعل جئسنگهاڻي.

ڳالهه ڪئي تہ اُهو ڪهڙو انساني قدر آهي، جيڪو موتيءَ ظاهر ڪرڻ گهريو آ؟ ارجن شاد چيو تہ موتيءَ جو پيپر هڪ علامتي پيپر آهي.

موتيءَ پنهنجي پيپر جي باري ۾ چيو تہ پيپر ۾ مڪمل نہ، پر ڪن قدرن جو ذڪر ٿيل آهي. هِن قسم جي موضوعن تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. موتيءَ چيو تہ هتي انسان جا سڀ قدر نہ ڄاڻايا ويا آهن، پر ڪي قدر. موتيءَ ٿيل تنقيد جي روشنيءَ ۾ فراخدليءَ سان چيو تہ هيءَ هڪ مقالو آهي، جنهن ڪي تنقيد جي روشنيءَ ۾ سڌاري، وري نئين سر لکي سگهجي ٿو.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ چيو تہ انسان وڏي عظمت وارو آهي. هيءُ ڪريل ڪي مٽي ڪٽڻ انسان جي وڏي عظمت آهي. ٻيءَ ويٺڪ ۾ پڙهيل طارق ۽ تاجل جي مقالن تي ڳالهائيندي، ڪيرت چيو تہ اسان ٽن سوَ سالن کانپوءِ چئون ٿا تہ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي اڄ جي يُگ ۾ وڏي اهميت آهي. سهڻي تڏهوڪي زماني ۾ روايتن خلاف بغاوت ڪندي، پار اُڪري وڃي ميهار سان ملي ٿي. ايڏو انقلاب! روايتن خلاف ايڏي بغاوت!! سو بہ اڄ کان ٽي سوَ سال اڳ. جڏهن تہ اڄ جي جيئري جاڳندي تصوير آهي. سهڻي پنهنجين ساهيڙين کي چوي ٿي تہ جيڪڏهن اوهان منهنجو ميهار ڏسو ها تہ توهان پنهنجن گهوٽن جا پاسا ڇڏي، ميهار پٺيان روانيون ٿيو ها. ان کان وڌيڪ ڪهڙو انقلاب ٿيندو آ؟ ڪهڙي انقلاب جي تبديلي ٿيندي آهي؟ ڪيرت وڌيڪ چيو تہ هڪ پاسي ملن ۽ مولوين جو راڄ آهي تہ ٻئي پاسي وڏيرو ۽ جاگيردار عوام تي ڇهبڪ ٿو وسائي ۽ ان ماحول ۾ سچل ٿو چوي: 'هندو مومن ناهيان، جو ئي آهيان سوئي آهيان' يا 'ڪُتَ ملان جي نُوڙهہ' يا 'ڪعبو قبلو مور نہ ڄاڻا، منهنجو شهر درازا' (لڳي پيو تہ اُهو ڪيرت نہ پر سانوڻيءَ جو درياهہ هو، جيڪو ڄاڏي وٽيس پيو تاڏي اُٿلي پٿلي هوڙ هوڙان لايون بيٺو هو.)

پوپٽي هيراننداڻيءَ صدارتي تقرير ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ شاهہ ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي، جيڪا سنڌ ۾ ناهي. شاهہ وٽ اوچي طبقي جي استري بہ آهي ۽ پورهيت طبقي جي عورت بہ، شاهہ وٽ مومل سان گڏ ڪنيارڻ بہ آهي. پوپٽيءَ ادب جي گم ٿي ويل خزاني کي هٿ ڪرڻ تي ڳالهائيندي ٻڌايو تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سمونڊ جي معنيٰ لاءِ کوجنا ڪندي، جاوا سماترا پهتو هو.

سيمينار جي ٽين ۽ آخري ويٺڪ جي صدارت ڊاڪٽر ستيش روهڙا ڪئي. جنهن ۾ گوورڌن ڀارتيءَ جو مقالو "شاهہ، سچل، ساميءَ جي شاعريءَ ۾ هڪ جهڙائي." سندس ناچاڪائيءَ ڪري هِي مقالو اجمير کان آيل ڪملا گوڪلاڻيءَ کان پڙهايو ويو، جنهنجي بحث ۾ ڪيترن ئي اديبن ۽ پارکن ڀاڱ ورتو.

پهرينءَ نشست ۾ پڙهيل دلگير جي پيپر تي ڳالهائيندي، آتم چيو تہ اسانجي ٽمورتي سنت ڪوين شاعريءَ وسيلي جيڪا هلچل هلائي هئي. اُنجو ابياس ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ منجهن دين ۽ ڌرم جو ڪوبہ فرق يا وڏ- ننڍائي

ياد ٿا پون: اوک بوک، ڀهُو مکي، گهومڪڙ، ڳاڻ- ڳٽيا، رکڙي، پاکر، پنوتري، ڀولٽهار، اَٽ- ڪائيو، بجاج، سيسا وغيره. صاف ظاهر آهي تہ جلاوطنيءَ مان قومن کي ساهتي، ثقافتي ۽ سماجي نقصان ئي رسندو آهي.

سترام روهڙا جڏهن ساميءَ جا سلوڪ ڳاتا تہ مون محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن سامي اُهي سلوڪ پاڻ هڏي ها تہ هڪدم چئي ڏئي ها تہ هُن اهي سلوڪ سترام روهڙا جي آواز لاءِ ئي لکيا هئا. "اَنَ- پاڻيءَ جي نانوَ سان ڙي سائين، اُج بک ڪين لهي، نگر پڇي ڪونہ ڪو، ڙي سائين، بنا پنڌ ڪئي." موهن ڀڳت ۽ ڀول فقير جي گائڪيءَ جي اسٽائيل ۾ سترام روهڙا جي سلوڪن واري انداز کي سامهون رکندي مان سترام کي "جڳ- ملوڪ" فنڪار سڏڻ تي مجبور ٿيو آهيان. رنگمنچ تي ويهي، هنن محفلن جي ڪارروائي آشا چاند (اي- جي اُتم جي نينگري) هلائي، جنهنجي مڌر آواز محفل ۾ سرور ۽ سحر انگيزي ٿي پيدا ڪئي.

سيمينار جي ٽئين ڏهاڙي تي "اندو- سندي مشاعرو" ڪوٺايو ويو، جيڪو پورا چار ڪلاڪ هليو، جنهن ۾ چوٽيهن (34) شاعرن ڪلام پيش ڪيو. مشاعري جي ڪارروائي سيبائيندڙ سليقي سان هند سنڌ جي برک ۽ بي جوڙ شاعر موتي پرڪاش هلائي. هي پهريون دفعو هو جو ڀارت جي سرزمين تي هند ۽ سنڌ جي ناميارن شاعرن هڪ اسٽيج تان هڪ هٿي کي هڏي، سالن جي اڄ ٿي اُجهائي. مشاعري جو صدر ڪيئلداس فاني ۽ خاص مهمان شيخ اياز هو. اياز جي پر ۾ ويٺ زرينہ اياز کي بہ وهاريو ويو هو، جيڪو ميزباني جو هڪ سندر ۽ سيبائيندڙ مثال هو. جن شاعرن ۽ شاعرائن پنهنجون تخليقون پيش ڪيون، اُنهن جا نالا آهن: شيخ اياز، ڪيئلداس فاني، پريو وفا، ارجن شاد، ڪيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيراننداڻي، زرينہ بلوچ، سندري اُتمچنداڻي، واسديو نرمل، ريٽا شاهاڻي، تاجل بيوس، اندرا پونا والا، پارُو چاولا، ديال آشا، ڪرشن لعل بجاج، چندر زخمي، هريش واسواڻي، لڇمڻ ڪومل، هيرو ٺڪر، گوردڻ تنواڻي، چترو ناگپال، ارجن حاسد، موتي پرڪاش، اجيت ڪشور، نندجويري، ڪمل پياسي، پريم پرڪاش، گوردن ناٿاڻي، شريڪانت صدف، موهن ڪلپنا، ستيش روهڙا، نامديو تارا چنداڻي، ارجن سڪايل ۽ ايم- ڪمل.

هند جي شاعرن جي ڪلام ۾ لڳ ڀڳ ساڳو سنڌ وارو ئي رنگ نظر آيو، جنهن ٻولي، ثقافت ۽ ڌرتيءَ جي رشتن سرحدي ليڪون ۽ لڪيرون ڊاهي ٿي ڇڏيون. غزل، گيت، ٽيڙو، نظم، نثري نظم، قطعا، بيت، ڪافي ۽ وائي. فرق رڳو اِهو محسوس ٿيو تہ هند جي شعر ۾ مزاحمتي شاعري (Poetry of resistance) اٽي ۾ لوڻ برابر آهي، جنهنجو خاص سبب آهي هند ۾ سنڌين کي بنيادي حق حاصل هجڻ. ڪن شاعرن جي ٻولي ڪٿي ڪٿي ڪچ- ٿُهي لڳي، جنهنجو خاص

انڊو- سنڌ مشاعرو

هند ۾ ورهاڱي کانپوءِ پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري اينڊ ڪلچرل سينٽر، بمبئيءَ طرفان سيتا سنڌو ڀون ۾ سڏايل هي پهريون سيمينار هو، جنهنکي سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ، ساهتيہ اڪيڊمي، مهاراشٽريہ اڪيڊمي، راجسٿان سنڌي اڪيڊمي ۽ گجرات سنڌي اڪيڊمي جي مدد ۽ سهڪار حاصل هئي. هن سيمينار جي شامن ۾ ڪلچرل پروگرام (راڳ رنگ جون محفلون) تي پيش ڪيو ويو. جن ۾ سنڌ جي ٻن فنڪارن استاد فيروز گل ۽ زرينہ بلوچ سميت هند جي ارڙهن (18) فنڪارن هڏل ۽ اڻ- هڏل ڪلام پيش ڪري محفل کي جهومائي مست ڪري ڇڏيو. هند جا فنڪار هئا: سي لکميچند، رتنا هندوجا (پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي نياڻي) رميش راجپال، ڀڳوان چاولا، ڏيون ڀوجواڻي (سيتا سنڌو ڀون جي ڪلا- گهر ۾ ڏيون ڀوجواڻيءَ جي چترڪاري ڏسي مٺو پيو تہ هي ڪلا- گهر سنڌ مان ئي ڇڪي ڪٽي سنڌو ڀون ۾ پچايو ويو آهي، جيڪو يوناني ديو مالائي ادب وانگر ڪنهن ديو جو ئي ڪارنامو ٿي سگهي ٿو) سشي آهو جا، نارائڻداس ڪوڻڪ، پارُو چاولا (سيمينار جي ڪنوينر ۽ تماهي 'سپون' جي ايڊيٽر شري ناڪر چاولا جي رفيقِ حيات) سترام روهڙا، مدو شهري، نيها چاولا، ٻيبي لتا، ڪشن جهورائي، دشنت آهوجا، گهنشام واسواڻي ۽ ڪاجل ڪيو لرامائي (دادا رام پنجواڻيءَ جي ڏوهٽي). هنن محفلن ۽ سيمينار سان واسطو رکندڙ آجياڻن ۾ ڪي اهڙا موڙ بہ آيا، جن ۾ هند سنڌ جا اديب- ڪيرت ٻاٻاڻي، موتي پرڪاش، ارجن شاد، تاجل بيوس، پوپٽي هيرانانداڻي، شوُپا، زرينہ بلوچ ۽ ٻيا- مستيءَ ۾ سرشار ٿي جهومڻ لڳا هئا. مون اهڙا ڪلام ڪافيون بہ ٻڌيون، جيڪي اسان وٽان گم ٿي چڪيون آهن (پارو چاولا هن ڏس ۾ هڪ واڪاڻ جوڳو ڪوجنائي ڪم ڪيو آهي، جو هن "رڪ جهولڻ تي" ڪتاب ترتيب ڏئي، اهڙي املھ خزاني کي سهيڙي سموهي، وقت جي اُڏوهي، تِڏن ۽ سُرني جي ڪاڄڻ کان بچائي ورتو آهي) جڻ تہ لڏپلاڻ وقت هندن سان گڏ اُهي ڪلام بہ جلاوطن ٿي ويا هئا. جيئن سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ هن وقت اڻ- لڀ آهن. سنڌ مان هندو تہ ويا، پر سنڌيءَ جا اڪيچار لفظ ۽ محاورا بہ جلاوطن ٿي ويا. هند جي اديب دوستن (خاص ڪري جهونڙا اديب جيڪي سنڌ ۾ جاوا نپنا) سان ڪچهرين دوران ڏاڍا سُرل ۽ سندر لفظ سامهون آيا. ڪجھ لفظ

هئي.

سيمينار ۽ مشاعري دؤران جن سنڌي سڄڻ سان هلڪڙيون ڦلڪڙيون روح رچنديون ٿيون اُهي هئا: منوهر نهالاڻي، ڪنيالال جي ڪتواڻي، آل- انڊيا سنڌي ڊيولپمينٽ سمتيءَ جو صدر آسنداس ڀيرواڻي، هندستان ۾ هندواسي اخبارن جو اسپيشل ايگزيڪيوٽو آر- ايچ آڏواڻي، باندرا لائن ڪلب جو صدر، سنڌ سڌار سڀا، لوڪ سر ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ائنڊ ساهت سڀا جو ڪارڪن چندرو پنجابي، رميش آهوجا، سدا ٻهڪندڙ ۽ ملڻسار اسانجو هولارام هسيجا هنس، ڪٽوريءَ جي ڪاڻ ۾ سڄاڻ جون سمرتيون جي ليکڪا ريٽا شهاڻي، زندگيءَ جا عڪس ۽ ٻال- ساهتيہ جو وڪاس جو ليکڪ ، گلستان، ڦلواڙي ۽ ٻال منچ جو ايڊيٽر هوندراج بلواڻي.

سيمينار، مشاعري ۽ نجي محفلن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿيو تہ جيئن اسانوٽ ڪي اديب هندي، اردو ۽ فارسي لفظن کي تخليقن ۾ ٽنبيندا آهن، تيئن هند جا بہ ڪي اديب هنديءَ کي استعمال ٿا ڪن. مجھوٽا تہ هند جا اديب هندي ماحول ۾ ٿا رهن، جتي سنڌن ٻارن کي هنديءَ ۾ ڇٽاڀيٽيءَ جي بنياد تي امتحان پاس ڪري پنهنجو مستقبل ٺاهڻو ٿو پوي. ڪنهن ڪهاڻي، آلوچنا (تنقيد) يا شعر ۾ هنديءَ جا ايڪڙ ٻيڪڙ لفظ تہ قبول ڪري سگهجن ٿا، پر هڪ صفحي تي هندي لفظن جي ڀرمار بدهاضمو ڪيو وجهي. هن قسم جي ملاوٽ (Adulteration) ٻن ٻولين جي ڪوجنائي ڪم ۾ تہ ڪري سگهجي ٿي، باقي تخليق ٿيندڙ ادب ۾ مونکي ڪٽڪ ۾ هٽڪ مثال لڳندي آهي. چوٽيءَ جا اديب بہ کير ۾ پاڻي ٿا ملائين وِيٺا. ائين لڳندو آهي، ڄڻ گلاب جي ڪونڊين ۾ ڪنهن ٻير جون ڏنگهريون ٽنبي ڇڏيون آهن. هند جي ٻن برک اديبن، پارکن ۽ محققن جون لکڻيون پڙهي، مون ڇني ڏنو هو تہ هي دوست ساڍن ٽن ڪروڙ سنڌين لاءِ نہ، پر پنجاهہ لک سنڌين لاءِ پيا لکن. منهنجي هن قسم جي گستاخي کي هند جا اديب معاف ڪري ڇڏين، ڇو تہ ادب ۾ هن قسم جي گستاخي معافي جوڳي ئي تہ آهي. مان اها ڳالهہ بہ مڃان ٿو تہ هندي ٻوليءَ کي اهڙي تہ جمالياتي سونهن (Aesthetic- beauty) آهي، جو سنڌيءَ جي ادبي کيتر ۾ هنديءَ جا لفظ گلاب وانگر ٽڙي ٿا پون، پر اهڙن لفظن جوڳمي، استعمال ڪجي، ۽ نہ عام جام- ڪوملتا- سندرتا، ان- جل، ان- داتا، امرت، آڪاش، آشا، ڪوتا، ڪونپل، گجرا، چندرما، چانڊني، ديپ- مالا، درشن، پريمڪا، رين- بسيرا، مجھدار، سنديش ۽ مڌرتا جهڙن هندي لفظن ۾ ڪيڏي تہ سونهن سمايل آهي!

سبب آهي هند جو گهڻ- ٻولين وارو ماحول ۽ سنڌين جو ٽڙيل پکڙيل هجڻ.

اندو- سنڌ مشاعري جي واکاڻ جوڳي خوبي هيءَ هئي جو هن مشاعري ۾ نئين ٽهيءَ کي ڀ جوڳي نمائندگي ڏني وئي هئي. جن جدت پسند شاعرن ڪلام پيش ڪيو، اُنهن جا منهنجي ڄاڻ مطابق نالا آهن: اندرا پونا والا (شايد هاڻي اندرا "شبنم") نامديو تارا چنداڻي، گوردن تنواڻي، شريڪانت صدف، پريم پرڪاش ۽ هريش واسواڻي. اها ٻي ڳالهه آهي ته مهيش نيڻواڻي، ڪيمن مُولاڻي (جنهنجو شعري مجموعو "ٽارين جهليا ٻور" مونکي جيوت گوگيا 'جوت' سوکڙيءَ طور ڏنو هو) واسديو موهي ۽ گوپ ڪمل. (جيڪو عابده پروين جي اردو ڪلام ڳائڻ وقت محفل مان اُٿي ويندو آهي، جيڪا ڳالهه گوپ جي خوبين ۾ شامل ڪرڻ کپي) سان مڪا ميلو نه ٿي سگهيو. جنهنجو اجان سوڌو ويچار آهي.

لڇمڻ ڪومل ٻڌايو هو ته مهيش نيڻواڻي نئين ٽهيءَ جو اُهو شاعر آهي، جنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ اُڀري آئي آهي، جڏهن جو هو ڄائو ڀ ڀارت ۾ آهي! گلاب ۽ رابيل (وڏڙن جا ماڳ مڪان) نه ٿي سهي، مهيش کي ڪيڪٽس (نئون ديس) ۾ ڀ خوبصورتي ٿي نظر اچي. نئين ٽهيءَ جي انهن سڄاڻ شاعرن ۽ شاعرائن کي ٿورو گهڻو مان ڀ پڙهندو رهندو آهيان. مهيش نيڻواڻيءَ کي پڙهو:

"اسان گلاب جا قلم هڻاسين
جنهن ڀ پاڻيءَ تي پياسين
نيون ٻاڙون پيدا ڪنداسين."

اندرا 'شبنم' جو 'مرڪ' بابت لکيل هڪ نظم پڙهيو هئم، جيڪا مرڪ شاعر جو غزل، مسافر جي منزل ۽ ٻارڙي جي ممتا آهي. نظم پڙهي، منهنجي قلم ڪيس پرنام ڪيو هو. شريڪانت صدف کي ڄاڇو:

"مان ڪيئن چوان ته راهه ۾ ڀٽڪڻ سان ڇا مليو؟
مونکي ته ذات پنهنجيءَ ۾ ئي خدا مليو."

چانهه- پاڻيءَ جي وقفي دوران اجمير کان آيل ڪملا گوڪلاڻيءَ رام پنجواڻي سينٽر کان ٻاهر ناريلن جي وڏي ڪوڙ تي هلي ويهاريو. چيائين: تاجل! توکي ناريل جو پاڻي ڀ ٿي پياريان ته ناريل جي مَلائي ڀ کارايان ٿي. مون ناريل جي ملائي پهريون دفعو کاڌي، جيڪا بنڪاڪ ۾ ڀ کانه کاڌي هئم. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪملا ٻڌايو ته سندس ڪهاڻين جا ٻ مجموعا حادثي کانپوءِ ۽ فيصلو ٿيڻ تائين. راجسٿان جي ساهتيه جو جائزو، تاثرات (ڪوجناتڪ مضمون) ۽ هڪ هندي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپجي چڪا آهن. هن ننڍڙي ملاقات ۾ ڪنهن خاص ۽ اهم ڪوجنائي ڪم ڪرڻ جي ڪملا گوڪلاڻيءَ ۾ مونکي وڏي آرزو ۽ آس نظر آئي

جي ڍير ۾ پوري چڙي.

سنڌ جا هندو پنهنجن ابن ڏاڏن جي ماڳن ۽ مڪانن مان وڻ وانگي اکوڙجي جڏهن هند پهتا ته هند جون اڪيچار ٻوليون ۽ ثقافتون ڏسي، ڏک درسي (PESSIMIST) ٿي پيا. ڪيترن پاڻ کي وڻ ۾ اُبتي لٽڪندڙ طوطي وانگر محسوس ڪيو. گهاٽيءَ وڻڪار ۾ هڪ پن يا گل- ٻاٽيءَ جي ڪهڙي حيثيت! ڪين ساڳي ئي ٻڙ جي ڪنهن شاخ تي بسيرو اڏيو هو. ڪهڙي خبر ته وشال سمونڊ ۾ ڪو اهڙو جيوُ به آهي، جيڪو ننڍن ٻانهون ڪترائي چتين چولين سان متو ٽڪرائي رهيو آهي! هڪ بي وطن ماڻهو، ڪوڪلو ماڻهو، اندران ئي اندران ڪاڏل، پگهل ٽتل، پُريل ۽ هيسايل ماڻهو، جيڪو وجود هوندي بي وجود پيو سڏجي: The man was never (اُهو ماڻهو جنهن جو وجود ڪين هو) پر ڪي اهڙا به سچيت هئا، جيڪي پنهنجي حال کان مايوس هئڻ جي باوجود به پنهنجي آئيندي کان پُراميد هئا. ڪي اهڙيون مائرون به هيون، جن جي ڇاتيءَ جو کير سُڪڻو ڪين هو، ڌرتيءَ کان بي وطن ڪيل ٻچڙن جا اُهي پيءُ- ماءُ ٻوليءَ جي وڪريل، پگهل ٽتل موتين کي سميٽڻ ۾ لڳي ويا. مؤج متي مهراڻ ۾ طوفان هيڙيءَ کي پرزا پرزا ته ڪري ڇڏيو هو، پر پوءِ به ڪاريءَ رات ۾ چڪڻ جي ڇوهول ۾ ڪُنن سان مقابلو ڪري، هٿوراڙيون هٿي پگهل ٽتل ونجهه، ويٽا، سُکاڻ، اَڏون، مُونا، سڙهه، بانبٽيون، رَس، ڪَرس ۽ پگهه هٿ ڪرڻ ۾ لڳي ويا.

ملڪ جي ورهاڱي سنڌين کي ڪاپاري ڏک هٿي ٻ اڌ ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ حالت ۾ ڀارت جهڙي گهڻ- ٻولين (MULTI- LINGUAL) واري ديس ۾ اجنبي ٻڻجي وڃڻ ڪانپوءِ ابي- ڏاڏي جي ٻولي بچائڻ کا ٻاراٽي راند ڪاڻ هئي. هي ورهاڱو فقط سياسي ورهاڱو ڪين هو، پر ڪرشن کٽواڻيءَ جي ويچارن مطابق هن ورهاڱي ۾ هيا به انيڪ ورهاڱا سمايل هئا.

هئي جي ماڙي ڏسي، پنهنجي پوئنگي ٻاهي ڇڏڻ بدران گارو گچ ڳُڏي، هر ڪو جلاوطن ڪيل سنڌي پنهنجي ڪڪائين اَجهي اَڏڻ ۾ لڳي ويو. پيٽ به پرٽو هو ۽ ٻوليءَ کي به بچائڻو هو. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي چواڻيءَ: 'جنهن کي جيئڻ جو ڏانءُ هوندو آهي، سو هر طوفاني دؤر مان جهاڳي وڃي مٿي چڙهندو آهي.' ڀارت جا سنڌي به جيئڻ سکيا هئا، پوءِ ڇو نه پگهڙن لپ ڪاٺي، ٻاٽيءَ جو وٿو پي اوگرائي ڏئي، جياپي جي جنگ لڙڻي پوي. ڀارت جي هندن سمنڊ جهڙي اونهي ۽ ويڪري ڀارت ملڪ ۾ جيڪي ڏک ڏٺا، سي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن. هيري ٺڪر ۽ لڇمڻ ڪومل جي زبانيءَ اِهي قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌي منهنجي دل ٻاٽيءَ جي ڦوٽي وانگي ڦسي پئي هئي. هيري ٺڪر ٻڌايو ته قومون پنهنجي ماضيءَ کي نه لڪائينديون آهن. ماضي پلي لنگهڻ ڪاٽيندي گذريو هجي، پر اُن ماضيءَ کي وسارڻ، ڌرتيءَ سان غداري آهي. اکئين آب آٽيندي، هيري ٻڌايو ته الهاس نگر ۾ هُو ڪلفيون

هند جا سنڌي ۽ سنڌن

ڀهڳٽي ڀولي

ڀولي، ثقافت ۽ ڌرتيءَ جو رشتو ڌرمي رشتن کان متاهون هجي ٿو، جيڪو هٽرادو ڪيل ليڪن، لڪيرن، دائرن ۽ سرحدن کي قبول ڪرڻ بدران ڪين ڊاهڻ واري عمل ۾ يقين رکي ٿو. ڀوليءَ جي بنياد تي قومن کي هڪ ئي زميني پٽي (Earthen belt) تي آباد ڪرڻ ۾ ملڪي اتحاد توڙي ثقافتي رشتا مضبوط ۽ اٽوٽ ثابت ٿين ٿا. قديم لاطيني رهواسي هڪ ئي پٽي تي يا ڌرتيءَ جي ساڳي ٻکي- ويڪري خطي پرسان رهندا هئا. عربي توڙي فارسي زبان ڳالهائيندڙ قومن کي ڏٺو وينڊو ته اُهي قومون صدين کان هڪ ٻئي جي ويجھڙائيءَ ۾ ئي رهن ٿيون. سنڌ کانپوءِ سنڌين جي اڪثريت ڀارت ۾ آهي. سنڌ ۾ اٽڪل ٿي ڪروڙ ۽ ڀارت ۾ پنجاھ لک کن سنڌي رهن ٿا. ڀوليءَ جي ڦهلاءَ، ادب ۽ سماجي ڳانڍاپن کي ڪنهن ٻئي ملڪ جي ساڳي ڀولي ڳالهائيندڙن سان ڀيٽڻ کان پوءِ ئي ڪو لاڀائتو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ ادب ڪٿي پهتو آهي ۽ هند ڏي لڏي ويل سنڌين ڪٿان کان شروعات ڪئي ۽ هن وقت ارتقائي منزلون طئي ڪري اُتان جو سنڌي ادب ڪهڙين بلندين (HEIGHTS) کي ڇهي ٿو؟ اهو سڀ ڪجھ اسانکي تڏهن معلوم ٿي سگهندو، جڏهن اُتان جي ادب کي هِتان جي ادب سان ڀيٽينداسون. اسان پنهنجي تاريخ تي نظر وجهنداسون ته اسانکي پنهنجا قومي هيرا، شاعر، سورما، شارح ۽ تاريخدان ساڳا ئي ملندا، جيڪي مذهب جي قيد بند کان متيرا ۽ ڀوليءَ جي رشتن سان واڳيل آهن. جنهن ۾ نه مسلماني درڪار آهي ۽ نه جٽيو پائي رام رام ڪندڙ هندو هئڻ ضروري آهي. شاھ، سچل، سامي، بلاول، هيمون، شاھ عنايت، ڪنور رام، قاضي قادن، شاھ ڪريم، نانڪ، چندر، دلپت، نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جهڙن شخصيتن کي اسان زميني ورهاڱي وانگر تقسيم نٿا ڪري سگهون، ڇاڪاڻ ته ڀولي ۽ ثقافتي رشتي ڪري اِهي شخصيتون اسانجو گڏيل ورثو آهن. اسان (سنڌ ۽ هند جا سنڌي) هڪ ئي وڻ جو ٻُورُ، ٻُنگ، پن، گل- ٻاٽيون ۽ ميوو آهيون. اسان کان ڪو زمين ته کسي سگهي ٿو. پر دلين جا ورهاڱا نٿو ڪري سگهي. بمبئي ۽ بکر جو سنڌي هڪ ئي وڻ جي لام تي ٻه گل آهن. ڀوليءَ جو رشتو عظيم رشتو آهي. ڀولي ڪنهن لاوارث جو لاش ناهي. جنهن کي ڪڏ کٽي پوري ڇڏجي. ڀولي ريگستان جو وڻ ناهي. جنهن کي واءُ اکوڙي واريءَ

شامل آهي.

مون کي ٻڌايو ويو تہ هند جي ذهن اديبن ارجن شاد، چندو لال جئسنگهاڻي، نارائڻ ڀارتي، موتي پرڪاش، موتي لعل جوتواڻي، سنت داس جهانگياڻي، موهن لعل شرما، مرليڌر جيٽلي، پرسو گدواڻي ۽ شيلا موٽواڻي، سنڌيءَ ۾ پي- ايچ- ڊي ڪئي آهي. اِن کانسواءِ ديال آشا، ستيش روهڙا، مرلي ڀاوناڻي، سندري پرچاڻيءَ سنڌيءَ جي مختلف تحقيقي مقالن تي ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي.

هِن ٻهڳٽي ٻوليءَ کي مالا مال ڪرڻ لاءِ مرڪزي سرڪار جي تعليم کاتي پاران هندي- سنڌي ڊڪشنري ڇپرائي وئي آهي، جيڪا ڊاڪٽر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر روهڙا واريءَ ٽن زبانن- هندي، سنڌي ۽ انگريزي لغت کان هڪ ڌار لغت آهي. اسان ڏسون ٿا تہ هِن قسم جون تحقيقي ۽ تخليقي سرگرميون ڀارت ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ جي کيت ۾ نوَن مکڙين ۽ گلن جو اضافو ڪنديون رهن ٿيون.

وڪڻندو هو، جنهن ۾ سندس مدد سندس ڀيڻ ديوي بہ ڪندي هئي. هِن غربت ۾ گذاريو، پر ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگيائين. لڇمڻ ڀڏايو تہ ڪلياڻ جون مائرون چولا، پڪوڙا، مڱن جي دال، وڙو، لائي، ٽافيون ٺاهي پنهنجي معصوم ٻارڙن کي ڏينديون هيون، جيڪي ريل گاڏين ۽ بسين ۾ وڪڻي، شام ويلي گهر ورندا هئا. ڪيترن ٻارڙن هلندي ريل ۾ چڙهندي، لهندي، ٽنگون ٻانهون ڪٽرايون. لڇمڻ اوڙون اوريندي ٻڌايو تہ سندس امڙيءَ پندرهن روپين ۾ چوڙيون وڪڻي، گذر سفر ڪيو هو. لڇمڻ ۽ سندس ننڍو ڀاءُ فلمن جا پوسٽر لڳائيندا هئا، جتان ڪيس هڪ رپيو ۽ سندس ننڍي ڀاءُ کي اٺ آنا ملندا هئا.

گذر سفر جي اهڙين حالتن ۾ بہ جلا وطن سنڌين ڪنهن موڙ تي بيهي، هيڏي هوڏي واجهائڻ بدران پنهنجي زندگيءَ جو ڪٺن سفر جاري رکيو. ڊاڪٽر ارجن شاد ٻڌايو تہ اهو سنڌين جذبو هو، آس هئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت مڃرائي، پنهنجو تشخص (ENTITY) قائم رکي، پنهنجي ماءُ سنڌ- ماتا جي پيتل ڪير ملهائڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيندا. لڇمڻ ڪومل ٻڌايو تہ هِي اُهو وقت هو جڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن جي وئڪيشن ملڻ تي هر غيرسنڌي مرهٽو، مدراسي، بهاري، خالصو ۽ گورکو شاگرد چوندو هو تہ هُو پنهنجي اباڻي ڳوٺ پنهنجي گهر ٿو وڃي. سنڌين جا ٻار ڪنڌ جهڪائي، خاموش ڏٺا ويندا هئا. هُو تہ پنهنجا گهر ۽ گهاٽ سنڌ ڇڏي آيا هئا! سنڌي جتي ڪٿي هئا، پر پوءِ بہ ڪٿي ڪين هئا.

جڏهن گانڌي ڌام ٿي؟ ٻڌو تہ بي گهر ٿيل سنڌين کي نانگ وڇون بہ مارڻا پيا هئا. نانگ مارڻ جو هڪ رپيو يا وڌ ۾ وڌ بہ رپيا ۽ وڇونءَ مارڻ جا اٺ آنا يا هڪ رپيو ملندو هو. اهڙي ماحول ۾ ساهت، سنگيت، چترڪاري، اداڪاري ۽ صحافت جي ڪلا جون مکڙيون مهڪيون، جهوميون ۽ جهُوليون ۽ پوءِ اُها مهڪار احمد آباد کان آديپور ۽ اجمير کان الهاس نگر تائين ڦهلي ۽ محسوس ڪئي وئي. اِهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻولي ائين شيڊول ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڀارت جي 15 ٻولين منجهان هڪ ڀهڳتي قومي ٻولي آهي. صوبائي سطح تي ڀارت سرڪار طرفان راجستان، گجرات، مهاراشٽر ۽ مڌيہ پرديش ۾ قائم ڪيل ساهتيہ اڪيڊميون ڀارت جي ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري لاءِ پڻ تحسين جوڳو ڪم ڪري رهيون آهن. پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جي ميمبر، ٽماهي مخزن 'سپون' جي ايڊيٽر ۽ شاهہ، سچل، سامي سيمينار جي ڪنوينر شري ٺاڪر چاولا ٻڌايو تہ اِهي اڪيڊميون ڪتابن جي اشاعت سان گڏ سنڌي زبان ۾ تخليق ٿيندڙ ادب کي فروغ ڏيڻ لاءِ سيمينار پڻ ڪوٺائينديون رهن ٿيون. سنڌي ڀارت جي انهن ويهن ٻولين ۾ شامل آهي، جن جي واڌاري لاءِ ساهتيہ اڪيڊمي جهڙو خودمختيار ادارو ٻاڻ پتوڙي رهيو آهي. ڀارت جي ساهتڪارن کي همٿائڻ لاءِ هي ادارو هر سال بهترين ڪتاب تي پنجويهن هزارن رپين جو انعام ڏيندو آهي، جنهن ۾ سنڌي ادب بہ

۽ رام پنجواڻي آهي، جنهن کي هند جي اعليٰ سرجڻهار موهن ڪلپنا خداوادي ليکڪن- هوند راج دکايل، هري دلگير، پرسرام ضياءَ، پربهو وفا ۽ ديال آشا واري لڙهيءَ ۾ پوئي ڇڏيو آهي. مان تہ ائين چوندس تہ هِن وقت اِهو نعرو ڀارت ۾ وسندڙ هر سنڌيءَ جو نعرو بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ ترقي پسند، رومان پسند، جدت پسند توڙي انهن ٽنهي دؤرن مان جنم وٺندڙ لوڪ پسند ليکڪ ۽ ليکڪائون بہ اچي وڃن ٿا. ڀلا جيڪڏهن اِن نعري سان سنڌي مڙي چونڊجي هڪ پليٽ فارم تي اچي ڪٺا ٿين، سنڌ ۾ وڃايل تشخص جي ٿوري گهڻي تلافي ٿئي تہ پوءِ اهو نعرو هڪ دفعي بدران ڏهہ دفعا هڻڻ سان ڪهڙو نقصان ٿيندو؟ اسان سنڌ ۾ مينهن وسندي ڀيڄ ڀٽائي ۽ جهولي لعل جهڙا نعرا هڻي سڪر سٽائيءَ کي اَجيان ڪندا آهيون.

’اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا‘ هند جي سنڌين جي اُها سڀا آهي، جنهن ’سنڌيت جي ڏينهن‘ ملهائڻ کي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو. هِن سڀا سميت پندرهن سنستائن گڏجي 2 نومبر 1990ع تي شام جو ڪار ۾ واقع دياونتي ٽيڪمداس هال ۾ اسان سنڌ وارن جو ڀيڪيدار سواگت (آڌر ڀاءُ) ڪيو. جنهن ۾ سنڌ کان آيل اديبن جي تعارف سان گڏ اکِل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي عهديدارن ۽ هند جي برک اديبن ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، ۽ ٻين اسانجو ملهائڻ لفظن سان آڌر ڀاءُ ڪيو. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ڪانسواءِ هِن آجياڻي ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس، فرينڊس آف انٽرنيشنل سنڌين، جيئي سنڌ، لوڪ سر ۽ الهاس نگر مينو فيڪچررس ايسوسيئشن جو بہ سهڪار شامل هو. هِن آجياڻي ۾ اسانکي گلن جا هار، موتين مالهائون، جهوليلال ميڊل، سنڌي پريم منڊل ميڊل ۽ پاڪرون پهرايون ويون هيون. رات جي ماني- پاٽيءَ جي دعوت هند جي پبلشر، سياسي ۽ سماجي شخصيت شري گوبند پنجابيءَ وٽ هئي.

سيمينار ۽ مشاعري ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سڀ کان پهريون آجياڻو هوٽل سمراٽ ۾ فرينڊس آف انٽرنيشنل سنڌيز طرفان ڏنو ويو، جنهن ۾ گلن جا هار، موتين- مالهائون ۽ پاڪرون پيش ڪيون ويون. مون پهريون دفعو پنهنجن ڪلهن تي اچون پاڪرون ڏٺيون. ٻڌندا هئاسون تہ ورهاڱي کان اڳ هندن جي زماني ۾ پاڪرون پهرايون ويندبون هيون. لاڏاڻي ۽ لاڏاڻي کان اڳ، مان جيئن تہ ننڍڙو هئس، اُن ڪري پاڪر پهرائڻ جي ڪا تقريب نہ ڏسي سگهيو هئس. فرينڊس آف انٽرنيشنل سنڌيز جو روح روان چئرمين شري نرسنگ گولاڻي ۽ هن سڀا جا ساٿياري مقامي توڙي ٻاهران آيل سنڌين کي جيءَ ۾ جايون ڏيئي، عزت بخشندا آهن.

لوڪ سر (LOK SUR) پاران هوٽل نٽراج وارو آڌر ڀاءُ تاريخي حيثيت رکندڙ آجياڻو هو. جنهن ۾ لوڪ سر جي صدر، شري ٻي- ايل رتنپال ۽ سيڪريٽري هيري چاولا اسانکي سونهائيندڙ لفظن ۾ ڀليڪار چئي. جپان، هانگ ڪانگ ۽ ٿائيلنيڊ ۾ سنڌين جا رچايل جيڪي بہ مون ثقافتي شو ۽ آجياڻا ڏٺا

ادب جي ٽن گلن

موتئي (گوبند) مگري (اُتم) ۽ گلاب

(ڪيرت) جو شهر، بمبئي.

ساڳي ڏکٿهاري بمبئي، جنهن ڪان موت، ڪلا جو ڏٽي رام پنجواڻي ۽ ڪلا جي ديوي پڳونتي ناواڻي ڪسي ورتي هئي. اُها ساڳي بمبئي، جنهن ٽيتاليهن سالن جي وڇوڙي ڪانپوءِ پُهريون دفعو هند- سنڌ جي تخليقڪارن ۽ ڪلاڪارن کي سيتا سنڌو يون جهڙي جڳمڳائيندڙ اُپنگر ۾ هڪ هنئي سان ڳل لڳي ڳراٽڙيون پائيندي ڏٺو.

منهنجي سامهون وِشال سمونڊ هو، جيڪو اپ جو حصو ٿي لڳو، جنهن کي ڪينچيءَ سان ڪاٽي، ڇڻ ڪنهن ڌرتيءَ سان ٽاڪي ڇڏيو هو. سچَ غواص وانگر سمنڊ ۾ غوطو هڻي، ڳم ٿي چڪو هو. بلبن ۽ رابن جي جهڳمڳ بمبئي کي ڪنوار وارا سورنهن ئي سينگار ڪرايا هئا. اسان گيٽ وي آف انديا وٽان گذري، ڪملا نهرو پارڪ ڪان مهاراٽيءَ جي چندن هار (Queen's Necklace) جي درشن لاءِ چوُپاٽي ڏانهن نظرون ڦيرايون، جتي جل- ديوي ستارن جو هار پايون بيٺي هئي، جنهن کي چنڊ ٽڪ هڏي مٿان ڏسي رهيو هو. ميرين ڊرائيوِ ۽ چوُپاٽيءَ جي سامونڊي روشنيءَ سان اکيون جرڪائيندا، اسان هلندا رهياسين. بمبئي شهر بہ جپان جي ٽوڪيو، هانگ ڪانگ جي ڪولون، فرانس جي پئرس، انگلستان جي لنڊن ۽ سنڌ جي ڪراچيءَ وانگر سامونڊي ڪناري تي آباد آهي، جيڪو ٽن پاسن ڪان سمنڊ سان گهيريل آهي. سندس غريبن ۽ اميرن جي بستين ۾ سانتاڪروز، ڪولابا، چوُپاٽي، ميرين ڊرائيوِ، جُوهو، ڪار، باندرا، سيتا سنڌو يون، ماهيم وغيره اچي وڃن ٿيون. منهنجيءَ ڏيٺ ويٺ مان لڳو هو تہ سنڌي گهڻو ڪري ڪار، ماهيم ۽ باندرا ۾ رهن ٿا. پروفيسر رام پنجواڻي ڪلچرل اينڊ لٽرري سينٽر سيتا سنڌو يون ۾ واقع آهي، جيڪو سرڳواسي رام پنجواڻيءَ جي پرت ۽ پورهئي جو ڦل آهي. هن مرڪز کي هڪ عاليشان 'ڪلا- گهر' جو درجو حاصل آهي. پنهنجي تشخص، حيثيت ۽ ڪارنامن جي روشنيءَ ۾ هي اُهو ڪلا- گهر آهي، جنهن ٽي نئين وقت جو نئون 'ناٽيہ شاستر' لکي سگهجي ٿو. چيٽي چنڊ کي 'سنڌيت جو ڏينهن' ڪري ملهائڻ جو سهرو پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سرِ ٿو سونهين. کيس 'سنڌين جو سفير' هئڻ جو شرف حاصل آهي. 'آيو لعل، جهولي لال' جو نعرو ڏيندڙ

اُڪيري ڇڏي آهي. هري موتواڻي، جيوت چاولا ۽ هيرو ٺڪر ته مون سان هٿ هٿ ۾، قدم قدم ۾ ملائي به هليا. جيوت چاولا قرب ۾ اهڙو ته ڪڙي ڇڏيو، جو پروگرامن مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن مون وٽ گاڏي نه به هوندي هئي ته ساٿس ڪچهري ڪرڻ لاءِ ٽيڪسي ڪري ڪارِ پهچندو هئس. شيخ اياز کي منهنجن ٽيڪسين جي ڪراين پرڻ تي مونسان ڏاڍي همدردي هوندي هئي. ڀاڄائي ڪملا چاولا ۽ ڪڪي پونم جي موجودگي مونکي پنهنجي ڀيڻ بصر خاتون ۽ ڌيءَ سندوءَ جي موجودگيءَ جو احساس ڏياريندي هئي. ٻيبي پونم رابيل جي ٽاريءَ جيان مهڪي، سڄي گهر کي واسيندي رهندي هئي ۽ ائين اسان کي خبر ئي ڪانه پوندي هئي جو اسانجي ميز تي رنگبرنگي رڪيبن جي قطار لڳي ويندي هئي. پونم ڪاٽيج ۾ جيوت چاولا، موتيرام، ۽ نرمل کي هڪ ميز تي ڏسي مون چيو هو ته هِن ٽيلهڙ ڀيڻ ڪملا جي آستاني کي معنيٰ بخشي آهي.

جيوت چاولا، ٺاڪر چاولا جو ننڍو ڀاءُ آهي، جيڪي منهنجا ڳوٺائي، يعني راڌيپور جا رهواسي هئا. مان ذڪر ڪري آيو آهيان ته سندن گهر ۾ هن وقت سچل سرمست ڪاليج آهي.

سيتا سنڌو پوَن مان واندو ٿي، مان جيوت چاولا سان گڏجي هري راما هري ڪرشنا مندر گهمڻ ويس. هي مندر جوهوءَ ۾ واقع آهي. ٻاهريون دروازو ٽپي، ڏاڪڻ چڙهي، ڪتابن واري دڪان کان ٿيندا جيئن ئي اسان مندر جي اندرئين حصي ۾ پهتاسون ته منهنجي نظر هال جي پاسي ۾ وينل هڪ ٻائي تي وڃي پئي، جيڪو پلٿي ماري مونڏانهن به ڏسي رهيو هو ۽ ٽلين جي مڌر موسيقي تي پجن به ٻڌي رهيو هو. ائين ٿي لڳو، جڻ رمزن ئي رمزن ۾ مونکي ويجهو اچڻ لاءِ چئي رهيو هجي. سندس نرڙ تي سندور جو ٽڪو لڳل هو، جيڪو چنڊ جي ٻن ٽڪرن وچم ٽيپهريءَ جو سج ٿي لڳو. هِن ٻائي مون مان نظر ئي نٽي ڪئي. ويجهو وڃي ڏٺم ته هو هڪ مجسمو هو. مونکي ته بلڪل جيئرو جاڳندو ٻائو ٿي لڳو. جيئن ته اهڙا مجسما ڏور اوير ملڪن، خاص ڪري ٿائيلينڊ ۾ مان اڳ به ڏسي چڪو هئس، ان ڪري ويجهو ٿيڻ کانپوءِ مان جلدي سمجهي ويس ته هو جيئرو جاڳندو ماڻهو نه، پر هڪ مجسمو هو. ڪنڌ ورائي پٺتي ڏٺم ته مون وارو يار جيوت چاولا مُرڪي رهيو هو.

مان وري به اکيون ڪُپائي، اُن بُتَ کي ڏسڻ ۾ لڳي ويس. منهنجو ڌيان اِڪ- چنيءَ ۾ اٽلي ۾ موجود مائيڪل انجلو جي تراشيل حضرت موسيٰ واري مجسمي ڏانهن هليو ويو، جيڪو ڇيٽيءَ ۽ مترڪن جي مدد سان جوڙيل انساني هٿن جو عظيم شهپارو آهي. هن بوتي ۾ حضرت موسيٰ کي پنهنجي قوم تي غصو ڪندي ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو هو ته سندس قوم وري ڳئونءَ جي پوڄا شروع ڪري ڏني آهي. هِن بت ۾ ايڏي ته پورڻتا (PERFECTION) آهي، جو ڇيٽيءَ جي

آهن، اُهي لوڪ سر جي هِن آجياڻي جي مقابلي ۾ ٿڇ برابر هئا. هن آجياڻي ۾ ڀڳت ۽ پلؤ پائڻ ورهاڱي کانپوءِ مون پهريون دفعو ڏٺا ۽ ٻڌا. ڀڳوان چاولا جي ناچ، چير جي چمڪي، راڻي جي آلاپن ۽ ساٿس هيرو چاولا جي سنگت مونکي تہ مستيءَ جا جام ٿي پيارِيا. مونيشا چاولا جڏهن "باغن منجھ بهار، موٽ مٺا منٺار، ڍولڻ! مورو وينِي ڏيان" ڳاتو هو تہ مون ڪجلي رت ۾ بسنت جي گلن جي ورڪا محسوس ڪئي هئي. ڀڳوان چاولا جي ڀڳت ۽ پلؤ پائڻ اسانکي ماضيءَ جا درشن ٿي ڪرايا، اُهو ماضي، جڏهن شادين مرادين، ميلن ملاکڙن، ڏرمي ڏڻن ۽ چيٽي چنڊ جي موقعن تي چؤنڪي پيش ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ ڪافيون ڪلام ڳاتا ويندا هئا. پَلؤ پائڻ جا ٻول هئا: "وينڙي آهيان باغ ۾، باغ گهمڻ ايندو، ڪٺا انب لال سائين، مٺا ڪري ڏيندو." مائيڪ تي ڳائڻ وارا هئا ڀڳوان چاولا ۽ هوندلداس سيناڻي. هند جي هاٺوڪين چؤنڪين ۾ ڪافين سان گڏ لاڏا، اوراڻا، لوليون ۽ وايون بہ ڳاتيون ٿيون وڃن. هند ۾ چؤنڪيون پيش ڪري، رام پنجواڻيءَ ورهاڱي جي ستايلن ۽ ڏکويل دلين تي نہ رڳو چنڊا وڌا، پر ايشوَ جاگيردار، سندر سامتاڻي، ٻيبي نرملا، رام اختري، ايسر ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ جهڙي سندر ڳائڻي بہ پيدا ڪئي. پوءِ تہ اڳتي هلي ڪلا هزاري، مايا ايسراڻي، گرڌر ميراڻي ۽ ڪملا ڪيسواڻيءَ ميدان مُرڪايو ۽ اهڙيءَ طرح جئپور ۾ گورڌن ڀارتي، دهليءَ ۾ موتيهار برادران ۽ بمبئيءَ ۾ رام پنجواڻيءَ جي آستانن تي سنڌي سنگيت گونجڻ لڳو.

جُويل آف انڊيا (JEWEL OF INDIA) ۽ هوٽل سن اينڊ سئنڊ (SUN- N- SAND) جي ست- رڇي طعامن ۽ سوم رس جي ڍڪڻن اسانجي جسم ۾ ضرور رت- ڦڙا پيدا ڪيا هوندا. جويل آف انڊيا هوٽل ۾ مانواري آر- جي آڏواڻيءَ اسانجي رات جي ماني موڪلائي هئي، جنهن ۾ سندس گهر جا ڀاتي ۽ اسان شريڪ ٿيا هئاسون.

آر- جي آڏواڻي ڪراچيءَ جو رهواسي هو. ڪراچيءَ ۾ ٽاور ۽ ڪي- پي- ٽيءَ وچ تي جيڪو قمر هائوس آهي سو سندن اڏايل آهي. وڻج واپار جي لحاظ کان آڏواڻي صاحب وڏو تُجار ۽ ڌن دولت جو مالڪ آهي. جنهن جون هند ۽ آمريڪا ۾ واپار جون ڪوٺيون آهن. آڏواڻي صاحب مون کي هڪ الهراسي ۽ الهلوڪ شخص لڳو. پاڻ هن وقت پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين آهي.

هري موٽواڻي، جيوت چاولا، هيري ٺڪر، اُتم، سندري، نارائڻ ڀارتي، منوهر بيدي، جگديش لڇاڻي، نند جويري، ڪيرت ٻاٻاڻي، ارجن شاد، ٺاڪر چاولا، پارو چاولا، واسديو نرمل، موتيرام ايس- راماڻيءَ جون رهاڻيون نصيب نہ ٿين ها تہ هوند هي سفرنامو مونکي اڌورو لڳي ها. پيڻ ڪملا چاولا ۽ ڪڪي پونم جون خدمتون، شوپارام رائچنداڻي جي شيوا ۽ آشا چاند جي رچايل رهاڻ جيڪا پنهنجائپ واري سوغات عطا ڪئي، اُن دل تي 'وساريان نہ وسرن' واري تحرير

فرنيچر سادو استعمال ڪرڻ، پنهنجي ديس جون ٿهيل ۽ ثقافتي شيون واپرائڻ ۾ ڪين سڪ ۽ آنند ملندو آهي. مون ڪنهن بہ سنڌي سيٺ يا مالدار اديب وٽ ايمبسيڊر، فيٽ ۽ پرنس ڪانسواءِ ڪا ٻاهرين ڪار نہ ڏٺي.

بمبئيءَ ۾ بس جي سواري ڏاڍي سستي ۽ آٿت ڀري آهي. ڊرائيور ڪي مجال آهي جو اسٽاپ ڪانسواءِ ڪٿي بس بيهاري! ڀلي ڪو ٽسينگ جو پٽ هجي، لھٹو چڙھٹو ڪيس اسٽاپ تان ئي پوندو. ٻارنهن (12) ڏينهن ۾ مون ڪٿي بہ نہ ڏٺو جو مسافر ڊوڙندو ڊوڙندو ڪنهن غلط هنڌ تان بس ۾ چڙهيو هجي، يا ڪنهن ڊرائيور سرڪشيءَ جو مظاهرو ڪندي، پنهنجي دوست احباب ڪي بس بيهاري رستي تان کنيو هجي. نہ ڪي ٽرئفڪ جام ٿيندي ڏٺي وئي ۽ نہ وري هن ڊرائيورن ۽ ڪنڊڪٽرن ڪي وڙهندي ڏٺو ويو. هتي اسان وٽ خاص ڪري سنڌي غيرا ڪٽريتي بستين ۾ تہ قانون ڪي تيلي ڏئي، بسون روڪي ياريون باشيون ملهايون ويندڻون آهن. پرائي ڌرتيءَ تي اجنبي مخلوق جا اينگا رويا ڏسي، مونکي تہ سنڌ جا اصل والي وارث ياد اچي ويندا آهن.

هتي بمبئيءَ ۾ بس ۽ ريل گاڏيءَ جي سواري ايڏي تہ سستي ۽ آٿت ڀري آهي، جو ڪار ڪي ڪنهن حفاظت ڀري جاءِ تي پارڪ ڪري، ڪي ماڻهو بس يا ٽرين ۾ چڙهي، ڪم ڪار لاهي وري اچي پنهنجي ڪار ڪٽندا. شهري قاعدن قانونن جو احترام ڏسڻ ۾ آيو. هرڪو پنهنجي گاڏي (ڪار، ٽرڪ، سوزوڪي ۽ موٽر سائيڪل) سڌي لڪير ۾ هلائڻ سکيو آهي. ٽيڪسي ڊرائيورن ڪي مسافرن جي مرضيءَ جو احترام ڪندي ڏٺو ويو. هتي ڪراچي (مائي ڪلاچيءَ جي ڦهلايل ڳوٺڙي) ۾ گهڻو ڪري پٺاڻ پنجابي ۽ بهاري ڊرائيورن جي مرضيءَ تي هلڻ ۾ ئي عاقبت آهي.

هڪ رات بيگاهہ وقت مون ٽيڪسيءَ واري ڪي اردوءَ ۾ چيو تہ ٻابُو روزوڊ هوٽل هلندين؟ ڊرائيور اردوءَ ۾ ئي جواب ڏنو: ”صاحب! حڪم ڪريو، جاڏي بہ وٺي هلو، اسان توهانجي خدمت لاءِ ئي تہ ويٺا آهيون.“ مون ڪٿي بہ ڪنهن ٽيڪسيءَ واري ڪي ميٽر کان وڌيڪ پئسن جي تقاضا ڪندي نہ ڏٺو.

بمبئيءَ ۾ قانوني اجازت آهي تہ عورتون ۽ مرد هڪ سيٽ تي ويهي سفر ڪري سگهن ٿيون. مان ۽ طارق اشرف، هري موٽوائيءَ سان گڏجي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان ملڻ سندس گهر آدرش- نگر وڃي رهيا هئاسون. بس ۾ رش گهٽ هئڻ ڪري، اسان: مان ۽ طارق بس جي دريءَ ڪان ڌار ڌار سيٽن تي ويهي، نئين ماحول ڪي ڏسڻ ۾ لڳي وياسون. هڪ هن اسٽاپن ڪانپوءِ هڪ نوجوان دوشيزه، هوبهو پٿائيءَ جي ڪاڪ محل واري مومل، هرڻيءَ وارا چال ڏيندي، گوڏو گوڏي ۾ ملائي، اچي منهنجي ڀر ۾ ويٺي. مان ڪينهونءَ وانگي سُسي ويس، ڪڙڪي جاءِ نہ ڏني نہ تہ ٻاهر وڃي ڦهڪو ڪيان ها. دل هڏي، ٿورڙو پاڻ ڪي ڦهلائي، مون اک- ٽيٽ سان جهنگل جي اُن هرڻيءَ ڏانهن ڏسي ورتو، جنهن جون اکيون ڪير جا ڀريل

آخري ڏڪ ڪانپوءِ مائيڪل انئجلي مجسمي کي مخاطب ٿي چيو هو:

"هاڻي ڳالهاءِ نه، ڳالهائين ڇو نه ٿو؟" مون پوڄارين ۽ مندر جي سيوا ڪندڙ گيڙو-رتن کي به ڏٺو ۽ جاچيو. ڪن ساڳيو ئي لباس پاتل هو. جيڪو ٽروڪاڊيرو هوٽل ۾ بئنڪاڪ جي پڪشن ۽ پانڊن کي اوڊيل ڏٺو هئم. هال جي وچ ۾ عورتون پڇن ۽ پوڄا جا گيت ڳائي رهيون هيون. ٽلين جو سرتال ۽ نسواني آواز جي مڌرتا هڪ اهڙي دنيا ۾ وٺي ٿي وئي، جتي امن، آشتي ۽ انساني سونهن اسان تي گن جي ورڪا ٿي ڪئي. شوڪيس ۾ رکيل بت به اينڊي، ويندي جي دلچسپيءَ جو مرڪز بڻيل هئا. هر مورتيءَ جي هاهران تعارفي جملا لکيل هئا. ويدن جي ڏرمي ۽ ڏند ڪٿائي قصن ڪهاڻين سان گڏ ڀڳوان ۽ سندس اوتارن جي رُوپن جون علامتي مورتيون اهڙي ته فنڪاريءَ سان جوڙيل ۽ سڄايل هيون جو دل ٿي چيو ته رات جا چار پهر مندر ۾ گذاري، مجسمي سازن جي جميل شاعريءَ (Dormant Poetry) کي لفظن جو ويس پهرائي، پوءِ ڪيڏانهن اُٿجي.

مندر ڇڏيندي، مون مندر جي بوڪ اسٽال تان سوامي پربهو پدا جو سنسڪرت زبان ۾ لکيل اصل گيتا جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب خريد ڪيو.

اميتاڀ بچن جي گهر کان ٿيندي، بنا اطلاع جي اسان 'سنڌ ۽ اسانجو ورثو' جي ليکڪ موتيرام ايس- راموائيءَ سان ملڻ لاءِ پيادل ئي پيادل جوهوءَ هليا وياسون. موتيرام سترامداس راموائيءَ جو گهر راما ڪرشن سوسائٽيءَ ۾ واقع آهي. اسانجا ڀاڳ ڀلا جو موتيرام گهر ۾ موجود هو. موتيرام سان سندس اسٽڊي روم ۾ ڪچهري ڪري، چانهه پي، جيوت جي گهر پهچي وري به اچي ڀاڃائي ڪملا جا بسڪوٽ کاڌاسون.

موتيرام جي ڪتابن پڙهڻ سان سندس اسلوب (Diction) جي ڊيگهه- پکيڙ ۽ لفظن جو خزانو (Wealth of words) پڙهي، مونکي ته ڏندين آڱريون اچي ويون. مڃڻو پيو ته ورهاڱي ڪري نه رڳو هتان جي سنڌي قبيلن کي جلاوطن ٿيڻو پيو هو، پر اُن سان گڏ ٺيٺ سنڌيءَ جا بيشمار لفظ ۽ محاورا به لڏپلاڻ جي ضد ۾ آيا هئا. هندو ويا ته ڪيترا لفظ، چوڻيون ۽ محاورا به پاڻ سان کنيو ويا. جيڪي هن وقت اسان وٽان گم ٿيل آهن.

بمبئيءَ ۾ آباد سنڌين جي سماجي توڙي تجارتي وهنوار جي جائزي وٺڻ سان مونکي ته اُتان جي سنڌين تي شهري ڪٺورتا جو ڪو نالي ماتر به اثر نظر نه آيو ٿي سگهي ٿو ته اِها منهنجي خام خيالي هجي. ڳالهه ٻولهه ۾ سپاويڪ، ورائي سرائي ٻانهن جي ٻيڪڙ ۾ آڻڻ جا سخي، منجهن نياز، نمرتا ۽ سادگي ساڳي ئي ملندي، جيڪا ڪنهن زماني ۾ منجهن سنڌ ۾ پاتي ويندي هئي. ڀنائيءَ سچ چيو آهي: "ايءَ نه مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون ني." پن پا ٽن ڪمرن واري فليٽ ۾ قالين وڇائڻ بدران فرش کي صاف ڪري، چلڪائي خوشبودار ماحول ۾ رهڻ.

پَنَ- چـَنَ پڇاڻان

ورهاڱي جي غيرفطري ڪاري آنڌاريءَ ڪري وڏن وڏن وڻن جا ڏار ڦهڪو ڪري اچي پٽ پيا. هنجن ۽ مورن جي سڙيل آکيرن جي خاڪ هوا جي تيز ڪهن تي الائي ته ڪيڏانهن اُڏامي وئي! مينهن ۽ ڳڙي واري طوفان ڪٺو ڪٽي ڪان ڏار ڪري ڇڏيو. نَون چاول هارڙن جو ناڙو به ڪونه سُڪو هو. جو دُکيءَ ماءُ جا رت هاڻا ڪپڙا بيل گاڏيءَ ۾ وجهي نئين گهر جي تلاش ۾ ابن ڏاڏن جا ماڳ، مڪان ڇڏڻا پيا. پنديءَ مان پڳل گرهه اجان وات تائين ئي نه پهتو هو. جو لڏپلاڻ جهڙو منحوس لفظ ڪنن ۾ ڀُڻ لڳو هو. دانگيءَ تي وڌل ماني اجان اُٿلائي ئي نه وئي هئي، جو ڳوٺ واري مُکي دروازي تي قافلن اُسهڻ جا سانباها ڪيا هئا. کوهن ۾ وڌل گهڙا اجان ڀڳن تي به ڪين پهتا هئا، پينرون، گهوٽن جي هٿن تي اجان ميندي لائي رهيون هيون، معصوم هارڙا ٻُبا چڱڙي رهيا هئا، جو گهٽيءَ گام لڏپلاڻ جا سڏ پڙاڏا گونجڻ لڳا هئا.

اندر مان ڪوري جي جيڻ وانگر نڪرندڙ هجر فراق جي ڪٺا اجان پوري ئي ڪانه ٿي هئي جو بمبئيءَ جي هڪ اُپنگر ۾ وڻ هيٺان منهنجي اکين جا بند ڀڃي پيا هئا. منهنجو ڳالهائڻ رُڪجي ويو هو. مان جذبات جي اونهي ساگر ۾ غوطا کائڻ لڳو هئس ۽ پوءِ سڏڪن جون شهنايون وڄائي، مونکي ڇاتيءَ لاتو ويو هو. فلسطينين، آمريڪا جي اصلي باشندن، تبت جي رهواسين، ڪُردن، ويتنامين، هنگري، نڪاراگا، نائجيريا ۽ ايٿوپيا جي ماڻهن جي عارضي ۽ دائمي جلاوطنيءَ جا واقعا ٻڌائي، منهنجي دل وندرائڻ جي بهاني سان ٻرندڙ باهه تي تيل هاريو ويو هو. ڪي گهڙيون مونکي ننڊ وٺي وئي هئي. مان اڄ به منهنجن ڪلهن تي رکيل اُنهن هٿن ۽ وارن کي سيرُون ڏيندڙ اُنهن آڱرين کي نه سڃاڻي سگهيو آهيان، ته ليار جي تارين جهڙا اُهي هٿ منهنجي ماءُ جا هئا، ڀيڻ جا هئا يا اُن مومل جا هئا، جنهن جي سيج تي نشانيءَ طور ڇڏي ويل راڻي جو لڪڻ نانگ ٿي پيو هو.

هري موٽواڻي، جيوت چاولا، موتيرام، ڪيرت، لڇمڻ ڪومل، هيري ٺڪر ۽ شريڪانت صدف سان خيالن جي ڏي وٺ ڪانپوءِ مون محسوس ڪيو هو ته بکيو ماڻهو به پنهنجي ديس ۾ سٺو لڳندو آهي. پر، اِجهو هن خواب کي ساڀيا ۾ ڪير مٽائي؟ جڏهن ڪو چوي: "منهنجو اُهو ديس آهي، جتي ڪوبه ڏاريءَ جي زبان ۾ نه ڳالهائيندو آهي، ۽ منهنجو اُهو ديس آهي، جتي آوارا ڪتن کي به روٽي ملندي آهي!" ڪن جاين تي ته ڀارت ۾ رهندڙ مٽين ڏرتي- جاين کي مون خواب واريءَ

ڪنورا ۽ ڳل، گنگا ۽ گلاب جي پاڻيءَ ۾ ڳوٺل پارت ورش جي مٽيءَ مان ٺهيل ٿي لڳا. هونءَ بہ هڪ تہ سرڪاري دفتر ۾ ڪم ڪندي، منهنجو ڄاڻ، هانگ ڪانگ ۽ ٿائيلنڊ وچڻ پئي ٿيو آهي، ٻيو وري پنهنجو ڳوٺ سنڌوءَ جي ڪناري تي هئڻ ڪري مونکي مڇين ڦاسائڻ جي اٽڪل بہ آهي، اُن ڪري مان بہ بالم ٿي گوڏو گوڏي سان ملائي ويهي رهيس. اها جل- پري (MERMAID) مون تي گلن جي ورڪا ڪندي، اسانجي اسٽاپ کان هڪ اسٽاپ اڳ لهي وئي. طارق پٺتي مُنهن ورائي راز ئي راز ۾ مونکان پڇيو: ”ڇهندڙي ڪانہ پاٿئيس؟“

بمبئيءَ ۾ اسڪوٽر ۽ موٽر سائيڪل هلائڻ جي مردن وانگي عورتن کي بہ قانوني اجازت آهي. اسان بمبئيءَ جي مصروف شاهراهہ تي پيادل گهمي رهيا هئاسون، جو رنگ برنگي ساڙهيءَ ۾ لپيٽيل هڪ پدمڻي اسڪوٽر هلائيندي، سنگنل بند ٿيڻ تي گهڪو ڏيئي، منهنجي پرسان بيهي رهي. هڪ تہ عورت جنهن جي مُنهن مان جوڀن ٿي ڇٽيو، ٻيو گلن سان جنجهيل ٿاريءَ جهڙي، ٿيون وري اسڪوٽر تي ويٺل. بس مان تہ سونهن کان وڌيڪ عورت جي آزاديءَ واري جذبي ڪري صبوح جي گلاب وانگر ٽڙي پيس. مان تہ سورج- گل وانگر پوريءَ دنيا کان بي نياز ٿي قدرت جي اُن حسين شاهڪار ڏانهن ڏسڻ لڳس. سگنل جي ڳاڙهي بتيءَ کي پٺي ڏئي، زمين تي آيل اُن چوڏهينءَ جي چنڊ پرسان پٽر بٽجي بيهي رهيس. هريءَ چيو: ”چوٿو اَگريون چٽين؟“ مون هريءَ کي، هريءَ واري ئي انداز ۾ چيو: ”ڪئميرا ۾ قيد ڪيانس.“ هريءَ وراڻيو: ”اهڙين موقعن ۽ مهلن تي اِهي دوشيزائون سئنڊل کي فقط هڪ دفعو استعمال ڪنديون آهن، باقي خدمت اسان مرد ماٺهو ڪندا آهيون.“

هڪ هنڊ روڊ تي مهاراشٽر جون عورتون بيٺيون هيون. هڪڙين کي هٿن ۾ ٻُهارا هئا تہ ٻين کي گند جون ٽوڪريون. هنن عورتن کي ساڙهيءَ جي پلاند جي لانگ نڪتل هئي، جيئن ورهاڱي کان اڳ هندو سيٺين کي پٺيان ڌوتيءَ جو پلاند ٽنبيل ڏسندا هئاسون. بن مانس مهاندن واري هڪ عورت کي هٿ ۾ ٻهارو ۽ سندس ٿلهين ٻنين تي ڪٽر واريءَ ڳپ جو ليپ لڳل هو ۽ سنديس مهاندا بہ مانگر مڇيءَ سان ملندڙ جلندڙ هئا. اُن عورت ڏانهن اشارو ڪندي، هري موٺواٺيءَ کان پڇيم: ”هري! اها مانگر- مُنهين تنهنجي ڇا ٿئي؟“ هريءَ جواب ڏنو: ”اِها شب- رنگي اسانجي هڪ اديب جي محبوبا آهي، جنهن جي ناسن ۽ ڳوهہ جهڙيءَ ڪل مان اُتساهہ وٺي، اسانجو دوست لکندو رهندو آهي.“

سوچيو هيم تہ اڄ تہ هري ۽ مان اهڙي موڊ ۾ آهيون جو ننڍي هوندي پڙهيل سبق ”پنگي بہ اسان جهڙو انسان آهي.“ کي بہ وساري ويٺا آهيون! اسانجا تہ گوري ۽ ڪاري جي برابري وارا پول ئي پڌرا ٿي پيا آهن! اسان ٻئي هري ۽ مان لالن جي جوڙي ۽ جذبات جا بادشاهہ آهيون!!

سرڪار جڏهن نالي جي اجازت نہ ڏني تہ پوءِ ڪيس الهاس نگر نالو ڏنو ويو. گوگيا 'جوت' هڏايو تہ هِتان جي سنڌين تہ يُو- ايس- اي (USA) رجسٽر ڪرائڻ جا جتن بہ ڪيا هئا. عالمي حوالي سان يو- ايس- اي کي United States of America جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ٿو وڃي. پر الهاس نگر جي سنڌين يُو- ايس- اي کي Ulhasnagar Sindhis Association سان مشهور ڪرائڻ ٿي گهريو.

نانگن، بلائن، وڇن ۽ ٻين زهريلن جيتن جڻين جو خاتمو آڻي، گانڌي ڌام (ڪڇ) اڏيو ويو. ڪوٽ ۾ ويندڙ اسڪولن ۽ ڪاليجن جون مالي مشڪلاتون حل ڪرڻ لاءِ هندو سيٺين هر ممڪن سهڪار ڪيو. پڙهيل ڳڙهيل استادن، ليڪچرارن، ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرن ڪاليجن جي حالت سڌارڻ لاءِ پنهنجون خدمتون آڇيون. ملڪي سياست ۾ بہ هندن پير رکيو ۽ ريڊيو ۽ ٽي- ويءَ جهڙن ادارن ۾ بہ گُهتون هٽي هند جي سنڌين پاڻ لاءِ گنجائش پيدا ڪري ورتي. هن وقت ڪيترن ئي هنڌن تي اُتان جا سنڌي پارت جي اصلوڪن ڪارخانيدارن جي صنعت ۽ خرفت ۾ رهنمائي ڪري رهيا آهن. ڪاٻہ نئين شيءِ بمبئي جي مارڪيٽ ۾ ايندي شرط اُن شيءِ جو نقل الهاس نگر جي بازارن ۾ پهچڻ شروع ٿي ويندو. نتيجو اِهو نڪتو آهي جو هاڻي اُتان جا سنڌي ورهاڱي کان اڳ وانگر خيراتي ڪمن ڪارين ۾ بہ پاڻ ملهائي رهيا آهن. لڇمڻ ڪومل هڏايو تہ بمبئيءَ جي سنڌين بمبئيءَ ۾ غريب سنڌين لاءِ اسپتال اڏائڻ جي رٿا تيار ڪئي. سينيئر اديبن پَڌُ ڪيو تہ اڄ بمبئيءَ جي هڪ سيٺ لوڪُو مل اُتمچنداڻي کان گهٽ ۾ گهٽ پنجن لکن جو چندو ٺا وٺي اچون. سيٺ صاحب اديبن کي ڏسي اُٿي بيٺو ۽ سندن اچڻ تي حد کان وڌيڪ خوشيءَ جو اظهار ڪيائين. جڏهن سيٺ کي هڏايو ويو تہ جسلوڪ اسپتال لاءِ ڪائنس چندو وٺڻ آيا آهن تہ اجان بہ وڌيڪ خوش ٿيو. منشيءَ کي چيڪ بوڪ آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين. اديبن چندي بابت اجان وات مان ڪو لفظ بہ نہ ڪڇيو جو سيٺ هٿ وڌائي هڪ اديب جي هٿ تي ناچيز تحفي وارو چيڪ رکي چيو: هيو حڪم؟ اک ٽيٽ سان اُن اديب جڏهن چيڪ تي لکيل چندي واري رقم پڙهي تہ چيڪ تي لکيل هو: 'هڪ ڪروڙ رپيا.' اُن اديب عينڪ جا شيشا صاف ڪري وري چيڪ کي پڙهيو، ۽ وري بہ ڪيس 'هڪ ڪروڙ رپيا' پڙهڻ ۾ آيا!

الهاس نگر ۾ مونکي هڏايو ويو تہ هڪ لڳا الهاس نگر جي هڪ سيٺ کان پڇيو ويو تہ سندس بئنڪ بئلنس ڪيترو هوندو. وراڻيائين تہ سندس سڀ منشي ۽ اڪائونٽنٽ گڏ ڪري جيڪڏهن ٻن مهينن تائين حساب ڪتاب ڪرائبو تہ پوءِ بہ صحيح انگ اکر مشڪل سان معلوم ٿي سگهندا.

لڇمڻ ڪومل هڏايو تہ دهليءَ ۾ سندس هڪ دوست سيٺ جڳتراءِ آهي، جيڪو هر روز بار ۾ پيئڻ کائڻ جو ڏهہ پندرهن هزار رپيا بل ادا ڪري پوءِ اُٿندو هو. جنهن ۾ هر آئي وئي ۽ دوستن احبابن جو بل ادا ڪندي کيس خوشي محسوس

ڪيفيت ۾ جُهوتا کائيندي محسوس ڪيو هو، جيڪي هڪ ئي آواز ۾ چئي رهيا هئا: ”اسانجو اُهو ديس آهي، جتي اسان پنهنجن گهرن مان نڪري صبوح جو سامهون وهندڙ واهيءَ مان مُنهن تي پاڻيءَ جون ڇنڊا لپون وجهي، مُنهن ڌوئيندا آهيون. شام ويلي گهرن ۾ ڏيا ٻاري گهر روشن ڪندا آهيون. اُن وقت هر ڏيئي جي لاٽ اسانکي هالار کان ٻه اوچي لڳندي آهي ۽ ائين اُن ڏيئي جي لاٽ مان سج اڀري پوندو آهي.“

ڪيرت جا هي لفظ: ”وطن، وطن هوندو آهي، پکي ٻه پنهنجو آکيرو جوڙي، پوءِ وڻ کي دائمي بسيرو بڻائيندو آهي. پر وڻ ئي نه هوندو، وڻ جا ڏار ئي نه هوندا ته پوءِ بسيرو ڇا جو؟“

هيري نڪر اوروُن اوريندي ٻڌايو ته هند ۾ سنڌي پهتا ته جانورن وانگر ڪيترن کي ڪلياڻ ڪئمپن ۾ وڃي واڙيائون. شڪر ٿيو، جو ڪجهه قبيلا سنڌ مان هنر (Technology) کڻي آيا هئا ۽ پرسان ڪين بمبئيءَ جهڙو مارڪيٽ ٻه ملي ويو. هِتان هُتان پَنِي سٽي، ڳهه- ڳٺا ڳاري، هندن ڪلياڻ ڪئمپن ۾ هوزري، بسڪوٽن، ڪٽمنٽرن، ٽانون ٽپن، رانديڪن، اٽي پيهڻ جون مشينون، ڪتابن جي ڇپائي، زراعت جي اوزارن ۽ ڪپڙي ۽ گهريلو سامان جا ننڍا وڏا ڪارخانا ۽ فيڪٽريون قائم ڪيون. ائين ٻه نه هو ته ڪو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ آباد ٿيندڙ مهاجرن وانگر سنڌ جا هندو ڪوڙا سوُڙا ڪليم کڻي هند پهتا هئا. يا ڀارت سرڪار اُنهن جهول جهلي ڪا غيبي امداد حاصل ڪيائون هئي ۽ ائين ويا هئا ڏاڪي پٽيان ڏاڪا چڙهندا. ڀارت کان آيل مهاجرن نه رڳو هندن جي خالي ٿيل رهائشگاهن، ڪارخانن، دڪانن ۽ زمينن تي اچي قبضو ڄمايو هو، پر هنن ته هندن وٽ گروي ٿيل مال ملڪيت ٻه پنهنجي سمجهي سرڪار بهادر کان پروانا حاصل ڪري ورتا هئا. ايتري قدر جو جيڪڏهن ٻه ماڻهو بيان ڏيندا هئا ته ”فلاڻي جگرآباديءَ کي هند ۾ هيتري زمين ۽ هيتريون جايون هيون ته. اُنهن کي ٻه سڀ ڪجهه ڏنو ويو هو. لڇمڻ ڪومل ڏاڍي ڪلائيندڙ ڳالهه ٻڌائي، ٻڌايائين ته ايوب شاهيءَ جي زماني ۾ هڪ مهاجر ڪليم داخل ڪيو ته هُو دهليءَ جي لال قلعي جو مالڪ آهي، اُن ڪري بدلي ۾ کيس لاهور قلعو ڏنو وڃي. فيلڊ مارشل جي سرڪار ڪي قدر ششدر ٿي. جنرل ايوب سفارتخاني معرفت اُن مهاجر جي ملڪيت جا تفصيل گهرايا. خبر پئي ته ڀارت ۾ سندس ٻن ڪمرن وارو ڪچو مڪان هو، جنهن جي دروازي تي ڪُنڊن ڦاٿل ڀالُ ٽنگيل هو. هِن ڏس ۾ هِن ملڪ جي پهرئين مهاجر وزيراعظم سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ مهاجرن جي وڏ ۾ وڏ مدد ڪئي هئي، جنهن سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي رهواسين جي تهذيب کي گڏهن ۽ گهوڙن جي تهذيب سڏيو هو.

الهاس نگر جي ريلوي پليٽ فارم تي پسار ڪندي، هيري نڪر ٻڌايو ته هندن رت- پگهر جو پورهيو ڪري نه رڳو ڪلياڻ ڪئمپن کي هڪ شهر جو درجو ڏياريو، پر سندن ڪارخانن مان ٺاهيل شيون بمبئيءَ جي مارڪيٽن ۾ ٻه وڪامڻ لڳيون. ڪلياڻ ڪئمپن ۾. نئين اڏيل شهر جو نالو رکيو ويو هو سنڌو نگر. پر اُنان جي

مڪانن ۾ ئي ڪري سگھندو آهي.

تصوير جو ٻيو رخ ڏسبو تہ خبر پوندي تہ هتي سنڌ ۾ اٽڪل ٽن ڪروڙ سنڌين جي پيرن هيٺان پنهنجي زمين تہ آهي، پر سنڌن حق کسيا ويا آهن. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پنهنجي گھر ۾ ڪچهري ڪندي، مونکي ۽ طارق اشرف کي ٻڌايو تہ هند ۾ سنڌين جا پير پنهنجيءَ ڌرتي کي نٿا ڇهن، پر کين سمورا بنيادي حق حاصل آهن. سنڌ ۾ سنڌين جي پيرن هيٺان پنهنجي زمين آهي، پر سنڌن بنيادي حق کسيا ويا آهن. هو پنهنجيءَ زمين تي زبان هوندي بہ 'بي زبانا' آهن. سڄي سنڌ ڄڻ تہ بلاول جو گھاٽو آهي. هند جا سنڌي مدراسين، مهاراشٽرين، گورکن، ۽ خالصن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي ڏنڊو ڏاڙي ڪري سگھن ٿا.

اوٻائي جي پٽ موڙي ڪلاچيءَ جو مانگر مڇ تہ ماريو هو، پر سنڌس اولاد کي نہ ماري سگھيو هو، جن هن وقت سون- مياڻيءَ جي ملاحن کي گھيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي. هند جا سنڌي پنهنجو پيٽ ڀري، هاڻي زندگيءَ جي آسائشن ڏانهن وڌي رهيا آهن. لطيف جي نگريءَ جا رهواسي اڄ بہ ڏٽ ۽ ڏونئرن تي گذارو پيا ڪن. غربت جا هاڃا تہ ڏسو جو اڄ بہ سنڌ جي ماڻهن جي پيرن ۾ لڱل ڪنڊن ۽ ڪاڻين جا نشان ڏسي، سنڌن پيرن جي ترين ۾ پروڻ وارا ٽنگ ڦٽي، ماڻهوءَ جي عمر جو ڪاٿو لڳايو ٿو وڃي! هري موٽواڻيءَ سنڌ جي سفر دوران جيپ مان لهي، رستي تان ويڙيل وڻ هٽايا هئا. اسان سنڌ وارا ورهاڱي ٿيڻ سان ئي وڻ ڍوئيندا ٿا اچون. اسانجي ڪلهن تي اُهي ئي هڙون لٽڪي رهيون آهن، جيڪي ابن ڏاڏن جي بہ ڪلهن تي لٽڪنديون ڏٺيون ويٺديون هيون. سنڌين جي ڳچين ۾ غلاميءَ جا طوق نئين سج نوان پيا پون. هاڻي تہ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو آواندو بہ وڏي ڀاءُ لوڙهي ڇڏيو آهي. چون ٿا تہ سنڌ جا ڪنير جيڪي مٽيءَ ڍوڻ بدران سنڌوءَ جي پيٽ مان اُڏامندڙ واريءَ جا ٻورا ڍوئيندا، جنهن لاءِ کين گڏهہ ۽ ٻورا بہ خريدڻا آهن. ڪن اوڏن جون زبانون ۽ هٿ پير ويڙيل هوندا، جي گونگا ٻڌجي ڪارونجھر، هالار ۽ ڪيرٿر جبلن کي ياجوج ماجوج جي لشڪر جيان چٽي، ڪشتيءَ جي پهلوانن ۽ ڪرڪيٽ جي رانديگرن لاءِ سنڌ جي زمين هموار ڪندا نظر ايندا. اِهوئي سبب آهي جو اڄ جي ماڙوهي، مارئيءَ جي ڏاج لاءِ پنهنجي نٽ ۽ ٻُولو گروي رکڻ لاءِ در در ڀٽڪي رهي آهي. اَڄ جي مومل ڪاڪ جي ٽٽل رڪ تي راڻي جي واٽ ۾ اکيون وڇائي ڇڏيون آهن. موتي پرڪاش تڏهن تہ چيو آهي:

مومل مومل، راڻو راڻو،
هڪڙي ڳئي، ٻيو ڳاراڻو
ڪاڪ جي ماڙي، خالي کنڊهر
مومل راڻِ، پڙاڏو راڻو.

سنڌي زبان جي شاعر ۽ مزاح نگار قمر شهباز جي گھر اُستاد منظور علي خان جي ڀاڻيجي وحيد عليءَ کان جڏهن هِي ڪلام ٻڌو هوسون تہ اسان: مان ۽ هدايت بلوچ جوڳين ۽ سامين وارا ٻہ هٿ ڏيکاريا هئا.

ٿيندي هئي. لڇمڻ اُن سيٺ کي ڪڏهن به ڪو خاص ڌنڌو ڌاڙي ڪندي ڪين ڏٺو هو. ڪيس شڪ جاڳيو ته ايڏا پئسا اچن ڪٿان ٿا! پنهنجي سيٺ دوست کان ڪيئي بار پڇيائين ته آخر اُهو خزانو آهي ڪٿي جو کُٽي ئي نٿو. هڪ شام جو تنگ ٿي اُن گمنام سيٺ کيس صبوح جو گهر گهرايو. لڇمڻ کي هڪ پلي ڪار ۾ وهاري سندس دوست هڪ جڳهه تي وٺي آيو. ٿوري جهڻ ڪانپوءِ هڪ نوڪر آيو جنهن ٻاهر ويٺل ماڻهن (گراهڪن) کي هڪ هڪ ڪري اندر موڪلڻ جي اجازت گهري. هرڪو ماڻهو ايندو ويو ۽ قميص جي آڳي ۾ هٿ لڪائي واڪ شروع ٿي ويو. سيٺ چيو: هيترا پُورا- گراهڪ چيو ته انهن مان هڪ ڪاٽي ڇڏيو. سيٺ وراڻيو اڌ ٿا ختم ڪيونس ۽ ائين سودو طئي ٿيو. هرڪو ايندو ويو. جڏهن سڀ گراهڪ اِن قسم جي مرحلي مان گذريا ته پوءِ به لڇمڻ کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. سيٺ منشيءَ کي حڪم ڪيو ته ٻڌاءِ ته صافي نفعو ڪيترو ٿيو. منشيءَ حساب ڪري ٻڌايو، ته مدراس، بمبئي وغيره جو سمورو خرچ ڪاٽي، صافي نفعو ڇهه لک رپيا نڪتو آهي.

سيٺ، لڇمڻ کي ٻڌايو ته هُو ڪيلن (Bananas) جو ٻڌو واپاري آهي. مختلف هنڌن کان ڪيلن جون مال گاڏيون (Goods Trains) پري کيس اُماڻيون وينديون آهن. هِي ٻُڌي لڇمڻ ڪومل پنهنجي سيٺ دوست کي چيو ته ٻار جو بل پندرهن هزار ڇا، پنجاهه هزار به ادا ڪجي ته ڪو فرق ڪونه پوندو. هي سيٺ اڳتي هلي Banana King سان مشهور ٿيو.

هند جا سنڌي ادب تخليق ڪرڻ ۾ به پڙ ۽ پلوڙ رهيا آهن. ورهاڱي ڪانپوءِ هند جي سرزمين تي نارائڻ شيام ۽ موهن ڪلپنا جهڙا اعليٰ تخليقڪار اُڀري سامهون آيا. گنو سامتاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي- جي اُتم، سندري، گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي، موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، هري دلگير، ارجن شاد، هريش واسواڻي، لعل پشپ ۽ ڪيترا ٻيا هند جي ادب ۾ وڏا نالا آهن. هريش واسواڻي، آنند کيماڻي، واسديو موهي، ايشور چندر، شيام جئسنگهاڻي، هيرو شيوڪاڻي، گوردن تنواڻي، پريم پرڪاش، هري تنواڻي نماڻو، نند ڇڳاڻي، نامديو، کيمن مولاڻي، شريڪانت صدف، اندرا شبنم ۽ مهيش نيٺواڻي منهنجي سوجهه ٻوجهه مطابق جديد ادب جا مهندار سرجٺهار آهن.

قاضي قادن جي 112 بيتن کي روشنيءَ ۾ آڻڻ وارو رام شاستري ۽ هيري ٺڪر جو ڪوجنائي پورهيو هِن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو ادبي ڪارنامو آهي.

ادب ۽ ڌن دولت ۾ مالا مال هئڻ باوجود به ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا ويچار هئا ته پنهنجي جنم ڀوميءَ تي ڪمايل به رپيا جلاوطنيءَ جي هزار رپين کان به مٺي آهن. اهڙي مايا کي ڇا ڪبو، جيڪا اُن وقت ڪمائي وڃي جڏهن ماڻهوءَ جا پير پنهنجي ڌرتيءَ کي ڇهڻ بدران هوا ۾ لٽڪيا رهن! آرام جي ننڊ ته ماڻهو پنهنجن ماڳن ۽

جي ديويءَ کي ريجهائي، پنهنجو ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا ويا ۽ ائين وري سرسوتيءَ جي هٿ ۾ ستار ۽ ڪرشن جي مُکَ تي مرلي ڏسجڻ ۾ آئي. غزل، گيت، نظم، آزاد نظم، رباعيءَ کان هڪ وک اڳتي پراڻا گهاڙيٽا: دوهو، سورٺو، بيت، وائي ۽ ڪافي سرجڻ لڳيون. سانيٽ ۽ ترائيل کان بي وک اڳيرو هائيڪو، نثري نظم ۽ پنجڪڙا گهڙجڻ لڳا ۽ ائين ڪي پنهنجا گهاڙيٽا گهڙيا ويا ته ڪي ٻاهرين دنيا جا گهاڙيٽا سنڌي رنگ ۽ ڍنگ سان جنم وٺڻ لڳا. هڪ طرف کان ڪيرت، گوبند ۽ اُتم ادبي کيتر ۾ ٻڙ جي وڻ وانگر پنهنجا ڏار ڦهلائڻ لڳا ته ٻئي پاسي کان جدت پسنديءَ جا گل ٽڙڻ لڳن ٿا. يعني هريش واسواڻي، آنند کيماڻي، واسديو موهي، ايشور چندر، شيام جئسنگهاڻي، هيرو شيوڪاڻي، گوردن تنواڻي، هري تنواڻي نماڻو، پريم پرڪاش مهيش نيٽواڻي ۽ اندرا شبنم جي قلم مان.

بمبئيءَ جي سدا بهار ادبي روح رهاڻين مان خبر پئي ته هند ۾ ادب هر تحريڪ جا سرجڻهار پيدا ڪيا آهن. هڪڙن جو تعلق ترقي پسند ادب (سماج وگيان) سان آهي ته ٻين جو رومانوادي (من وگيان) ادب سان. ڪو جدت پسند (اُلٽ وگيان) آهي ته ڪنهن کي هن هيڙين تي بيٺل، يعني خداوادي سڏيو ٿو وڃي، ويندي هند ۾ تازي جنم ورتل لوڪ پسند ادب (لوڪ وگيان) ٿائين. هند ۾ ڪي گهاڙيٽا اهڙا ٻه ٻڌاسين، جي سنڌ ۾ سرجڻ بند ٿي چڪا آهن. هند وارا اجا سوڌو اهڙين صنفن سان نيائيندا پيا اچن، نيائڻ چا، پنهنجو نالو روشن ڪندا پيا اچن. نارائڻ شيام کي هند جي تخليقڪارن ۾ هڪ سرواڻ يا سرموڙ جي حيثيت حاصل آهي. رام پنجواڻي سنڌين جو سفير هو، جذبات ۾ اچي ڪي ته ڪيس ’سنڌين جو ابو‘ به چوندا هئا. اُتم ادبي حاصلات ۽ خدمتن لاءِ پنهنجي پڪي پختي نوڪري قربان ڪري ڇڏي، پر بمبئي نه ڇڏيائين. گوبند مالهيءَ کي سنڌي ساهت سنگت جي پهرين ادبي تحريڪ جي باني هئڻ ۽ پهرئين ترقي پسند رسالي ’نئين دنيا‘ جي ايڊيٽر جو شرف حاصل ٿيو. ارجن حاسد جي سرِ تي غزل جي دستار ٿي نظر اچي، ته ايم-ڪمل جيڪڏهن هِن ئي صنف جو شهنشاهه ناهي ته وڏو وزير ضرور هجي ٿو. نئين ڪوتا جي ميدان ۾ هريش واسواڻي وَرَ ڪُنجي، ٻوڙ پائي گهڻو اڳتي نڪري ٿو وڃي. شاعراڻي احساس سان ڪردارن جو ڏک محسوس ڪندڙ ڪرشن کٽواڻي سُندرتا جو پُوڄاري ٻڌجي ريل گاڏيءَ جي کڙڪي کولي ستين صديءَ جي مهان ڪوي هري ڀرتريءَ جي ٻن وٿن ’عُورت جي جوڀن.‘ ۽ ’فطرت جي نظارن‘ ۾ گم ٿي ٿو وڃي. آسڪروائلڊ تڏهن ته چيو هو: ”جڏهن فنڪار کي محبت ۾ سرشار ڏسو ته پوءِ ائين سمجهو ته سندس ذات ۾ حسن جو شعور گهر ڪري ويو آهي.“

جگديش لڇاڻي ۽ منوهر بيدي ٻڌڻ- ڏسڻ (Audio- visual) تي ٽيلي اسڪرپٽ سيريل جا ڪتابن تي ڪتاب لکي، اسانجي سدا حيات سورمن، ڪلاڪارن، ۽ اديبن کي هر دؤر ۾ زنده رکڻ لاءِ نور نچوئڻ ۾ ڪابه ڪسر نه

گل- ٻاراڻيءَ کان ڦرجڻ تائين

سنڌوءَ جي ٻاڻيءَ تي ڇهچ ساوا ٿيل ٻوٽا پنهنجي ڌرتيءَ تان پاڙئون پٽي، سيما (BORDER) جي هُن پار اُڇليا ته ويا، پر جيئن ته ساري ڌرتي هر انسان، خاص ڪري ڌات- ڏٿين جو ديس هجي ٿي، اُن ڪري ڌرتيءَ- ماتا اُنهن سڪل سڙيل ٻوٽن کي ڀارت جي ٻرزمين تي اُپرڻ لاءِ ڇاتيءَ لاتو، ائين جيئن مائرون ٻارڙن کي ڇاتيءَ لائيندي آهن. اهي ٻوٽا ساوڻ جا جهولا ۽ جهڪون سهندا وڏي وڻ ٿيا. گنگا ۽ جمنا سندن پاڙن تائين پاڻي پهچايو ۽ اڄ اُهي ٻوٽا گلن سان جنجهيل ۽ ڦرَ ۾ تندريل نظر اچن ٿا. اُن ڪاري آنڌاريءَ ڪن وڻن کي پاڙئون اُکيڙي سرحد پار اُڇلايو هو، ائين جڻ سنڌوءَ جي پائيندڙ ٻبرن ۽ باهڻن کي وڪڙ چاڙهي، موج متي مهراڻ ۾ لوڙهي لهوارو ڪندي آهي. اُهي وڻ به اڄ ڏار ڦهلايو، ايندي ويندي کي ڇانو ٿا آڇين. منهنجو اشارو اُتم، ڪيرت، گوبند، موتي، شاد، هري، ڪلياڻ، دلگير، هيري، جڳديش، موتيرام، جيوت، نرمل ۽ ناڪر ڏانهن آهي، ۽ ها، مان ته مينڌي، چمپا، چنبيلي، نرگس جا گل به ڏسي آيو آهيان. منهنجو مطلب پوپٽي، ڪلا ۽ سندري آهي، جن ۾ هڪ ڪونڌيءَ مان اُسريل به رابيل جون ٽاريون به اچي وڃن ٿيون. يعني سنگيت جي ننڍڙي حور ڪاجل ڪيولراماڻي ۽ اسٽيج جي شهزادي آشا چاند. سنڌ- ماتا جي چوٽيءَ- ڦُل جا به گل، جي اُڏامي وڃي ڪاجل ۽ آشا جي مائرن جي جهوليءَ ۾ پيا هئا.

هند جي طوفاني ليکڪا پوپٽي هيرانندانيءَ جي ڪلڪ مان نڪتل لفظ پڙهو:

"Literature grows in the battlefield of life and not in ivory towers whosoever those who belive in aesthetics may say."

سياسي ورهاڱي سان گڏ سنڌي قوم، ٻولي، ساهت ۽ ثقافت جي ورهاڱي جا ڏک ۽ درد ساڻ ڪري، ڀارت لڏي ويل سنڌي ساهتڪارن پاڻ کي اُن وڻ وانگر محسوس ڪيو، جنهنجي آڪيرن سوڌا ڏار ٽڙ کان ڪاٽيا ويا هجن. جنهن تي پلجي به ڪو ٽاڙو، ڪا ڪويل لات لنوڻ نه ايندي آهي. جن کان اُتساهن جا سڀ وسيلا ڦري، ٽڙ ٻنائي، کين جلاوطن ڪيو ويو هو. جيئن ماءُ کي مامتا کان ۽ پيءُ کي سندس شفقت کان ڪوبه ڌار نٿو ڪري سگهي، تيئن ڀارت جي زمين اهڙن ڌرتي- ڏڪائل انسانن کي ڇاتيءَ لاتو. ڇيهون ٿيل جذبن، احساسن ۽ خيالن کي گڏ ڪري، پيوند (GRAFTING) لڳايا. زخمي هڻن سان ٿڪل دلين جي مسيحائي ڪئي. فن ۽ سخن

اُلهاس نگر ۾ هڪ رات

هوٽل روز ووڊ (Rose wood) ۾ ٺي هيس، جو هري موٽواڻيءَ فون ڪري ٻڌايو تہ مان هوٽل مان لڏو پئي، وٽس پهچان، جتان نارائڻ پارٽي مونکي الهاس نگرَ وٺي وڃڻ لاءِ اهاڙڪو آهي. هريءَ ٻڌايو تہ وٽس نند جويري ۽ نند چڳاڻي بہ پهچڻ وارا آهن. جُويل آف انڊيا ۾ نتراج هوٽلن جي آجياڻن جو تصويري آلبم ۾ ڪجهہ سوکڙيون موڪلڻ لاءِ مٿان شري ار- جي آڏواڻي صاحب (پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين) جو بہ فون آيو. سندس ٿورا مڃيندي، آڏواڻي صاحب کي چيم تہ جيئن تہ مان هوٽل ڇڏي رهيو آهيان، اُن ڪري تصويرون مونکي هري موٽواڻيءَ جي گهر موڪليون وڃن. (تصويرن جو هي اُهو مونکي اڄ تائين ڪونہ مليو. جيڪو مون لاءِ ڏاڍو قيمتي هو.)

سامان سڙو هريءَ جي گهر ٺانيڪو ڪري، اسان هيٺ لٿاسون، هري پهريائين پنهنجي دڪان تي وٺي آيو، جتان نارائڻ پارٽيءَ سان گڏجي مان الهاس نگر روانو ٿيس. اسان وڪٽوريا ٽرمينل ريلوي اسٽيشن تي آياسون، جتان جو ڇهچٽو، ڦُرتيءَ سان ريلن مان لهڻ- چڙهڻ، ٽڪيٽ وٺڻ جو طريقو، پليٽ فارم تي گهماگهمي، مسافرن جي رهنمائيءَ جا بورڊ، نرخناما، لائوڊ اسپيڪرن وسيلي هر ٽرين جي اچڻ ۽ روانگيءَ جا تفصيل ٻُڌي ۽ ڏسي مونکي جپان جي ٽوڪيو جون ٽيشنيون ياد اچي ويون. ٽوڪيو ۽ وڪٽوريا ۾ فرق اِهو هو جو هڪ تہ هتي ٽڪيٽن وٺڻ جو خودڪار طريقو ڪين هو، ٻيو تہ هِن اسٽيشن جا مسافر گهڻو ڪري غريباڻي لباس وارا نظر ٿي آيا ۽ بس. مونکي هوند توڙي اٿهوند واري (Have & Have nots) ۾ قانون جو احترام هڪ جهڙو نظر آيو. ڪو نظام (System) ڪا رٿا (Planning) ڪا حڪمت عملي (STRATEGY) هئي، جنهن شهري جيوت (Civic- life) جي ضمانت ٿي ڏني، جنهن سان هڪ پارتواسيءَ ٻئي پارتواسيءَ جو احترام ٿي ڪيو. فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهڻ سان ئي اسانکي وهڻ جي جاءِ ملي وئي.

الهاس نگر پهچڻ ۾ اسانکي ڪلاڪ کن لڳي ويو. واٽ تي هڪ اسٽيشن تان اسان واري گاڏيءَ ۾ ٻہ جوانڙيون چڙهي راڊ ۾ لٽڪندڙ گول ڇلن (RINGS) ۾ هٿ ڦهائي، اسانجي مٿان اچي بيٺيون. مون نارائڻ کي چيو تہ "يار! عورتون بيٺيون هجن ۽ اسان چڱا مڙس ٿيا ويٺا هجون، مونکي بُرو ٿو لڳي." چيائين: "اخلاقي

ڇڏي آهي. ڀڳوان چاولا ۽ هيرو چاولا، ڪنور رام جي ڀڳت کي زنده رکيو آهي ۽ مونيشا چاولا سنگيت جي دوشالي تي رنگبرنگي گل ٽاڪيا آهن. ڪير ۾ ڪنډ ملائي آهي، سرسوتي لاءِ گجرا ٽاهيا آهن. معيار جي لحاظ کان جڳت آڏواڻي سنڌي ترجمن ۾ امتيازي حيثيت جو حقدار آهي. پرک ۽ تنقيد جي لحاظ کان گنو سامتاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، لعل پُشپ، هريش واسواڻي ۽ ارجن شاد تي هند ۽ سنڌ کي فخر آهي. ڪوجنا ئي ڪم ۾ هريانا جي راڻيلا ڳوٺ مان قاضي قادن جا 112 بيت هٿ ڪرڻ، هنديءَ جي ليکڪ راجا رام شاستري ۽ سنڌيءَ جي برک شاعر، پارکو ۽ محقق هيري ٺڪر جو هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪوجنائي ڪارنامو آهي.

هيرو ٺڪر، جنهن جي آواز جا شام ويلي آل- انڊيا ريڊيو تان سڏ ۽ پڙاڏا ٻڌندڙ سنڌ جا ڳوٺاڻا سنڌ جي نقشي کي حيدرآباد کان دهليءَ تائين ڦهلائي ڇڏيندا آهن. اِن ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ کي هر سال سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ گلاب جو پاڻي ملائي، سنان ڪرائي، تازو توانو ڪرڻ جو سهرو ڀارت جي سنڌين جي سِر تي سونهين، جنهن لاءِ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ڪيرُون لهڻي ٿي.

چيئرمين، الهاس نگر سنڌي ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ پوليس ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهي، جيڪو الهاس نگر ۾ وڏي عزت ماڻيندڙ شخصيت جو مالڪ آهي. ادب شناس ۽ ادب نواز هئڻ ڪري، سندس دوستيءَ جو حلقو اديبن ۽ شاعرن تائين ڦهليل آهي.

نيرن- پاڻي ڪري، اسان جيوت گوگيا 'جوت' سان ملڻ سندس آفيس وياسون، جتي هن جهونڙي ڪلمڪ ۽ هردلعزيز اديب نه رڳو چانهه بسڪوٽ ڪارايا، پر اُن سان گڏ گنگارام سمراٽ جو لکيل ڪتاب 'هندستان' ۽ ڪهاڻين جو ڪتابڙو 'شينهن ۽ ٻڪري' به سوکڙيءَ طور ڏنا.

گوگيا 'جوت' سان ڪجهه گهڙيون گهاري، جوت مان جوت جلائي، ڪرشن لال ٻجاج پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ منهنجي تقاضا تي هندي- سنڌي لغت پنهنجي صحيح سان ڏنائين. ان کانپوءِ ماکيجا صاحب اسانکي پنهنجي گهر وٺي ويو جتي پيٽ پرڻ کانپوءِ غزل جي قداور شخصيت ايم- ڪمل سان ملڻ ۽ سنڌس گهر وياسون.

سج به- چار ڪانا چڙهي چڪو هو. وڻن واهيرن ۽ گلن- ڦلن تان ماڪ خشڪ ٿي چڪي هئي. الهاس جون محل- ماڙيون سج جي روشنيءَ ۾ وهنجي سهنجي مونکي نمسڪار ڇئي رهيون هيون. ايندڙ ويندڙ ۽ ملندڙ مان سنڌ جي مٽيءَ جي مهڪ محسوس ڪري رهيو هئس. جنهن سان به ڳالهائجي پيو، ڄڻ پن- ڇڻ پڄاڻا دل بهار جي سڳنڌ سان واسجيو پئي وئي. هر مُک مان سنڌيت ٽپڪي رهي هئي، جيئن انگوڇي ۾ وڌل ماکيءَ جي ڦر کي مُٺِ جي زور ڏيڻ سان ماکيءَ لارون ڪري وهندي آهي.

ايم- ڪمل کان اسان غزل ۽ وايون ٻڌيون. سندس غزل نه رڳو تخليقي عمل ۾ رچي راس ٿيل هئا، پر منجهن آفاقي پيغام به هئا، توڙي جو غزلن جو تاجي- پيتو علم عروض جي پابندين سان اُٽيل هو. اهو به پڙهيو هئم ته ايم- ڪمل غزل ته واهه جو ٿو لکي، پر ردم ۾ ڪڏهن ڪڏهن مار کائي ٿو وڃي. ايم- ڪمل کان مون جو به غزل ٻڌو اُن ۾ علم عروض واري ئي رواني هئي. مونکي ته ڪوبه عيب نظر نه آيو هو. سندس پتو آهي: بلاڪ سي- 54، اُلهاس نگر 421004 ڀارت.

سنڌ جا احوال اوريندي، مان جذباتي ٿي ويس. اکين جا بند ڀڃي، ڳوڙها ڏڙهه ڏڙهه ڪري، قميص پسائڻ لڳا. ڳالهائڻ بيهي ويو. هرڪو شش پنج ۾ پئجي ويو. هِن قسمَ جي 'شوٽنگ' ختم ڪرائڻ لاءِ هيرو نڪر مونکي پهرين منزل تي وٺي، وڃي منهن ڌورايو. پهريائين ته هيري نڪر پنهنجي رومال سان منهنجا ڳوڙها ۽ پوءِ پنهنجي اکين جا ڳوڙها اُگهيا. (هيري لکيو آهي ته اُهو رومال سنڀالي رکيو اٿائين) مُنهن تي پاڻي جون به لپون هڻي، فرنو ٿي وري اچي ڪچهريءَ ۾ ويٺس. اکين جي آلاڻ ۽ جذبات ڪري، بس مان ايم- ڪمل جا غزل ئي ٻڌندو رهيس. ڪيڪ پيسٽريون کائي، ايم- ڪمل سان ڀاڪر پائي، اسان الهاس نگر جي ريلوي اسٽيشن پهتاسون. ريلوي جي بوڪ اسٽال تان مون ڪجهه اخبارون ۽

ڪم ۾ دير ڇو!” اسان اُتي ڪڙا ٽياسي ۽ ٻئي جوانڙيون اسانکي ٽورائتين نگاهن سان مالا مال ڪندي، سيٽن تي ويهي رهيون. مون ڏٺو ته بيٺل توڙي ويٺل سڀ مسافر اکين ئي اکين ۾ اسانجا ٽورا مڇڻ لڳا هئا، خاص ڪري مون وديشيءَ جا.

الهاس نگر ريلوي اسٽيشن تي لهي، بازار مان گهمتاريون ڏياري، نارائڻ لڪشمي مارڪيٽ ۾ واقع پنهنجي آفيس سنڌي ٽائيمس پبليڪيشنس ۾ وٺي آيو، جتي نارائڻ ڪتابن ڇپائڻ جو ڪاروبار هلائيندو آهي. ڪٻٽن ۾ هند ۽ سنڌ ۾ ڇپيل ڪجهه سنڌي ڪتاب سجايل هئا. نارائڻ موهن ڪلپنا کي فون ڪيو، جنهن چيو ته سندس آفيس ۾ غيرملڪي وفد آيل آهي، اسانوٽ رات جو ڏهين وڳي ڌاران پُڄندو. ڇانهه پياري نارائڻ وري به گهٽيون گهمائيندو، (مونکي قمر پنٽيءَ جا ڪتاب (1) هند ۾ جلاوطن سنڌي ۽ (2) سُياش چندر بوس ياد اچڻ لڳا.) مونکي منوهر متلاڻيءَ جي فوٽو شاپ (FILM CITY) تي وٺي آيو، جتي هيري ٺڪر به اچي دريءَ مان ديدار ڪرايو. اسٽوڊيو ۾ پاءُ ٻلديو متلاڻيءَ اسانجا چڱا خاصا فوٽو ڪڍيا ۽ پوءِ الهاس نگر جي شاهي بازار (Main bazaar) ۾ سنڌين جا دڪان ڏسندا، گد گد ٿيندا، جگديش لڇاڻيءَ جي گهر آياسين. جگديش ڪاليج ۾ پروفيسر آهي ۽ وينا پبليڪيشن ۾ آنرري ايڊيٽر طور به ڪم ڪندو آهي. هِن گهر ۾ ايڏي ته پنهنجائپ هئي، جو جڳديش جي گهر واري، منهنجي ڀاڄائيءَ مونکي پنهنجن هٿن سان پاڻ ٿي پاپڙ- پاڻي پيش ڪيو. مون اڄان تائين جڳديش لڇاڻيءَ جي ڇپڙن تي ٻوڙندڙ مُرڪن کي دل جي هڪ خاني ۾ سنڀالي رکيو آهي، هيري ٺڪر ۽ جگديش جو ساٿ ۽ پيرن هيٺان الهاس نگر جي زمين مونکي سنڌ پهچائي ڇڏيو. مونکي جڏهن به مايوسي ويڙهي ويندي آهي ته مان اک- ڇنڀ ۾ ڪلپنا جا پَرَ پائي، پاڻ کي الهاس نگر پهچائي ڇڏيندو آهيان.

جگديش جي گهران پيٽ ۾ پاپڙ- پاڻي داخل ڪري، اسان پريمچند وارن جي گهر آياسين. پريمچند، ٻلديو ۽ منوهر ٽيئي ڀائر آهن. ٻلديو جي هند ڪاليج، بمبئي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو سربراهه (HEAD) آهي. متلاڻي برادران ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ۽ زندگيءَ جي گاڏي پنهنجن هٿن سان هلائڻ سکيا آهن. سندن قرب ۽ گهر ۾ حسن اخلاق ڏسي، مونکي هي ٽيئي ڀائر هڪ ئي ٿاريءَ تي ٽڙيل ٽي گل نظر آيا هئا.

خوب رهاڻيون ٿيون. ساڳوئي پنهنجي گهر وارو ۽ جيوت چاولا جي گهر وارو ماحول، ڄڻ ته سيني قسم کڻي ڇڏيو هو ته اڄ رات سمهڻو ڪنهن کي به ناهي اُن رات ڪراچيءَ ڳالهائڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪئي سون. سڀ دوست ٺڪجي پيا، پر فون جا گهربل نمبر نه مليا. رات جو پوئون پهر سمهي. صبح جو سوير انڊياسر، چانهه- پاڻيءَ کان پوءِ اسان هرداس ماکيجا وٽ پهتاسين. جني اسان جي ناشتي جو انتظا ٿيل هو. هرداس الهاس نگر جي واٽر سپلاءِ ايند ڊرئنيج ڪامبٽيءَ جو

ڀارت جي سنڌين جا جُسَ جوڳا ڪارناما

سنڌ جا هندو پنهنجي ساڻيھ مان ڌڪجي ڌار ٿي جڏهن ڀارت جي سرزمين تي پهتا ۽ مٽي ڀڪڻ لاءِ اَجها اڏيائون، درن تي ڌڪوٽيون ۽ ڀال تنگي جيئڻ لاءِ جتن ڪيائون تہ اُن وقت هنن پنهنجي ٻوليءَ کي ڪَتا ۽ اُگرا ٻير سمجهي، اُچلي ڇڏڻ بدران ڪيس اڪئين لاڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. مائرون ۽ ڀينرون سنڌ ۾ خالي ڀينگها تہ ڇڏي آيون، پر ٻچڙن ۽ ڀائرن کي سنڌيءَ ۾ لولي ڏيڻ نہ وساريائون. پنهنجن ٻچڙن کي ٽري مائرن وانگي ڪپڙي جي ٽڪر ۾ سمهاري، ڪٽ جي ٻانهنءَ سان ٻڌي سنڌيءَ ۾ لوليون ڏيئي زخمي ماڻتا تي آسرن ۽ اُميدن جا ڦها رکيائون. اڄ سمورا سنڌي ڀارت ۾ خوشحال آهن. ٻيو نہ تہ ڏهن بہ ڀيٽ ڀرڻ لاءِ داٿو- ڀاٽي هر سنڌيءَ وٽ ججهو آهي. سنڌن ٻولي ڀارت جي ڀندرنهن زبانن وانگر قومي ٻوليءَ جو درجو ٿي رکي، يعني 1967ع ۾ ڀارت جي آئيني ائين شيڊول مطابق سنڌيءَ سميت ڀارت جي ڀندرنهن ٻولين کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏني وئي، جيڪو ڀارت جي سنڌين جو، خاص ڪري جهونڙن اديبن، شاعرن، ڀارکن، گهڻ- گهرن جو وڏو ڪارنامو آهي، جنهن سنڌ جي اديبن جي دلين ۾ ڀارتواسي سنڌين لاءِ احترام ڀيدا ڪيو آهي. اِهو ڪارنامو اُنهن سنڌين نہ ڏيکاري سگهيو آهي، جنجي ڀيرن هيٺان پنهنجي زمين آهي، جيڪي نہ رڳو صدين کان سنڌ ۾ رهندا ڀيا اچن، پر سنڌن سڀيتا دنيا جي ٽن وڏين، مهذب ۽ قديم تهذيبن جي حوالي سان جاتي سڃاتي ٿي وڃي. 1972ع کانپوءِ تہ هتان جي سرڪار سنڌ کي 'ٻہ- زبانو' صوبو ظاهر ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي ٽهٽيءَ ۾ بند ڪري، مٿانس ڪارو نانگ وَهاري ڇڏيو آهي. ڏيهي پنهنجي ڏيھ ۾ پرڏيهين وانگي ڀيا گذارين. هُتي سنڌي ٻولي انهن ويهن (20) ٻولين ۾ شامل ڪرائي وئي آهي، جن جي واڌاري لاءِ مرڪزي سطح تي ڀارت ساهتيہ اڪيڊمي ڪم ڪري رهي آهي. هري موٽواڻي ٻڌايو تہ ساهتيہ اڪيڊميءَ طرفان هر سال سنڌيءَ جي بهترين ڪتاب تي ليکڪ کي 25000 رپين جو انعام ڏنو ٿو وڃي.

لڇمڻ ڪومل ٻڌايو تہ هڪ دفعي هُو سنڌيءَ جي هڪ مشهور اديب دوست وٽ مهمان ٿي ترسيل هو. جڏهن ڪيس خبر پئي تہ اُن اديب جي زال اردو خاندان مان آهي ۽ سندس ٻار ڀيءُ سان بہ اردوءَ ۾ ٿا ڳالهائين تہ لڇمڻ سنڌن مانيءَ کائڻ

مخزنون خريد ڪيون. هيري ٽڪر جي تعارف ڪرائڻ ڪري، اُن سنڌي بوڪ سيلر مونکان پئسا ئي نہ ورتا. جيسين گاڏي اچي، اسان پليٽ فارم تي ٽهلندا رهياسون. اُهو پليٽ فارم، جنهن پليٽ فارم تي اسان کان وڇڙي ويل هم وطن سنڌين جا معصوم ٻارڙا ڪٽمنڙا، پاپڙ، پڪوڙا ۽ لائي وڪڻندي، ريل جي ڦيٽن ۾ پنهنجون ٽنگون ۽ ٻانهون ڪٽائي ويندا هئا ۽ ڪڏهن تہ زندگيءَ مان بہ هٿ ڌوئي ويندا هئا.

لاءِ هند جي سنڌين کي جس هجي. هو تہ ’ديا‘ ۽ ’دان‘ واريون روايتون بہ دائم قائم رکي، سنڌ جي جهولي کي سائو ڪندا ٿا اچن.

بمبئيءَ جي سنڌين مڙسي ڪري، جسلوڪ هاسپيٽل اڏائي ورتي آهي، جنهن ۾ غريب طبقي جي سنڌين جو علاج معالج مفت ۾ ڪيو ويندو آهي. هِي اُها اسپتال آهي، جنهن جي اڏاوت لاءِ سيٺ لوڪُو مل اُتمچنداڻي (حال رهندڙ بمبئي) بمبئيءَ جي اديبن کي هڪ ڪروڙ رپيا نقد عطيو ڏنو هو. جيڪا حقيقت ظاهر ٿي ڪري تہ خيراتي رٿائن ۾ هڙؤن وڙئون سهڪار ڪري هند جا ڪي سيٺيون ڏاتارن- سخي سپڙ ۽ جادم جکري وارو رتبو ٿا رکن. هن لاءِ مون اڳ ۾ بہ لکيو آهي تہ سنڌ جي هندن ’ديا‘ ۽ ’دان‘ واري روايت هند ۾ بہ دائم قائم رکي، سنڌ جي جهوليءَ کي سائو ڪندا ٿا اچن ۽ ائين سنڌيت کي مانائتي بڻائڻ ۾ اڳ کان بہ اڳرا ٿا لڳن. هِتي اسانکي چوٿو ٿو پوي تہ سنڌ جو امير طبقو رڳو پنهنجا ڍِڍ ڀرڻ سکيو آهي.

الهاس نگر ۾ رات جي محفل ۾ هيري ٺڪر ۽ جگديش لڇاڻيءَ ٻڌايو تہ رت- ڀگهر جو پورهيو ڪري، الهاس نگر ۾ گانڌي ڌام جهڙا شهر اڏائڻ بہ سنڌ کان ويل هندن جي حاصلات ۾ شامل آهي. لڇمڻ ڪومل ٻڌايو تہ پرتاب سيٺ پارت جي ڪنهن سنڌي بستيءَ ۾ ڪراچيءَ جهڙو شاهي بندر تعمير ڪرائڻ ٿي گهريو، جنهن لاءِ هُن گانڌي ڌام جو انتخاب ڪيو هو. هُن ڪم لاءِ پرتاب سيٺ هند جي مهان ليڊر گانڌي جي جي آشيرواد سان نانگن ۽ پَٽن سان ڇانيل برپٽ کي بوستان بڻايو هو. لڇمڻ ٻڌايو تہ پرتاب سيٺ دراصل پارت ۾ پهرئين فري ٽريڊ زون بڻائڻ جا سيتل سپنا ڏٺا هئا. هن وقت لکمي ڪلاڻي گانڌي ڌام ۾ سنڌي ليڪڪن جي ڪالوني تعمير ڪرائڻ ۾ پاڻ ملهائي رهيو آهي. سنڌ کي ڇڏڻ واري روحاني ۽ فطري نقصان جي تلافيءَ لاءِ دکايل ۽ دلگير گانڌي ڌام کي جنم ڀومي (HOMELAND) جي درجي ڏيارڻ جي جاکوڙ ڪري رهيا آهن. پنهنجي ڏيهہ ۾ پرڏيهي ۽ پرائي ڏيهہ ۾ ڏيهي سنڌي گهراڻن جي چوئيتاليهہ سالن جو سياسي، سماجي، لساني ۽ اقتصادي جائزو وٺبو تہ چوڻو پوندو تہ اسان سنڌ وارا سنڌ کي ڇاهيون پيا ۽ سرحد پار سنڌي پنهنجن نَون ماڳن مڪانن کي ٺاهين پيا، جڏهن جو سنڌن پيرن هيٺان سنڌن ابن ڏاڏن واري زمين بہ ناهي.

ڪلياڻ ڪئمپ ۾ جانورن وانگر واڙيل سنڌياڻيون پنهنجا زيور گروي رکي بہ گذارو ڪرڻ سکيون هيون. اڄ اُن بستيءَ جا نگرواسي هروڙ ۽ ورجيس جا وڻجارا آهن. لوڻ مرچ کان موٽرڪار تائين ڪين هرڪا شيءِ پنهنجي آهي. هڪ سيٺ کان سندس بئنڪ بئلنس بابت پڇيو ويو تہ چيائين: ”سندس سي اڪائونٽنٽ گڏ ڪري هِن مهينن تائين حساب ڪتاب ڪرائڻ ڪانپوءِ بہ ڪنهن انگ تي پهچڻ مشڪل ٿيندو.“ هيري ٺڪر ٻڌايو تہ اِهو الهاس نگر جي ڪاريگرن جي هٿ ۽ ذهن جو ئي ڪمال آهي جو بمبئيءَ جي مارڪيٽ ۾ جڏهن ڪابہ نئين شيءِ نظر اچڻ لڳندي

ڪان انڪار ڪري ڇڏيو هو. تصوير جو ٻيو رخ ڏسبو ته هتي اسان وٽ سنڌ ۾ ڪيترن ئي پلوڙ ۽ ترقي پسند اديبن جي گهرن ۾ مهاجر زالون آهن، جتي ابي- امڙ واري ٻولي پوين پسائن ۾ آهي. اسانجي سنڌي آفيسرن کي ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد نوڪري ملڻ وقت کين آرڊر ۾ اِهو به لکيل نظر ايندو آهي ته شادي ڪرڻي آهي ته غيرسنڌين مان ئي ڪرڻي آهي ۽ ائين شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي چپن تي ڏنپ ڏيندا رهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي جسم تان تِڪُن ۽ گلڙن وارو لباس لاهي، ڪيس تيلي ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏڻ ۾ ئي کين فخر محسوس ٿو ٿئي.

هري موٽواڻيءَ جي سفرنامي 'جڙيل جن سان جند' ۾ پڙهيو هئم ته ظفرحسن سنڌي ليکڪا نورالهديٰ شاهه کي چيو ته اردوءَ ۾ ٿي- وي ڊرامن لکڻ تي ڪيس پلي انعامن اڪرامن سان نوازيو ويجي، پر پوءِ به هُو سنڌس بائڪاٽ جاري رکندو. ساڳي ئي غصي جو اظهار سائين ظفرحسن حميد سنڌيءَ تي ڪيو آهي، جنهن لاءِ هريءَ لکيو آهي ته حميد سنڌيءَ جنرل ضياءَ جي قاتل هٿن مان 'ويريون' ڪتاب تي انعام ورتو هو.

هند جي ٻي جوڙ شاعر موتي پرڪاش جي سفرنامي 'سِڪ سِڪ سانديم ساه سين' ۾ پڙهيو هيم ته دبئيءَ ۾ جڏهن به راڳ جي راتي عابده پروين اردو غزل ڳائڻ لڳندي آهي ته موهن گيهاڻي محفل مان ئي اُٿي ويندو آهي. ساڳي ئي ڪيفيت مون سيتا سنڌو پَون ۾ هند جي سنڌين ۾ ڏٺي، جڏهن سنڌ مان آيل مهمان فنڪار استاد فيروز گل اُن وقت اردو غزل ڳائڻ شروع ڪيو جڏهن هند ۾ سنڌ وارا سنڌي راڳ جي وجداني ڪيفيت ۾ جهومي رهيا هئا. بس پوءِ ته پنڊال مان هڪ هڪ ٿي سنڌي اٿڻ لڳا هئا. چي: "43 سالن جي وڇوڙي ڪانپوءِ مس مس هند ۽ سنڌ جي سنڌين کي گڏجي امان سائنڻ واريءَ زبان ۾ سنڌي ڪلامن ۽ ڪافين ٻڌڻ جو موقعو نصيب ٿيو آهي ۽ پوءِ به سنڌي ماحول کي خراب ٿو ڪيو وڃي."

تڏ تڪڙ ۾ اردو غزل کي ختم ڪري، آشا چاند جڏهن ڪاجل ڪان تاجل جا به ڪلام ڳارايا تڏهن اُهي تڙيل پکڙيل سنڌي وري پنهنجن جاين تي ويهڻ لڳا هئا.

سڄي پارت ورش ۾ هر سال ڏام ڌوم سان 'سنڌيت جو ڏينهن' ملهايو ٿو وڃي. چيٽي چنڊ کي سنڌين جو ڏينهن وارو نالو ڏيڻ اڪل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو ڪارنامو آهي. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ چيٽي چنڊ جا ميلا درياءَ ڪناري لڳايا ويندا هئا. وقت جي ستم ظريفي يا سنڌ جي سنڌين جي ڪمزوري سڏجي، جو سنڌ وارا پنهنجي اباڻي ملڪ ۾ به 'سنڌيت جو ڏينهن' نٿا ملهائي سگهن. هتي ته سنڌ، ڪارونجهر، هالار، کير- ٿر، منڇر، ڪينجهر، موهن، مڪلي ۽ سنڌوءَ جهڙا لفظ به سنڌي تخليقن ۾ ڪتب آڻڻ ڪبيرو گناهه سمجهيو ويندو آهي! ڪنهن سنڌيءَ کي جرئت ناهي جو پٽڪي جو وَرُ ڏئي. سنڌي ٽوپي پائي يا اجرڪ ڪنهن تي رکي، مائي ڪلاچيءَ جي شهر ۾ پسار ڪري سگهي. سنڌيت جي ڏينهن ملهائڻ

ماريون بيٺا آهن، خاص ڪري هيري ٺڪر واري متيئن ڪوجنا ڪان پوءِ.

ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناٽڪ- منڊلين جي واهت هندو ئي ڪندا هئا. هن ناٽيہ ڪلا کي اوڄ تائين نہ ئي سهي، پر ڪامياب موڙ تائين وٺي وڃڻ جو سهرو بہ هند ۾ رهندڙ سنڌين جي سر تو سونهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي چوڻ موجب هن وقت هند ۾ ويهارو کن ناٽڪ- منڊليون آهن، جيڪي سنڌي بستين ۾ وجود رکن ٿيون، جيئن تہ دهلي، بمبئي، احمد آباد، ناگپور ۽ گجرات ۾. دهليءَ ۾ تہ هند سرڪار ڊرامن جي سکيا جو هڪ اسڪول بہ قائم ڪيو آهي، جتان سنڌي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بہ سکيا وٺن ٿيون. الهاس نگر جي رهواسي شاعر، ليکڪ ۽ گائڪ هري تنواڻي 'نماڻو' جي هڊايل انگن اکرن مطابق هند ۾ ٿي درجن کن سنڌي ناٽڪ منڊليون قائم ٿي چڪيون آهن. اسٽيج ناٽڪ ڏسڻ نوجوان طبقي کي هند ۾ جنون جي حد تائين وٺي تو وڃي. پرهہ جي پلن جهڙي هڪ سهٽيءَ رهاڻ ۾ لڇمڻ ڪومل هڊايو تہ هڪ دفعي هڪ ڇوڪريءَ درزيءَ کي ڪپڙا ڏيندي، ڪيس تاڪيد ڪري رهي هئي تہ اهي ڪپڙا ڪيس سنڌيءَ جي هڪ نئين ناٽڪ ۾ پائڻا آهن، اُن ڪري پرهينءَ شام جو هر حالت ۾ تيار هجڻ کپن. لڇمڻ هڊايو تہ اهي لفظ هُن پنهنجن ڪنن سان ٻڌا هئا.

اڄوڪو زمانو ٻڌڻ- ڏسڻ (AUDIO- VISUAL) جو زمانو آهي. هن ڏس ۾ رچناڪار منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻي وڊيو فلم اسڪرپٽ لکي، ڪتاب ڇپرائي، جس جوڳو ڪم ڪيو آهي. اسانجي ڳڏيل ورثي جي سورمن، ڪلاڪارن، ۽ سرجٺهارن کي هر دؤر ۾ زندهہ رکڻ لاءِ هنن يارڙن ادب ۾ هڪ نئين نڪور صنف جو اضافو ڪيو آهي، جن تي هاڻي نہ تہ ايندڙ نسل دستاويزي فلم (Documentary) تہ ڇا، مڪمل فلمون جوڙيندا. الهاس نگر ۽ بمبئيءَ ۾ هن قسم جا مونکي ڪتاب ڏنا ويا، جنهن لاءِ مان هند جي سرجٺهارن ۽ اديب دوستن جو ٿورائتو آهيان. پروفيسر رام پنجواڻي، اڏيري لعل، سنت ڪنور، شهيد هيمون، ڪماري پوپٽي، هيراننداڻي، ڪماري ڀڳونتي ناواڻي، پرسرام ضيا ۽ ماسٽر چندر تي ٿيلي اسڪرپٽ لکيا ويا آهن، جيڪي سڀ جا سڀ منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻيءَ جا لکيل آهن. اُن ساڳي پارٽنرشپ جي جذبي هيٺ، جيڪو اسان وٽ تاج جوئي، اياز گل ۽ ادل سومري ۾ پاتو ويندو آهي. اسانکي اُميد آهي تہ تخليق، تاليف ۽ تحقيق جا هِي هئي يارڙا شاهہ، سچل، سامي، ساڌو واسواڻي، نارائڻ شيام، موهن ڪلپنا، شيخ اياز ۽ ٻين وڏن نالن تي بہ نور نچوئي، هڪ ٻيو قدم بہ اڳتي وڌائيندا.

آهي تہ ھئي ڏينھن تي اُن شيءِ جو نقل (Replica) الهاس نگر جي بازارين ۾ نظر ايندو آهي، جيڪو اصل کي بہ مات ڏئي ڇڏيندو آهي.

رام پنجواڻيءَ جي تخليق: رام پنجواڻي سينٽر، ڀارت جي سنڌين لاءِ ادبي ۽ ثقافتي گڏجاڻين ۽ ميڙاڪن جو هڪ عاليشان مرڪز آهي، جتي اُتان جا سنڌي اتحاد، پيار ۽ ڀائيچاري جو وڻج وکر ورهائي، هڪ ٻئي جا جهول ڀري ڀوءِ وٺائن ڏانهن ورندا آهن. هتي سال ۾ ڪيئي هند جا قلمڪار ۽ ڪلاڪار گڏ ڪري ميڙا مچايا ٿا وڃن. هيءُ مرڪز هڪڙن لاءِ ادبي پليٽ فارم آهي، تہ ٻين لاءِ ڌرمي تيرٿ گاهہ، جتي ننڍا، وڏا، جوان، پوڙها، عورتون ۽ مرد اچي ٿا گڏجن ۽ هڪ ڏاڍي ۾ پوئجي پنهنجي ثقافتي وحدت قائم رکڻ جا جتن ٿا ڪن. زيرزمين طبقي کان مٿينءَ منزل تائين انسان پير پائي، روحاني آنند ۽ آشيرواد ٿو حاصل ڪري. ٺاڪر چاولا ۽ سندس گهر جي ڀاتين- پارو، شوڀا ۽ نيها جي سيوا هن تڪئي کي معنيٰ بخشي آهي. شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۽ اندو- سنڌ مشاعري تہ هند جي سنڌين واري ادبي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ مڪمل باب جو اضافو ڪيو آهي. هِن قسم جون انتر راشٽريہ محفلون ۽ ميڙاڪا مچائي ٺاڪر چاولا چڻ تہ سيما (سرحد) جي خاردار (Thorny) تارُن مٿان هڪ پُل تيار ڪرائي ڇڏي آهي، جنهن تان صبح شام هند- سنڌ جا تخليقڪار لنگهندي نظر ٿا اچن.

قاضي قادن جي جملي ستن بيتن واري ذخيري جي مقابلي ۾ ڀارت جي لوڪ منچ سنسٿا کي راٿيلا ڳوٺ جي هڪ مَٺَ مان قاضي قادن جا سچا سارا 112 بيت هٿ آيا آهن، جن کي هندي زبان جي مقامي ليکڪ راجا رام شاستري ۽ سنڌيءَ جي برک شاعر ۽ نقاد هيري ٺڪر روشنيءَ ۾ آندو آهي. هنن بيتن ۾ ستن بيتن واري زخيري وارا ٻہ بيت بہ شامل آهن، جيڪا هڪ پڪي پختي ٺوس ثابتي آهي تہ اهي سڀ جا سڀ بيت قاضي قادن جا بيت آهن. اهو هند جي سنڌين جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. سنت هريداس (جيڪو گرنٿ ۾ آيل 69 شاعرن مان هڪ آهي) پاران تيار ڪرايل 750 صفحن تي ٻيٺل هِن گرنٿ ۾ قاضي محمود ۽ بابا نانڪ جو ڪلام بہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ قاضي محمود، قاضي قادن جي گهراڻي جو ڪو فرد هجي، جيڪڏهن سندس ڪلام سنڌيءَ ۾ آهي تہ. بابا نانڪ بہ مونکي نانڪ يوسف ٿو لڳي. ڪيترائي شاعر آهن. جيڪي نالن مان سنڌي ٿا لڳن. جيئن تہ: غريبداس، ڏنو ڀڳت، هريداس وغيره. راجستان جي مهان ڪوي دادو ديال سنڌيءَ ۾ بہ شعر چيو آهي، جيڪو هن گرنٿ ۾ شامل آهي. هِن گرنٿ تي اڃان بہ هڪ وڏي کوجنا جي ضرورت آهي. هن ڪتاب کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ سان ڪيترائي ننڍا وڏا راز کُلي سگهن ٿا ۽ اهو سنڌي ڪلام اسانجي شاعريءَ کي وڌيڪ مالامال ڪري سگهي ٿو.

مان سمجهان ٿو تہ کوجنائي ڪارگذاريءَ ۾ بہ هند جا سنڌي اسان کي

جو ڪيتن جي نڪور شادابي ۽ زرخيزيءَ تي ابن ڏاڏن کان رهندڙ پارتواسي به حيران آهن!

رام پنجواڻي جي سرير جو سرجڻ لاڙڪاڻي جي پوميءَ مان ٿيو. جيڪا ڪرشن راهي، هوندراج دکايل، هولارام هسيجا، هوندراج بلواڻي ۽ هري موٽواڻيءَ جي به جنم ڀومي آهي. لاڙڪاڻي جو وينل وڃي بمبئيءَ ۾ آباد ٿيندڙ رام پنجواڻي پنهنجي پر ۾ هڪ مڪمل سنستا (ادارو) هو، جيڪو لطيف فن (FINE ARTS) جي هر ميدان جو شهسوار هو. ائين ڪٺي چئجي ته فن جي ديويءَ سندس سر تي 'هرفن مولا' جو ڇٽ جهولايو هو، ۽ پوءِ سندس سرير مان ڏات ميندي‌ءَ جي ہوٽن جيان ڦٽي نڪتي هئي. رام اسان وٽ سنگيتڪار، گائڪ، نرتڪ، اداڪار، ليکڪ، سگهڙ ۽ شاعر جي روپ ۾ هڪ مهاپرش بڻجي آيو. سندس قلم ٽوڙي ڪلا مان سرل ۽ سلوڻي سنڌي ڇيٽ جي گلن جي ورڪا ڪندي هئي، جيڪا محفل کي مهڪائي ڇڏيندي هئي. سنڌ ۾ مٽا خان ۽ هند ۾ رام پنجواڻيءَ مٽڪي جو مان وڌايو. هونءَ ته ڪو به فنڪار يا ساز وڄائيندڙ ڪنهن خاص ساز ڪري ئي مشهوري حاصل ڪندو آهي، پر هتي اسان فخر سان چئي ٿا سگهون ته مٽڪي يا گهڙي کي مٽا خان ۽ رام پنجواڻي ڪري ئي مشهوري ملي، جنهن ۾ مٽڪي جو ڪمال گهٽ، پر فنڪار جي هٿن جو هنر ۽ ڪاريگري وڌيڪ شامل آهن. "هٿندڙ سندا هٿڙا، ماٺهن ليکي ساز". هند ۾ شهنائيءَ کي جيئن استاد بسم الله جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو ٿو وڃي، تيئن ساڳي ئي سرزمين تي مٽڪي کي به رام پنجواڻيءَ ڪري مان مليو آهي. هندو مت ۾ ڳائڻ وڄائڻ پوڄا ۾ شامل آهي. اسان جڏهن نارد جي آڱرين کي وڻا ڇهندي ڏسون ٿا، سرسوتيءَ جي هٿن ۾ ستار، شو جي ڪلهي تي دنبورو ۽ ڪرشن جي مُک تي مرلي ٿا ڏسون ته هاڻي هن ڪانپوءِ اسانکي رام (رام پنجواڻي) جا هٿ به مٽڪي تي رقص ڪندي نظر ايندا.

شاهه، سچل، سامي سيمينار جي موقعي تي مون ڏٺو ته هر پارتواسيءَ رام پنجواڻيءَ جو نالو ادب سان پئي ورتو، اُها ہي ڳالهه آهي ته پارت جي ڪن اديبن رام پنجواڻيءَ جي ڪردار جو منفي پاسو به پيش ڪيو آهي، پر پوءِ به رام جي هنڌين ماڳين هاڪ آهي، جيڪو سنڌين سان ڳنڍير جي ڳنڍين جيان ڳنڍيل آهي:

راڳ- ديوي ۽ رام پنجواڻيءَ جي اوتاري جي فقير- تن فنڪاره پارو چاولا زبانيءَ رام جون ڳڻن ڀريون ڳالهيون هڏي، چوٿو پيو ته رام پنجواڻي بيشڪ ڪلا جو صاحب ۽ سنڌي جاتيءَ لاءِ درد رکندڙ مهان شخصيت هئي، جنهن زندگيءَ جي پڇاڙيءَ وارن پهرن ۾ ناچاڪ هئڻ باوجود به چيٽي چنڊ جي موقعي تي ساڌبيلي، کار، ڪوپريج ۽ باندرا ۾ ڦيرڙيون پائي پنهنجن سنڌين کي خوش ڪرڻ سندس مهانتا جا مثال آهن. رام پنجواڻي هند جي سنڌين جو وڪٽر هارا هو- وڪٽر هارا (چليءَ جو ڳائڻو شاعر) به گهٽين ۽ بازارين ۾ ميڙاڪا مچائي قومي گيت

هند جي سنڌين جو وڪڻ هارا پروفيسر رام پنجواڻي

ڏهاڪو سال اڳ الطاف شيخ وانگر دنيا جي گولي کي نوڙيءَ سان ڪڇيندڙ، سنڌ جي سيلاني محمد خان سيال پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو رڪارڊ ڪيل انٽرويو ٻڌايو هو. سنڌ ۽ سنڌيت بابت سندس ويچار ۽ ڳالهيون ٻڌي، اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا. ذهن جي افق تي سهڻي لطيف اِجهو هن طرح تصوير جوڙي ڇڏي هئي. ”وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪٺل ڪوڪاري.“ ڪنگڻ ۽ هنجن جي اٿبٺت واري واقعي هٿي وڃي هنڌ ڪيو. ”لڏيا روهه وڃن، ڪنهن هيٺائيءَ کان هنجڙا.“

آئي وئي واتان اُن ڏاتار جا قصا ڪهاڻيون ٻڌي، اندر ۾ آس پيدا ٿي ته ڪڏهن رام جي راڄڌانيءَ ۾ پير پائي، اُن ٻهن ۽ ٻهڻ جي ٽڪين واري پونءِ (لاڙڪاڻو) تي جنم ورتل اوشاڪي پوشاڪيءَ کي پيٽي ڏسجي. سنڌ جي پاڻي ۽ مٽيءَ مان جڙيل اُهو مها پرش، جنهن سُر ۽ سنگيت جو جادو جڳائي هند ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي اوپري زمين تي گلن ۽ غنچن وانگر هڪ ئي مالها ۾ پوئي ڇڏڻ جا هيلا هلايا. مان هيرن ۽ موتين وانگر هار ۾ پوتل هند جي انهن سنڌين کي وڃي ڏسندس، جنهن هار جي پٽڻ مان هڪ پُتلو ’رام پنجواڻي‘ هوندو.

سيمينار جي روح روان شري ٺاڪر چاولا جي گهر بار بار وڃڻ مان مونکي رام پنجواڻيءَ جي ڳُڻن پرين ڳالهين جا داستان ملي ويا. پروفيسر رام پنجواڻي لاڙڪاڻي مان پنهنجو کهول ساڻ ڪري، بحري جهاز رستي ڀارت پهتو هو. هي ڏاهو ذات- ڏٺي اُنهن قلمڪارن ۽ فنڪارن منجهان هڪ هو، جن سنڌ ڇڏيندي، ڇاتيءَ کان ڇڄڻ محسوس ڪيو هو. جن جي دلين ۾ هير جون ڊنگهريون وچڙائي، اُنهن ڊنگهرين کي ٻنهي هٿن سان ڊُوهيو ويو هو. رام پنجواڻي ڳنڍ- ٽوپي جي اُنهن ڪاريگرن ۽ رفوگرن ۾ شامل هو. جن ڀارت جي ڳهڻ- ٻولين واري ملڪ ۾ پهچي. نااُميديءَ جي سمونڊ ۾ غوطن کائڻ بدران ٻوليءَ ۽ ادب جي قاتل ڪنجري کي وڃي چتيون هنيون هيون. هن مهاپرشن کي لڏ پلاڻ وارو طوفان اُکيڙي نہ سگهيو هو. هُو تہ اُن ڪاري آنڌاريءَ ۾ ٻڙ جي وڻ وانگر سدا ۽ سنوان رهيا هئا. سندن جلاوطنيءَ وارو هڪ اهڙو غيرفطري عمل هو. جهڙو نٿهڻ اس ۾ صحرا جي سيني تي هيرڻ جون ڪڪڙيون ڇنڻي، وڃي سندن انگورڄڻ جو انتظار ڪجي! اُها ئي ڳالهه آهي تہ ڀارت جي سنڌين اُن ريتائين زمين ۾ اهڙو تہ ڀاڻ ۽ زرخيزي بخشيندڙ مٽي ملائي.

ٽِہ لَڙهي موتين مالها

پوپٽي، ڪلا ۽ سندري مونکي فن- ديويءَ جي ڳلي ۾ پيل ٽہ لڙهي موتين مالها لڳندي آهي، جن تي فخر ڪرڻ سان دل جهومڻ لڳندي آهي. بمبئيءَ ۾ سيمينار ۽ مشاعري ۾ بهرو وٺندي، ادب جي هنن ٽن ليکڪائن کي نہ رڳو بار بار ڏسڻ جو موقعو مليو، پر ڪتابن ۾ جهاتيون پائي سندن ادبي ڪيٽ ۾ هر هلائيندي، اٽڪل ٽيهارو سال ٿيا آهن، تڏهن وڃي هِن ٽيلهڙ سان مڪاميلو ٿيو. اسان جي پيڙهن کي اسانکان دُور رکڻ جي اِها ڪيڏي نہ دل ڏڪائيندڙ سازش آهي! ڪاش، ڪين اڳ ڏسي سگهان ها، جيئن سندن اُتساهيندڙ تخليقون ٽنبريل هير جيان منهنجو بہ ڪتڙن منڙن هيرن سان جهول ڀري ڇڏين ها.

ڪتابن ۾ پڙهڻ سان ڪڏ بدو بہ هئم تہ پوپٽي هڪ طوفاني ليکڪا آهي، جنهن ادب جي هر پهلوءَ تي ڪلڪراني ڪئي آهي. ڪهاڻي هجي يا ڪوتا، ناول هجي يا مضمون نويسي، پوپٽيءَ ادب جي هر شاخ ۾ پاڻ ميرايو آهي. لاڏن، ڳيچن ۽ اوراڻن ڪان ٿيندي، هاڻي تہ شعر جي گهاڙيٽن ۾ بہ شهسواريءَ جا وزنائتا ڪرتب ڏيکاري رهي آهي 'اُپيسارڪا' جهڙا نثري نظم خليل جبران جون سڪون لاهيندا آهن. 'اها ئي منهنجي جنم ڀومي آهي' هڪ اُها بي جوڙ تخليق آهي، جيڪا سنڌ مان جلاوطن ٿيل سنڌين سان گڏ ڏکڻ آفريڪا، آئرلينڊ، فلسطين ۽ آمريڪا جي اصلوڪن رهاڪن(Red-indians) جي بہ نظم آهي.

پوپٽي هيرانندائيءَ کي هر محفل ۾ مون ڇانيل ڀاتو. جيڪا طوفاني ليکڪا سان گڏ حاضر جوابيءَ ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سيمينار جي هڪ بيٺڪ جي جي صدارت ڪندي، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پوپٽيءَ کي صدر صاحب چئي مخاطب ٿيو، جنهن تي پوپٽيءَ ٺهہ پهہ وراڻيو تہ صدر صاحب! هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

لوڪ سر پاران هوٽل نٽراج واريءَ تقريب ۾ ڀڳوان چاولا جي ڀڳت ۾ پوپٽي هيرانندائي جيڪي ڦيرڙيون پاتيون هيون، اُنهن ڦيرڙين ۾ مونکي سنڌس جوڀن واري جهلڪ ۽ جوالا نظر آئي هئي. هِن آجياڻي ۾ ڪجھ لفظ چوڻ لاءِ مائيڪ منهنجي آڏو رکيو ويو تہ پوپٽيءَ هوشيار ڪندي مونکي چيو هو تہ: "تاجل! اڄ ڪو شاعريءَ جو ڌماڪو ٿي وڃي." مونکي لوڪ سر ۽ آجياڻي بابت چند جملا ڳالهائڻا هئا، پوءِ بہ ٿورو هٻڪندي، هن ريت تقرير شروع ڪئي هيم:

پنجواڻيءَ جو پير

ڳائيندو هو، جنهن سان اُتان جي ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن ۾ ايڪتا ۽ قومي جذبو اجاڳر ٿيندو هو. وڪٽر هارا کي پارٽيتو فوجين گولي هڻي ماري ڇڏيو هو.

ٺاڪر چاولا، پارو چاولا، شاهه، سچل، سامي سيمينار ۽ نجي محفلن ۾ ٻُڌل حقيقتن کي سامهون رکي، رام جي باري ۾ بس اسان هيئن ئي چئي سگهون ٿا:

(1) چيٽي چنڊ جي سنگيت محفلن، سيتا سندو پون جي ڪلا- گهر جي اڏاوت ۽ هِن مرڪز ۾ مچايل ميڙاڪن وسيلي رام پنجواڻي هند جي ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو، جنهن سنڌي ڪاز کي پارت ۾ وڏو ٻل بخشيو.

(2) اڏيري لال جي قائم ڪرڻ جو ڌرمي توڙي ادبي ڪارڻ هڪ ئي آهي، يعني سنڌيت جو وڃايل ڪارج هٿ ڪرڻ ۽ اوپري زمين تي سنڌيت جي ڦهلاءَ کي تيز ڪرڻ، جنهنجو سهرو رام پنجواڻيءَ ۽ سندس سائيارين جي سر ٿو سونهي.

(3) اکل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا چيٽي چنڊ کي 'سنڌيت جو ڏينهن' سڏي، هند جي سنڌين ۾ مقبول بڻائڻ وارو جذبو رام پنجواڻيءَ جي شعوري عمل دخل جو نتيجو هو.

(4) "آيو لال، جهولي لال" واري نعري هٿان سان هند جا سنڌي ڪا گهڙي جڻ تہ سنڌ پهچيو ٿا وڃن. هن آدرشي آسيس (SPIRITUAL CONSOLATION) جو خالق رام پنجواڻي هو.

(5) ورهاڱي جي ضد ۾ پارت جي سنڌين ۾ سنڌي چوڻڪي ۽ ڀڳت کي نئين سر جيارڻ وارو بہ رام هو، جنهنجي اثر ڪري ڀڳوان چاولا جهڙو ڀڳت ۽ نيم ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ ڀڳونتي ناواڻي جهڙي ڳائڪا پيدا ٿي ۽ هاڻي ان ساڳي ئي خاندان مان ڪاجل ڪيولراماڻي پيدا ٿي آهي، جنهنکي گجرات جي گجر، تہ ڪوئيو ٿو وڃي، پر مان کيس ننڍڙي عابده پروين بہ سڏيان ٿو. اهڙيءَ طرح هن مهاپرش جي جتن ۽ جاکوڙ ڪري سُر ۽ سنگيت جو سمنڊ اڄ بہ اجمير کان الهاس نگر تائين ڇوليون ماريندو نظر ٿو اچي.

نکار، رنگت ۽ واس سنڌي ادب کي برجستن ۽ سگهارن قدرن سان مالامال ڪيو آهي، هند جي قلمڪارن ۾ اُتم ۽ سندري هڪ مُنِ ۾ ٻن موتين مثال آهن. هڪ جي نالي وٽڻ سان ٻئي جو نانءُ خودبخود زبان تي تري ايندو. سندن ڏيئڙي آشا چاند جي گهر سنگيت جي رچايل شام ۾ ادب جي هنن ٻنهي ستارن جي جهمڪ اڄ به منهنجي هردي ۾ سانديل آهي. هي ٻئي ادبي هستيون پنهنجي ڪائنات جا چنڊ به آهن تہ ستارا به. جئن اپ نکتن کانسواءِ ٻُسو لڳندو آهي، تيئن ڀارت جو سنڌي ادب به اُتم ۽ سندريءَ جي لکڻين کانسواءِ اُن ڪنوار جي مثال آهي جنهنجا هٿ ۽ پير تہ مينديءَ سان رچيل آهن، پر ڪيس بنا ڳهن ڳٽن جي سيج تي وهاريو ويو آهي.

منهنجي پهرئين شعري مجموعي 'جڏهن پونءِ ٻٽي' تي ادبي رايو ڏيندي لکيو هئائون: "جڏهن پونءِ ٻٽي پڙهيوسين، ورق ورائي شعر پڙهياسين، تہ سنڌ- ڌرتيءَ جي سرهاڻ ٻي سرت ڪري ڇڏيو. اُن سرهاڻ جو پهرين شيخ اياز واس وٺايو هو ۽ هاڻي تاجل اُن ۾ اضافو ڪيو آهي. محسّين تہ اصل مکيہ ڪوي سنڌ جا ئي آهن."

شاهہ، سچل، سامي سيمينار جي افتتاحي تقريب ۾ پهچندي ئي، منهنجن اُهاڪن اکين اُتم ۽ سندريءَ جي ڳولها شروع ڪئي هئي. مونکي ٻڌايو ويو تہ هيءَ ٻي جوڙ جوڙي اڃان نہ پهتي هئي. اسٽيج تي اچڻ وقت منهنجون نظرون ڪين سيمينار جي اڳين قطارن ۾ ڳولهينديون رهيون. هُو آيا ۽ اچي پوئين صفن ۾ ويٺا، جنهنجو سبب دير سان اچڻ جو ئي سگهي ٿو. منهنجي پهرئين مجموعي بابت سندن مختصر تبصري مونکي چلولو ڪري ڇڏيو هو. مون چاهيو ٿي تہ سيمينار ۾ منهنجي پهرئين ئي نظر سندري ۽ اُتم جو طواف ڪري! مون تہ پنهنجون اکيون، چپ ۽ زبان گلاب ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ سان ڌوئي، پوءِ اسٽيج تي قدم رکيو هو، جو تہ مونکي گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ارجن شاد، موهن ڪلپنا، اُتم ۽ سندريءَ جا نالا وٺي مخاطب ٿيڻو هو.

سندريءَ ڏيهي ۽ پرڏيهي ترقي پسند ادب جا ترجما ڪيا آهن. ڪيترن ڪهاڻين تي ڪيس انعام بہ مليا آهن. سويت لئنڊ نهرو امن ۽ 1978ع ۾ رشيا ياترا جو انعام حاصل ڪيائين.

سندري منهنجي ذهن ۽ شعور جي ڪيتر ۾ اُن وقت نرگس ۽ نازبوءِ جا ٻوٽا لڳايا هئا، جڏهن مون سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'پوري' پڙهيو هو. 'پوري' ڪتاب ۾ آيل ڪهاڻي آهي، جيڪا منهنجي ذاتي راءِ موجب دنيا جي وڏين ڪهاڻين مان هڪ ڪهاڻي ٿي سگهي ٿي.

ڪلا پرڪاش، ڪلا- ديويءَ جي چندن- هار جي ٽين لڙهي آهي، سنڌ جي سفرنامي 'جي هينئڙي منجهہ هرن' جي ليکڪا ڪلا پرڪاش، منهنجي پيڻ ۽ موتي پرڪاش جي جيون- ساٿياڻيءَ منهنجي سامهون دياونتي هال ۾ ويهي ادب جي مون

منهنجي اڄڻ ڪان اڳي
ڊاهي ويو ڪير؟

❋

پنجواڻيءَ جي ڪاڻ
آندي ٿَمَ آسيس مان
سنڌوءَ جي سرهاڻ.

جهمر، ڇيڄ، ڇيڻي چنڊ، ڀهراڻي ۽ ڀڳت باري ۾ پوپٽيءَ ننڍڙا ليک لکيا آهن. اهي هلڪڙا ليک ڪتاب جي ورقن تي ڄڻ چانديءَ جا ورق چنبڙائي ڇڏيا اٿائين.

طارق اشرف پاران موهن ڪلپنا جي ڇپايل ڪهاڻين واري ڪتاب 'اُها شام' ۾ پڙهيو هيم تہ پوپٽي هيرا نندانيءَ کي ترقي پسند، رومانوي توڙي جديد ادب جي دؤرن ۾ نٿو ڦاسائي سگهجي. ڪُوڻ ڀهچي تصديق ڪيم تہ اهڙن قلمڪارن ۾ موهن ڪلپنا، منگهارام ملڪاڻي، نارائڻ شيام، ڪرشن کتواڻي، گووردڻ ڀارتي ۽ لکمي کلاڻيءَ کي بہ شامل ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح رام پنجواڻي، هوندراج دکايل، هري دلگير، پرسرام ضيا، پريو وفا ۽ ديال آشا کي خداوادين جي قطار ۾ ويهاريو ويو آهي. خبر ناهي تہ اِها تقسيم الائي کهڙي دؤر جي آهي! مونکي تہ اِها ورهاست ڪافي پراڻي ٿي لڳي. هن وقت ادب جي بساط جي رونق کي قدر بدليل آهي. موهن ڪلپنا نظرثاني ڪندو تہ شايد کي ڳوٺون متاثيون پونس، يعني خانا تبديل ڪرڻا پوندا.

اسان وٽ هتي سنڌ ۾ کي اهڙا بہ اديب آهن، جيڪي ظاهري طور هن ڌرتيءَ تي آدجڳاد واري وٽ سورينڊا آهن. ڇي: جيڪي آهي، سو هتي آهي. هُتي (ٻي دنيا) ڇا هوندو! هن دنيا جي نعمتن کانپوءِ ٻي دنيا (Life after death) جي عيش آرام تي منڌيئڙو ڦيري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ بہ گهر جو دروازو بند ڪري، لوڪان لِڪي، سجدا ڏيندا آهن. پوپٽي پلي "اوم، اوم، شانتي، شانتي" ڪندي رهي، پر پوءِ بہ هوءَ ڌرتيءَ جي گُل ڦلن، وڻن واهيرن، هن ڌرتيءَ جي صبح توڙي شام سان اٿين واڳيل آهي، جيئن مارئي ٿر جي ڪڪوريل ڪرڙن ۽ ڏڏ ولوڙن واري واڳيءَ سان واڳيل هئي. اهو ئي سبب آهي، جو پوپٽي هيرانندانيءَ جون لکيون سنڌ جي پنهي خوشبوءِ ۾ وهنتل هونديون آهن. جن مان ننڍڙن ٻارڙن لاءِ ڪير- ڦڙا ۽ ڪاڇي جي اڃايل ڪامين لاءِ لکيءَ جا چشما ڦٽي نڪرندا آهن.

سرحد پار سنڌي ساهت جي نوَ لکي هار جي ٻي لَڙهي آهي سندري اُتمچندانِي. سندري نِنڍي کنڊ جي ورهاڱي ٿيڻ سان ئي لکڻ شروع ڪيو هو. سندس ادبي گلشن ۾ ڪهاڻين، ناولن، ناٽڪن، مضمونن ۽ ڪوتائن جا گل ٽڙندا رهيا آهن. سندري بہ پوپٽيءَ ۽ ڪلا وانگر پنهنجن لکڻين ۾ جيوت جا رنگ پريندي رهي آهي. جنهن جي

هيري ٺڪر جو ڪوجنائي ڪارنامو

هيري ٺڪر کي ڏٺم ته هئي هڪ هئي سان ڳوڀجي وياسون، جڙجي وياسون. اُهو هيرو، جنهن منهنجي پهرئين ڪتاب 'جڏهن پونءِ ٻٽي' تي آل انڊيا، دهليءَ تان وڏيءَ شدمد سان تبصرو نشر ڪيو هو. لڇمڻ ڪومل جي نشر ڪيل تبصري کان جلدئي پوءِ ساڳي ڪتاب بابت پنهنجي ماتر- ٻومي ڏانهن هيري ٺڪر هنجن ۾ مورن جهڙا لفظ اُڏايا ها. هزارن ۾ لکن ۾ نرالو، پنهنجائپ جو احساس ڏياريندڙ ۽ روح ۾ پيهي ويندڙ هيري جو آواز، جيڪو شام ويلي آل انڊيا ريڊيو تان سنڌي خبرن جي روپ ۾ ٻڌندو هئس، اڄ اُهو جانيئڙو، ڦليلي واهه جي ساڄي ڪپ تي جنم وٺندڙ هيرو، ڦهلايل ٻانهن جي گهيري ۾ هو. هڪ ٻئي جون اُڃيون اکيون، هڪ جُوڻ وچڙي ويل اکيون هڪ ٻئي کي ڳولهينديون رهيون هيون، هر ڇهري ۾ جهاتي پائي سڃاڻنديون رهيون هيون.

بمبئيءَ ۾ سيمينار جي هڻ هٽان ۽ وٺ وٺان کانپوءِ اسانجون دنيا وارن کان نراليون روح رڇنديون وچي الهاس نگر ۾ ٽپيون، جتي سورجَ نه، پر اکين شاخون ڪيون هيون، جيڪي آسرنهن جي وڻ سان ڪرڙ وانگي ٻڪجي ويون هيون ۽ هن وقت گلور وَل ۽ نم جي وڻ وانگي هِي ٻئي جيوَ ٻاڪر پائيندا، ادب جي ڪوجنا جي وٽڪار ۾ مٿي اُسرندا رهن ٿا.

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي فلم سٽي فوٽو اسٽوڊيوز ۾ مونکي ٻلديو ۽ هيري ٺڪر جي حوالي ڪري، وري به پنهنجي آفيس روانو ٿي ويو، جتي مون ڀهريون ٻه ذڪر ڪيو آهي ته ٻلديو اسانجا فوٽا ڪڍيا ۽ پوءِ رات ويلي شهر جي رونق ڏسندا جڳديش لڇاڻيءَ جي گهر آياسون، هِن ڪاڪ- ڪنڌي تي جڳديش جي مومل (منهنجي ڀيڻ) پنهنجي هٿن سان داٿو- پاٽي ڇڳائي منوهر وارن ڏانهن روانو ڪيو. رات جا ٻويان ٿي پهر ٻلديوَ ۽ هيري جي سنگت ۾ پريمچند وٽ گذارياسون، هيرو ٺڪر اَسان پنجن ڄڻن جڳديش، ٻلديو، منوهر، پريمچند ۽ منهنجي مٿان ڇوڏهينءَ جو چنڊ ٻڄجي صبح تائين چاندوڪيءَ جي ورڪا ڪندو رهيو.

مون پڙهيو هو ته ادب جي ڪوجنائي مهم ۾ هيرو ٺڪر اُها شخصيت آهي، جنهن 1978ع ۾ هرياڻا صوبي جي راٽيلا نالي ڳوٺڙي جي هڪ مَٺَ مان لڏل قاضي قادن جا 112 بيت ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. اِهي بيت دراصل هندي زبان جي ليکڪ

گودڙي پوش جو تعارف ڪرايو هو. ڪلا، جنهن لکيو هو: ”سنڌ مان چلڪي نہ موٽنديس تہ ڪٿان چلڪي موٽنديس! سنڌ جي هوا ئي تہ آهي، جنهن ۾ حياتي ملندي ئي پهريون ساهہ کنيو هوم، شل پويون پساهہ بہ اُتي کڻان!“ ڪلا جي ڪهاڻين ۾ سنڌي جيوت جا نہ اُجهامندڙ ڏيا ٻرندي نظر ايندا آهن. ’خانواهڻ‘ ۽ ’بکارڻ‘ واريون ڪهاڻيون هِن وقت مونکي ياد نہ رهيون آهن، پر هنن ڪهاڻين جا عڪس ۽ اولڙا مون پنهنجي لاشعور ۾ سانڍي رکيا آهن.

منهنجي ڄاڻ مطابق ڪلا جا اٺ کن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي گهڻو ڪري ڪهاڻين ۽ ناولن جي روپ ۾ آهن. نثري نظمن تي ڪيس اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان انعام ملي چڪو آهي.

مان جيترا بہ ڏينهن بمبئيءَ ۾ هئس، ڪلا منهنجي سارسنڀال لهندي رهي. پنهنجي پٽ شريڪانت ’صدف‘ (غزل جي بي جوڙ نوجوان شاعر) کي مونڏانهن اُماڻي مونکي ونڊرائيندي رهي هئي. ڪلا جي آسيس ۽ پيار ۾ وڏي ڀيڻ وارو پيار لڪل هو. سچ پچ ڪلا مونکي ماممتا جي تصوير بہ لڳي هئي. پوپٽي هيراننداڻيءَ جو دٻدٻو ۽ شان، سندري اُتمچنداڻيءَ جي ماٺ ۽ معصوميت ۽ ڪلا پرڪاش جي مهر ۽ ماممتا سنڌ جي سرزمين مان ئي جنم وٺنديون آهن.

”ادا، تاجل! منهنجي گهر ڪڏهن ايندين؟“

هِن اَچ ۾ جيڪو پيار هو، آسيس هئي، اُن پيارَ ۽ آسيس جي خبر فقط ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي ئي هوندي.

مان، ڪلا، طارق، هري موٽواڻي ۽ سي. ارجن هئاسون، جيڪي ڪلا جي فليٽ ۾ هڪ ٻئي سان اورُون اوري ۽ سور وِنڊي رهيا هئاسون. اُن منظر جي جهڻ تہ ڇَڪي ڪٽي اچي گهر ۾ هنئين اَٿم، جتي اٿندي وهندي صبح شام مان پنهنجي ڀيڻ ’ڪلا‘ کي ڏسي رهيو آهيان.

اجان بہ مُني صدي پٽتي قاضي قادن رکيو هو، جيڪو زمانو عيسوي سورهين صديءَ جي اڌ تائين پهچي ٿو، جڏهن جو پٽتي ويندي رستي ۾ اسانکي اسحاق آهنگر، ساموئي فقير، مخدوم احمد ڀٽي، مخدوم نوح، درويش راجو ۽ شيخ ڀريو بہ گڏجن ٿا.

اسان سنڌ وارا غضبناڪ حد تائين قاضي قادن تي ڪاوڙ ڪندا آهيون تہ هُن شهبيگ ارغون جون نہ رڳو وڏيون نوازشون حاصل ڪيون هيون، پر ڪيس ڏاهہَ بہ ڏني هئائين تہ سنڌ جي زمين پوسل واري ٿيندي آهي، جنهن ۾ ٻڍ ڦٽندا آهن، اُن ڪري هٽ ۾ هر وقت ڪوڏر هئڻ لازمي آهي، وغيره. اسان ملڪ جي ورهاڱي کانپوءِ پنهنجي ادبي ۽ تخليقي تاريخ تي نظر وجهنداسون تہ اسانکي اهڙا ڪيئي اديب ۽ شاعر ملندا، جن آمرن آڏو ڪرنشون بجا آڻي، شيروانيون پهري ٻي ڏوهن جي خون ۾ رڱيل هٿن مان انعام اڪرام پئي ورتا آهن. جِي حضوريءَ جا سڀ ليڪا لنگهي، پار پيا آهن. ڇا اسان اِهو فيصلو ڪري سگهيا آهيون تہ اُنهن تخليقڪارن کي ادب جي بساط تي ڪهڙن خانن ۾ وهارڻ گهرجي؟ اسان تہ ادب جي ڪن اهم شخصيتن کي سامهون رکي، ائين بہ چئي وهندا آهيون تہ اديب جي ڪردار کي نہ، پر سندس تخليق کي ئي وزن ڏيڻ گهرجي. هِن ڏس ۾ بونس سان گڏ اسان تہ هين جا حصا (Shares) بہ اهڙن اديبن ۽ شاعرن جي نانءِ رجسٽر ڪري وهندا آهيون. پوءِ قاضي قادن تي ايڏي ڇڙ ڇو؟

مٿين حقيقتن کانپوءِ اسانکي حق ٿو پهچي تہ اسان قاضي قادن کي اَساسي شاعريءَ جو بنياد وجهندڙ (FOUNDER POET) مڃي، پنهنجي اَساسي ادبي ورثي کي مُني صدي پوئتي ڪٽي وڃون. قاضي قادن جو لڌل ڪلام رام شاستري ۽ هيري ٺڪر جو عيسوي ويهين صديءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو آهي، جنهن سان ادب جي نہ رڳو قدامت ۽ ارتقا معلوم ٿئي ٿي، پر اَساسي شاعريءَ جو ڪئنواس بہ وڌي وڃي ٿو.

هيرو ٺڪر اسانوٽ سنڌيءَ ۾ هڪ سڄاڻ شاعر نقاد، مضمون نگار ۽ محقق جي نالن سان ڄاتو سڃاتو ٿو وڃي. قاضي قادن جي ڪارنامي کانپوءِ مان ڪيس تحقيقاتي دنيا جو وهائو تارو (Morning Star) ٿو سڏيان، ڇو تہ سندس کوجنائي اپياس جي شدت "جي سمنڊ منهن ڪيان تہ سُرڪيائي نہ ٿئي" جي مثال آهي.

راجا رام شاستريءَ کي هٿ لڳا هئا، جيڪي پراڻي ديوناگريءَ ۾ لکيل هئا، جن کي هيري ٺڪر نورنچوئي، منجهيل سٽ سلجهائي، ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن گرنٿ مان قاضي قادن جا بيت کنيا ويا آهن. اُن قلمي نسخي جو نالو ’سنتون ڪي واڻي‘ آهي، جنهن ۾ قاضي قادن سميت 69 شاعرن جو ڪلام درج ٿيل آهي. هيري ٺڪر ٻڌايو ته اهو گرنٿ سنت هريداس تيار ڪرايو هو، جيڪو سڄي جو سڄو پراڻي ديوناگري لپيءَ ۾ هٿ سان لکيل آهي، جنهن ۾ دادو ديال، ڪبير، شيخ بهاؤالدين، سورداس، شيخ فريد، شاهه حسين، بابا نانڪ، ڀرتري، قاضي قادن ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام داخل ڪيل آهي.

هن گرنٿ جي 69 شاعر مان هڪ شاعر قاضي محمود به آهي، جيڪو ٿي سگهي ٿو ته قاضي قادن جي ئي گهراڻي مان هجي ۽ سندس ڪلام به سنڌيءَ ۾ ئي هجي. هڪ شاعر جو نالو غريبداس ۽ ٻئي جو ڏنو ڀڳت آهي- گمان غالب آهي ته اهي شاعر به سنڌي ئي هجن. هن گرنٿ ۾ هنديءَ سان گڏ دادو ديال جو سنڌي شعر به درج ٿيل آهي. اسانجي محققن ۽ شارحن کي هن سنڌي ڪلام طرف خاص توجهه ڏيڻ گهرجي. خاص ڪري سنڌ- سرڪار جو ڪلچر کاتو، سنڌالاجي، يونيورسٽين جا تحقيقاتي شعبا، ڪوجنا ڪندڙ استاد ۽ تازو قائم ڪيل سنڌي لئنگيوئيج اٿارٽي.

ڀوپٽي هيرانانداڻيءَ ٻڌايو ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ’سمونڊ‘ لفظ جي معنيٰ معلوم ڪرڻ لاءِ جاوا ۽ سماترا کان وٺي نڪتو هو. هريانا ته جاوا سماترا ٻنهي جي مقابلي ۾ اسانکي وڌيڪ ويجهو آهي.

هيري ٺڪر سان هڪ رات ۽ اڌ ڏينهن واري قرابت مُنجهيل سٽ سلهجائڻ ۾ منهنجي به مدد ڪئي هئي، ۽ اڻين صبح تائين اسانجي سامهون ڪيترين ئي لڪل حقيقتون روشنيءَ ۾ اچي ويون. مون ڪٿي پڙهيو هو ته سنڌ جي برک ۽ سڄاڻ ليکڪ سراج ميمڻ قاضي قادن جي لڌل ڪلام ۾ شڪ شبها ڏيکاريا هئا. هن ڏس ۾ اسان سنڌ وارن کي ڀارت سرڪار جي تعاون سان کوج ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ- سرڪار کي گهرجي ته ڪلچر کاتي جي ساليانې بجيٽ مان ڪجهه ڏوڪڙ ڪڍي، سنڌ جي ڪن سڄاڻ محققن ۽ شاعرن کي هند- سرڪار جي سهڪار ۽ رضامنديءَ سان هريانا روانو ڪري، جو ته مٿي ذڪر ڪيل سنڌي شاعري چند- ڇاڻ ڪانپوءِ اسانجي اساسي شاعريءَ ۾ داد جوڳو اضافو آڻي، اسانجي ڪلاسيڪي ورثي کي وڌيڪ مالا مال ڪري سگهي ٿي.

اسانجي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو بنيادي پٿر رکندڙ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري کي مڃيو ٿو وڃي، جيڪو عيسوي سورهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ سترهين صديءَ جي شروعات وارو زمانو آهي. هيري ٺڪر جي کوجنائي دريافت (Research discovery) کانپوءِ اسان چئي سگهون ٿا ته اساسي شاعريءَ جي محلات جو بنياد

ڪي ڪمرشل وايبلٽي نہ جي برابر آهي. جنهن لاءِ هلندڙ سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي جي ٻڪ ٻوڙ کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ اهو وقت ڏور ناهي، جڏهن ڪلڪ جي ڪاريہ کي مانُ ملندو ۽ اهڙا مهان پرش ۽ استريون ٽي- وي جي اسڪرين تي ڏسي، اسانجو ايندڙ نسل فخر کان ڳاٽ اوچو ڪري هلندو.

الهاس نگر ۾ جڳديش ۽ هيري ٽڪر کي گهٽي ياڳي مان خاموش ٿي ڏسندو ۽ ٻڌندو رهيو هئس. ايئن فلم اسڪرپٽس جي خاص نڪتن کي ساهہ ۾ سانديندو رهيس. اوهان خط پٽ ذريعي ڏرتيءَ جي رشتي کي زندهہ رکڻ چاهيو تہ اِجهاهيءَ آهي جڳديش لڇاڻيءَ جي ائڊريس:

701- RAJIV APARTMENTS
ULHAS NAGAR- 421001
INDIA.

چڱو ٿيو جو هند کان سڏ ٿيو، ۽ اکيون پير ڪري، وٺن پهچي مان هند جي ليکڪن ۽ ليکڪائن کان ٿورو گهڻو واقف ٿي سگهيس. ڪاش، اِهو ادبي ۽ ثقافتي ۽ انساني ڳانڍاپن جو سلسلو نئين سج نَون اُمنگن ۽ جذبن سان جاري رهي، جيئن اسان وَرُ وَرُ ڪيو پيا هڪ ٻئي جي ڇهڻ ۽ ڪتابن جا ورق اُٿلايون!

ادب ۾ کوج جي دنيا جا ٻہ نرنانوَ

تخليق جي دنيا ۾ اُتم ۽ سندري، موتي ۽ ڪلا واريون جوڙيون تہ ٻڌيون سين ٻہ ۽ ڏٺيون سين ٻہ، پر هي منوهر ۽ جگديش واري جوڙيءَ بابت هيٺين ڳجهارت منهنجي ذهن مان تڏهن سرجي نڪتي، جڏهن الهاس نگر پيٽي اَيس:

ڳجهارت: ٻہ نانوَ وِٺا شهر ۾ تہ نَر نانوَ ٿي پيا.

پيٽي: ٻہ جاڻ وِٺا الهاس ۾ تہ سويارا ٿي پيا.

(نانوَ= جاڻ، شهر= الهاس نگر ۽ نر نانوَ= سويارا)

هنن ٻنهي تخليقڪارن اسانجي سورمن، ساهتڪارن، ڪلاڪارن جي ڪردارن تي ٽيلي سيريل اسڪرپٽ لکي، بيشڪ پاڻکي نَر نانوَ ثابت ڪيو آهي. مان الهاس نگر ويس، يارڙن سان روح رهاڻ ٿي ۽ ائين نون ۽ نڪور رازن کان واقف ٿيس. منهنجي ڄاڻ مطابق هن وقت تائين (1) جوڳي جادو لائي ويا، (2) ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان (3) پوءِ ڦٽي پوپٽي ۽ (4) ڪريو نہ تنهنجو ڪير جهڙا وڊيو فلم اسڪرپس لکي، جگديش لڇاڻي ۽ منوهر بيديءَ اسانجي تاريخساز شخصيتن کي هر دؤر ۾ زنده رکڻ جا جتن ڪيا آهن. پروفيسر رام پنجواڻي، پر سرام ضيا، ماسٽر چندر، ڪماري پوپٽي هيرانندڻي، ڪماري ڀڳونتي ناواڻي، اُڏيرو لال، ڪنور ڀڳت ۽ هيمو ڪالاڻيءَ تي ٽيل ڪلڪراني جي ڪمال کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ کانپوءِ ئي اسان ادب جي هنن وڻجارن جي اسڪرين واري چٽساليءَ ۽ روپ- ريکائن جو ڪاٿو لڳائي سگهون ٿا. جگديش ۽ منوهر ماضيءَ توڙي حال جي اٿاه ساگر ۾ ٽٻيون هڻي، ماڻهوءَ جي خوبين ۽ اسرارن جا موتي ميڙي سنڌي ادب جي گلشن ۾ ڀانت ڀانت جا ويهي گل پوکيا آهن. هونءَ تہ بنيادي طور منوهر شاعر ۽ پوءِ ڪهاڻيڪار آهي، جگديش خاص ڪهاڻيڪار آهي ۽ پوءِ هدايتڪار- عمر ۾ منوهر مون کان هڪ سال وڏو ۽ جگديش هڪ سان ننڍو آهي، يعني جگديش، مان ۽ منوهر ترتيب وارا 1937ع، 1938ع ۽ 1939ع ۾ پيدا ٿيا آهيون. منوهر ڪنبياري جو، جگديش پير جي ڳوٺ جو ۽ مان پير حيات شاه جي ڳوٺڙي جو رهواسي آهيان. مطلب تہ ٽيئي خيرپور ضلعي جا پراڻا رياستي. ورهاڱو نہ ٿئي ها تہ، خيرپور مان هلجي ها، نيرن جگديش وٽ، مانجهادو مون وٽ ڪري ۽ رات هلي ڪنبياري ۾ منوهر وٽ ٽجي ها.

پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جا ويچار هئا تہ هن وقت تائين ٽيلي اسڪرپٽس

ڪمل ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ تي ڪيرت ٻاٻاڻي، گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ وچ ۾ ٿيل گفتگو پڙهي مونکي ته ڏندين آڱريون اچي ويون هيون! سندن تنقيد جي بساط تي وهاريل ڳوٽن ۽ مهرا ڏسي، مان ته حيران ٿي ويو هيس! ڇا ته سندن هٺ ۽ هڪلڻ هو، ڇا ته تخليقڪار مٿان سندن حملو ۽ پوءِ دفاعي حڪمت عملي (Defending Strategy) هئي. اسانجا هي ٽيئي نقاد بيشڪ پڙهي، پُرجهي، اوڪ ٻوڪ جي ڪم تي پوءِ ٿا وڃن. اِهي ٽيئي نقاد ڪيرت، پشپ ۽ گُنو پارت ۽ سنڌ جي اديبن جو گڏيل ادبي سرمايو آهن. مان اهڙن اديبن (جن ۾ 'چنوُ مني' ۽ 'سانوري ڪنوار' جو سرجڻهار به اچي ٿو وڃي) ڪي سرحدن جا ليڪا ۽ لڪيرون ڊاهي، سلام ٿو ڪيان.

لينن جهڙو ڪيرت ٻاٻاڻي

قد بت جو پورو پنو، اکين ۾ باک ڦٽل، وارن جا قلم نقرئي، چهرو انبن ۽ صوفن جي ڳر مان جُڙيل، رعبدار پيشاني، مُک تي خوداعتماديءَ جا آثار، چپ ٻوڙندڙ مُرڪن سان سجايل، نواب شاهه ۾ جاول، جائو اُن سال جڏهن ڪوٽائيءَ لاءِ موهن جي دڙي مان کوڙر جو پهريون لپو ڪنيو ويو هو، شڪل شبيهه ۾ لينن، سنڌيت جي ڦهلاءَ ۾ به لينن واري تيزي، پهرئين ئي ياڪر ۾ متيءَ جو رشتو ياد ڏياريندڙ، خوشنائيءَ ڪان پاڪ، پيار، امن ۽ آشتيءَ جو درياءُ، ٻانهون ۽ هٿ ڪٽڻ ۽ ڪنبڻ تي هيرايل، پير ٽڪجن پاڻ نه ٽڪجي.

ڪيرت ٻاٻاڻي به گوبند مالهي، آتم، ارجن شاد، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش وانگر ترقي پسند (سماج وگيان) تخليقڪارن جي مالها ۾ پوتل هڪ مڻيو نه، پر 'پُتلو' آهي. ڪيرت جو به لکيو آهي، هُن سرحدن جي خاردار لوڙهي کي اکوڙي، ليکا ۽ لڪيرون ڊاهي، پوءِ ويهي لکيو آهي. سنڌس لکڻين ۾ ڀارت جا پنجاهه لک سنڌي نه، پر ساڍن ٽن ڪروڙ سنڌين ۽ سنڌياڻين جا چهرا نظر ايندا آهن.

ڪيرت جون خاص تخليقي صنفون ڪهاڻي ۽ ناٽڪ آهن. 'نه لئلا نه مجنو' ۾ واسهپاتپٽو ۽ نه ليلا نه مجنو واهه جون ڪهاڻيون آهن! سنڌس ڪتاب "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" به ڪيس هر دؤر ۾ زندهه رکندو ايندو. هن جهونڙي، شاهه جي ڪاهوڙيءَ جو پتو آهي:

Kirat Babani , President, Akhil Bharat Sindhi Boli & Sahit Sabha, 3/41 Adarsh Nagar, worli, Bombay- 400025, INDIA.

ڪيرت هڪ اهڙو تخليقڪار آهي، جو جڏهن تنقيد ڪري ٿو ته ادبي ميڙاڪن به نقاد سان گڏ هڪ پيءُ يا ڀاءُ ٿي سامهون اچي ٿو. پدري شفقت يا ڀائپيءَ واري جذبي سان سرشار، اهو ئي زميني رشتن جو اظهار. سيمينار جي ٻيٺڪن ڪانپوءِ ساٿس جڏهن گهر وڃي ملياسون ۽ ڳالهائڻ لڳاسون ته سنڌ اسانکي آدرش نگر کان ٻن وکن جي فاصلي تي محسوس ٿي هئي.

ڪيرت ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نويس ته آهي ئي آهي، پر اِن کان به مٿاهين حيثيت مونکي سندس ترقي پسند ۽ مارڪسوادي ادب جو هڪ ڏاهي نقاد طور محسوس ٿي. موهن ڪلپنا، لعل پشپ ۽ شيام جنسنگهاڻيءَ جي اِدارت ۾ مهاراشٽرا مان نڪرندڙ 'ساهتڪار' جي هڪ سالنامي ۾ نارائڻ شيام، ايم-

جيوت گوگيا ’جوت‘ سان مڪا ميلو سيمينار ۾ بمبئيءَ جي سرمائي شامن ۾ رات جي دعوتن ۾ ٿيندو رهيو. مون تان تہ گهڙيءَ گهڙيءَ گهور ٿي ويو. مون تہ **ڪيس** پنهنجائپ ۾ پريم جو پانڊيئڙو سڏڻ شروع ڪيو هو. الهاس نگر ۾ بہ ساڻس هلڪڙي ملاقات ٿي، جتي گوگيا سوڪڙيءَ طور مونکي ’شينهن ۾ ٻڪري‘ واري ٻالڪ ڪهاڻي ۾ منهنجي خواهش تي گنگا رام سمراٽ جو لکيل ڪتاب ’هندستان‘ ڏنو هو. پهرئين ڪتاب ۾ شينهن ۾ ٻڪريءَ جو هڪ گهاٽ تان امن ۾ شانتيءَ سان پاڻي پِي جهنگل روانو ٿي وڃڻ، منڍ ۾ هڪ غيرفطري عمل لڳو، پر جڏهن خبر پئي تہ اهي ٻئي جانور سرڪس جا هئا تہ گوگيا ’جوت‘ جي ڪردار نگاريءَ کي داد ڏيڻو پيو. اڳتي هلي خبر پوي ٿي تہ اُهو انساني جذبو ئي هئو، جنهن تحت هڪ بادشاهہ (MONARCH) پاڻ هرتو پنهنجو تخت تاج عوام جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي، جڏهن تہ جيستائين عوام طاقت جو مظاهرو ڪري ڪنهن آمر يا بادشاهہ جي ڳچيءَ ۾ هٿ نہ وجهندو آهي، تيستائين ڪوبہ حاڪم گوڏا کوڙي، توبهہ تائب نہ ٿيندو آهي. ڪهاڻيءَ جي هيءَ ٽرينٽمنٽ بہ واکاڻ جوڳي آهي.

پروفيسر جگديش لڇاڻيءَ ’جوت‘ بابت ٻڌايو تہ ’جوت‘ ٻال- ساهت لکندڙن ۾ جهوني ۾ جهونو ليکڪ آهي، جنهن جي ڏاڏيءَ، نانيءَ ۾ پرين جي ڪردارن جي ٻال- ساهت ۾ وڏي اهميت آهي. 1961ع ۾ ’ڏاڏيءَ جون ڪهاڻيون‘ تي ڪيس ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي پاران انعام بہ ملي چڪو آهي.

گوگيات ’جوت‘ کي سنڌي ٻوليءَ جي اٿليپ پهاڪن ۾ چوڻين گڏ ڪرڻ جو جنون جي حد تائين کوجنائي ذوق آهي، جنهن مان ٻال آکاڻيون سرجي نروار ٿينديون آهن، جيڪو گوگيا جو داد جوڳو کوجنائي ڪارنامو ٿو لڳي. هي جهونڙو اديب، آئي وئي سان پيار ڪندڙ، پهرين جنوري 1928ع تي سنڌ جي اُباوڙي شهر ۾ ڄائو ۾ هن وقت بئرڪ 442، روم 9، نيلا آڪاش، اُلهاس نگر- 421002 ۾ رهي ٿو.

هري دلگير جو ليک پڙهيو هيم ته **واسديو نرمل** پيشي جي لحاظ کان هڪ انجنير آهي، پر هڪ ئي جسم ۾ رهندڙ هڪ انجنيئر ۽ ٻيو شاعر ڄڻ ته هڪ ٻئي کي سڃاڻن ئي ڪونه. نرمل تاجيءَ پيتي سنڌي آهي، جيڪو بنيادي طور غزل گو شاعر آهي. مون ڪيس ٽن ڏينهن واري سيمينار ۾ ڏٺو ۽ انڊو- سنڌ مشاعري ۾ به ٻڌم. ان کان وڌيڪ جيوت چاولا جي گهر ۾ ساڻس ڪيل روح رهاڻين مان خبر پئي ته نرمل هڪ سٺو ٻال ساهتڪار ۽ ناٽڪ نويس به آهي، هن کان اڳ مون وٽ سندس سڃاڻپ فقط هڪ شاعر جي حوالي سان هئي. ڪيڏو نه سٺو ٿئي، جيڪڏهن هند- سنڌ ۾ هر سال ادبي ميڙا مچايا وڃن ۽ اسان هڪ ٻئي کي اڃان ڀي ادبي تور- تڪ جي لحاظ کان وڌيڪ سڃاڻي وٺون.

مون وارو نرمل (جنهن کي اندر ۾ وهاري مان سنڌ ڪٽي آيو آهيان) ڏاڍو مائيٽو ۽ گهٽ ڳالهائُو انسان آهي ۽ هر وقت چپڙن تي مرڪون کيڏائيندو رهندو آهي. سندس چهري تي سانت جو نگر ته آباد هو، پر سندس ڳلن واريون مُرڪن- ريکائون ڪير به نٿي لڪائي سگهيو. نرمل جي چپ چپات جي پنيان سنڌيت جو هڪ اٿاهه سمونڊ هو. جنهن جي هر لهر کي لکين لباس هئا.

واسديو نرمل جا سوکڙيءَ طور ڏنل ڪتاب 'سس زي سس' ۽ 'هائي هات' ساهه ۾ سانڍي رکيا اٿم. 'هائي هات' ۾ کي اهڙا غزل به آهن، جيکي نرمل کي شاعرن جي پهرين قطار ۾ اچيو ٺا بيهارين. منجهن اهڙا ته سگهارا ادبي قدر آهن، جو پڙهڻ سان وهوا نڪريو وڃي.

چڪا آهن. سندس تخليقن مان جا ڳالھ پڌر پٽ آهي، اُها آهي زندگيءَ سان واڳيل (Committed) هئڻ ۽ عوام سان گڏ ۽ پنن وانگر گڏ رهڻ.

وشنوءَ جي باري ۾ مون ڪٿي پڙهيو هو (شايد اي- جي اتم جو ليک هو) ته وشنو ڀاٽيا انساني زندگيءَ کي بي معنيٰ ۽ بي مقصد واري فلاسافي سڏيو آهي. وشنوءَ بابت ان قسم جا رايا مونکي سمجھ ۾ ڪونه ٿا اچن. جيئن ته ڀارت ۾ سنڌ جا اديب هڪ ٻئي سان رابطي ۾ اتي ۾ لوڻ برابر آهن، اُن ڪري اُتم جي ٽيڪاٽيپڻيءَ تي مان ڳالهائي به نه ٿو سگهان.

لوڪ سر آجياڻي ۾ ڳالهين ڪندي، وشنوءَ سرهاٺ ڪيو ته ”تاجل! تون شاعر ته ڀلوڙ آهين، پر تقرير به سٺي ٿو ڪرين.“ وشنوءَ جو مان ٿورائتو آهيان، اهڙا لفظ، سي به وشنو ڀاٽيا جهڙي قلمڪار جا، مون لاءِ اُستاھ جو وسيلو ئي ته آهن.

وشنو ڀاٽيا جو درشن تہ ٿيو، پر اڻ پورو. نويڪلائيءَ ۾ ڪا ڪچهري نہ ٿي سگهي، جڏهن تہ هلندي ڦرندي هُن دعوت بہ ڏني هئي: ”تاجل! سياڻي رات توکي مون سان هلڻو پوندو. ڪاڻ ڀيڻ بہ ٿيندو ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ.“ وشنوءَ جي پرخلوص آڇ يعني ’گهڻو ڪجهہ‘ تي سوچيم تہ اهو ’گهڻو ڪجهہ‘ تہ آهي، جيڪو مونکي بہ پهرين جا پهر گهر کان پري رکندو آهي. سمجهيم تہ ان گهڻو ڪجهہ واري معاملي ۾ وشنو ۽ مان هڪ ٻاجاريءَ ۾ ڊُڪيل ٻہ ڏاند آهيون. ڪلهن تان ڀلي تہ ڇتيون لهي وڃن، پر پوءِ بہ جيئُن ٿڌ، تيئُن وڌ. مان ساڻس وڃي نہ سگهيس، ڇاڪاڻ تہ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سميت پندرنهن سنستائن طرفان وديانتي هال ۾ اسانجي آجياڻي جو انتظام ڪيو ويو هو، جنهن کي پُٺي ڏئي، وشنوءَ سان هليو وڃڻ مون مناسب نہ سمجهيو. منهنجي مجبوريءَ وشنوءَ کي بہ مجبور ڪري وڌو.

تاج بلوچ جڏهن سوجهرو ڪيندو هو تہ اڪثر اسان سان وشنو ڀاٽيا جو ذڪر ڪندو هو. تاج بلوچ اڄ تائين وشنوءَ جو ٿورائتو آهي، جنهن تاج ڏانهن سائين بابا جو تعويذ موڪليو هو ۽ اُن کان پوءِ ان تعويذ تاج جي مالي حالتن ۾ بيرم (Take-off) جو ڪم ڪيو هو. وشنوءَ سان ملڻ کانپوءِ خبر پئي تہ وشنو ۽ تاج جي طبيعت ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. وشنو ڀاٽيا هڪ رنگين ۽ مجلسي قسم جو انسان آهي. هڪ دلگُهرئي دوست ٻڌايو تہ وشنوءَ جون محفلون ڏاڍيون پرڪشش ۽ رؤنق ڀريون هونديون آهن. اِهو ٻڌي منهنجو وات ڀاڻي ڀاڻي ڪرڻ لڳو هو.

اُلهاس نگر کان موٽندي، هيري نُڪر مونکي نند ڇگاڻيءَ جي حوالي ڪيو. مان نند سان گڏجي وشنوءَ سان ملڻ لاءِ سندس آفيس (هندستان اخبار) هليو ويس. منهنجي وري بہ بدنصيبي جو وشنو آفيس ۾ موجود نہ هو. وشنوءَ لاءِ چِٺي ڇڏي، اسان هري موٽواڻيءَ ڏانهن هليا وياسون.

هن وقت وشنو ڀاٽيا بمبئيءَ مان نڪرندڙ ’هندستان‘ اخبار جو ايڊيٽر آهي، جيڪا ڀارت ۾ وڏي ۾ وڏي سنڌي اخبار آهي. منهنجي معلومات موجب وشنو ڀاٽيا جا ڏهہ ڪهاڻين جا مجموعا ۽ چار ناول ڇپجي چڪا آهن.

وشنو ڀاٽيا سان هن پتي تي لهہ وچڙ ۾ اچي سگهجي ٿو: 19-21 امبالعل دوشي مارگ، بمبئي ميونچل بلڊنگ 3 مارڙو فورٽ، بمبئي ڀارت.

منهنجي ڄاڻ مطابق وشنوءَ جي ڪهاڻين جا ڏهہ مجموعا ۽ چار ناول ڇپجي

ڪرڻ وارو موتيرام 'سنڌ جو ورثو،' 'وحدت سنڌاواڪ' ۽ 'لطيفي رهاڻ،' جو ليڪڪ موتيرام- ايس. راموڻي، مون اهڙا انسان گهٽ ڏٺا آهن، جيڪي ڪنهن لاءِ ڪک جيتري بہ من ۾ مدي نہ رکندا آهن. سچو وقت پريم ۾ پنهنجائپ جون ڳالهيون. ڪراچي، منهنجي سنڌ، منهنجي امڙي، جيجل سنڌ، منهنجا سنڌي،... زبان تي بس اِهو ئي ورد وظيفو.

موتيرام 'سنڌ ۾ اسانجو ورثو' ڪتاب لکي ثابت ڪيو آهي تہ سندس سريو سنڌ جي ان چيڪي مٽيءَ مان جڙيل آهي، جنهن مان ابد تائين مورڙي ۾ سندس پيءُ اوپائي جي مٽيءَ جي خوشبوءِ ايندي رهندي. پاروائي خاندان جي باري ۾ 'رتن جوت' جي ٻن جلدن شايع ڪرائڻ ڪانپوءِ 'سنڌ ۾ اسانجو ورثو' تي جيڪو نور نچوئي موتيرام هي گرنٿ تيار ڪيو آهي، ان تي ٻلديو گاجرا چئي تہ گوڏا ٽيڪي موتيرام کي پرنام ڪيو آهي، هي گرنٿ هڪ اهڙو مستند تاريخي دستاويز آهي، جيڪو هر سنڌيءَ جي گهر ۾ سونهين ٿو، اُهو سنڌي ڀارت جو سنڌي هجي توڙي سنڌ جو رهواسي. هن ڪتاب پڙهڻ سان لڳي ٿو، ڄڻ موتيرام کي ڪو نياءُ ٿيو هو تہ اُٺ، سنڌ تي، سنڌ جي ڪوين تي، سنڌ جي ڏاتارن تي ڪجهہ لک، ائين نہ ٿئي جو تنهنجون اکيون هميشہ لاءِ بند ٿي وڃن (شل منهنجي باقي عمر ٻي موتيرام کي ملي جيئن اڳتي بہ هو شهتوت جي وڻ جيان ڪڙو تڙو رهي، باقي ڪم بہ اُڪلائي وڃي) ۾ پوءِ هي ڪم ڪنهن ٻئي ڪان سرانجام نہ ٿي سگهي. منهنجي دعا آهي تہ ٻيءَ جوڻ ۾ بہ سنڌ- ماتا موتيرام کي جنم ڏئي، ڪيس ڇاتيءَ لائي ڪير پياريندي رهي!

شري موتيرام ايس- راموائي 24- فيبروري 1910ع تي ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو، جيڪو 18- ڊسمبر 1961ع تي پنهنجي گهرجي ڀاتين سميت ڪراچيءَ کي هميشہ لاءِ ڇڏي، ڀارت پڳو. سايا ٽي سال شولاپور جو اَن- جل نصيب ٿيس ۽ آخر بمبئيءَ جي ٻومبيءَ ۾ ٽهڪي ويو.

موتن سي ڏنا ماءِ!

موتيرام ايس- راموٽيءَ جي درشن ڪرڻ جي اڪنڊ ۾ اڪير اُن وقت پيدا ٿي هئي، جڏهن هُن منهنجو پهريون شعري مجموعو 'جڏهن پونءِ بئي' پڙهي، مون ڏانهن خط سان گڏ يارنهن (11) صفحن جو تبصرو لکي موڪليو هو، جيڪو ڪراچيءَ کان اسلام آباد ۾ اسلام آباد کان ڪراچيءَ واري لڏپلاڻ ۾ گم ٿي ويو هو ۽ مان سندس بنا تارازيءَ منهنجي جهول ۾ وڌل هيرن موتين کي ڪنهن ڪتاب ۾ نه ڇپرائي سگهيس. بمبئيءَ کان موٽي اچڻ تي ڪڪ پن تائين ڦولها ڪرڻ تي مونکي يارنهن صفحن وارو تبصرو ته ملي ويو آهي، پر موتيرام جو 83-1-24 تي لکيل اهو قيمتي خط به مليو آهي، جنهن خط ۾ منهنجي سنڌيءَ کان متاثر ٿي لکيو هئائين:

"مان اوهان جي ڪوڙاٽي سنڌي ٻوليءَ جو ڪيترو ڪري، ڪيترو قدر ڪريان! شري يار محمد سمون، سير ڪوهستان جو مصنف، سندس سهڻي سنڌيءَ جون لکتيون ذهن تان متجي نه سگهيون آهن، هاڻي هئي سمي جون لکتون ذهن ۾ داخل ٿيون آهن، جن جي متجڻ جو به امڪان نٿو لڳي."

سيمينار جي ملاقاتن کانپوءِ مان رات جو به موتيرام سان جيوت چاولا جي گهر ملندو رهيس، جتي واسديو نرمل به اچي شريڪ ٿيندو هو. جيوت چاولا جي گهر ۾ خبر پئي ته موتيرام، نرمل ۽ جيوت هڪ ٻئي جا پڳ مٽ يار آهن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن بهاني ملي، سنڌ جي ياري دوستي واريءَ روايت کي زنده رکندا ٿا اچن.

هڪ ڏينهن شام ويلي 'هري راما هري ڪرشنا' مندر ڏسڻ کانپوءِ جيوت چاولا مونکي پيادل ئي پيادل اميتاڀ بچن جو گهر ڏيکاريندو موتيرام جي گهر وٺي آيو. سنڌ وارا موتيرام کي اجهو هن ايڊريس تي خطڙو اماڻي سگهن ٿا: 4-3/14 راماڪرشن سوسائٽي، جي- وي- پي- ڊي اسڪيم روڊ 9، جهُو، بمبئي- 049 400. پارت- اسانجا پاڳ پلا جو موتيرام هڪيو تڪيو گهر ۾ ملي ويو. سندس به جوان جماڻ پٽڙا به مليا. موتيرام پنهنجي اسٽڊي روم ۾ وهاريو، جتي سندس هڪ ننڍڙي لئبرري به آهي. اسانکي ڏسي موتيرام خوشيءَ ۾ نٿي ماپيو. وهاري ته ڪٿي وهاري! مجبور ٿي اسانجي لاءِ موتيرام پنهنجن اکين جا دروازا کولي ڇڏيا. اسي سالن جي عمر جو (هاڻي 82 سال) ۽ پوءِ به گهمڻ گهتڻ ۾ هڪو تڪو ڪلنڊڙ، ٻهڪندڙ، خوش مزاج، ٻانهون ڦهلائي ڀاڪر پائي، دل دل سان ملائي ڀليڪار

امرڪوتا ’انڌو دونهون‘ جو خالق:
ارجن شاد

بمبئيءَ جي ادبي ياترا وقت ۾ اُن ڪانپوءِ ڊاڪٽر ارجن شاد جي ادبي ۽ علمي سفر کي جاچي ڏٺم تہ مونکي ارجن شاد جي رنگ روپ ۾ ٻہ قدارو شخصيتون نظر آيون، هڪ شاعر ۽ نقاد ۽ ٻيو درس تدريس جي حوالي سان يونيورسٽيءَ جي هڪ ٻي قداور شخصيت. ائين ڪٽي چئجي تہ هڪ شاعر ٻيو استاد، ڇڻ تُوتن جي باغ ۾ هٽ ٻيلھ ٻيئل ٻيد مشڪ جا ٻہ وڻ.

سٺ واري ڏهاڪي ۾ اسانجي ڪوي شيخ اياز سنڌ بابت ايڏا تہ روح ۾ پيهي ويندڙ گيت لکيا هئا، جو ڪيس باغي شاعر چيو ويندو هو. جنهن ۾ سندس جيل وڃڻ جو بہ اثر شامل آهي.

ڀارت ۾ ارجن شاد بہ پنهنجي جنم ڀوميءَ (HOME LAND) کي ياد ڪندي، اهڙي تہ ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي، جو منجهس باغي شاعر جون خوبيون ’وهائو تاري‘ جيان ايري پيون آهن. ارجن ڏرتيءَ جو شاعر آهي، انبوهہ (MASSES) جو شاعر آهي. نارائڻ ڀارتيءَ چواٽي تہ جيئن چٽرجيءَ ڀارت ورش کي ’وندي ماترم‘ جهڙو لافاني گيت ڏنو، تيئن ڀارت جي سنڌين کي ارجن شاد ”اُها زندهہ رکندس ٻولي، جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي.“ گيت ڏنو آهي.

”منهنجي سنڌ جو نقشو ڪاغذ جو نقشو نہ آهي. اِهو منهنجي دل جي خون ۾ چٽيل نقشو آهي.“

وطن جي ياد هڪ ٻرندڙ ٽانڊي مثل آهي
جنهن تي پل تہ زماني جي گردش جي رک چڙهي وڃي
پر اُن آگ جو روح
وري وري اُن رک کي
ڦوڪ سان اُڏائي ڇڏيندو
۽ ٽانڊو پنهنجي گرمائش ۾ روشنيءَ سان
هميشہ چمڪندو رهندو.

◉

قيمت هريسنگهاڻي سنڌ گريجوئيٽس طرفان ڪوٺايل سچل ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو هو، جنهن ۾ قيمت سان گڏ پارت ڪان نارائڻ پارتي، گوبند مالهي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڪرشن کٽواڻي ۽ وينا شرنگيءَ ب شرڪت ڪئي هئي. اُن وقت منهنجن اکين جو آپريشن ٿيل هو، ان ڪري ملاقاتون اڌوريون ئي ٿيون هيون. بمبئيءَ ۾ صبح کان شام تائين قيمت ۽ منهنجون ملاقاتون ٿينديون رهيون. منهنجو دوست، جيڪو 1946ع ڌاران پونيٽ پور ۾ مونسان گڏ پڙهندو هو (جنهنجي وچڙي وڃڻ جو اڳين بابن ۾ مان ذڪر ب ڪري آيو آهيان) اُن جو نالو ب قيمت مل هو. سيمينار ۾ اسانجي وري ملڻ جو هڪ اِهو ب سبب هو جو قيمت هريسنگهاڻيءَ ۾ مونکي ان ننڍڙي فرشتي (قيمت مل) جي جهلڪ نظر ٿي آئي. قيمت مونکي ٻي ڪتاب ڏنا هئا. 'ساميءَ جي سلوڪن جو جائزو،' 'لڙڪ ۽ مرڪ' ۽ 'پنوهارن پچار' (ڪويتا). هنن ڪتابن تي لکي ڏنائين: "پرخلوص پاهوه مان منهنجي ماتر ڀوميءَ سان جند جڙيل سنڌين جي ماي ناز شاعر جناب تاجل بيوس لاءِ نذرانو" قيمت جي هنن لفظن مان پنهنجي ڌرتيءَ کان زوريءَ ڌار ڪيل هڪ حساس ۽ سجاڻ قلمڪار جي سچن جذبن، امنگن، اڌمن، اُڪير ۽ اڪنڊ جو ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو، جنهنجي سرير مان ماتر ڀوميءَ جي وڇوڙي ڪري اجان ب ڌُرڙيون ٿيون نڪرن. موهن ڪلپنا جي لفظن ۾: "ڪاش! هر ملڪ جون واڳون مائرن جي هٿ ۾ هجن." مان بمبئيءَ ۾ ئي هيس جو قيمت جا سمورا نظم پڙهي ورتا هيم. هنن نظمن ۾ 'پٽڪيل سنڌي' ۽ 'هن سائنسداني يگ ۾' مونکي لاجواب نظم لڳا هئا، جيڪي اڄ ب منهنجي ذهن ۾ گهريتڙيءَ وارا گهرڙا جوڙيو بيٺا آهن.

"JHULELAL KRIPA" 38, New Market Govindpura Bhopal- 462 023. INDIA.

هي آهي قيمت جو سرنامو. قيمت جا ٻيا ب ڪيترا ئي بامقصد ۽ آفاقي نظم آهن. ان جي باوجود ڪتاب جي ورق ورق تي ديوناگري عبارت منهنجي ڪنڌ تي ڪات ڪيرايا ها. ائين لڳو هو، ڄڻ هڪ پاسي کان سنڌ جي آڏاڻ تي اُٽيل ريشمي ڪپڙن جا ٿان اکليا پيا آهن ۽ ٻئي پاسي کان ڪو ماچيس جون تيليون ٻاري رهيو آهي.

روشنيون،' 'اندو دونهون،' 'همعصر سنڌي شعر' ۽ 'سنڌي غزل' ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

'وولگا جي ڪناري' تي سوويت لئنڊ نهرو انعام ۽ 'اندو دونهون' تي ساهت اڪيڊميءَ جو انعام ۽ ٻيا ڪيترا ئي انعام ملي چڪا اٿس. وڏو انعام پنهنجي ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ مقبوليت وارو آهي، يعني پڙهندڙن ۽ پيار ڪندڙن جو وڏو تعداد. اِهو انعام ٻه ارجن شاد کي ملي چڪو آهي. حسرت رهجي ويئي جو ماڪيءَ جهڙي مٺڙي موهني ياجائيءَ (ارجن شاد جي پتني) کان "اُها زنده رکندس ٻولي" نه ٻڌي سگهيس.

پوپٽي هيرا ننداڻيءَ هڪ لڳا هيئن چيو هو:

"شڪل شبيهه ۾ شاهاڻو، هلت چلت ۽ وهنوار ۾ شاناڻو، محبت ڪرڻ ۾ تکو ۽ ادب جي اصولن جو ڄاڻو، اُهو آهي شاد."

بمبئيءَ پهچڻ سان جنهن سڀ کان اول پنهنجي گهر ۾ گهرايو هو، اُهو ارجن شاد هو. کلڻو ملڻو، گهر سوڌو گهور ويندڙ، ٻهڪندڙ چهري وارو، سچو ئي سون، پنهنجن کي ڏسي صبح جي گلاب وانگر ٽڙي پوندڙ. اڃان ٻه سنڌ جي زمين ۾ ڪتل ارجن شاد. کيس ڏسي، جهڪي ملڻ ۾ ئي پاڻ کي ماڻائتو ۽ ڀاڳوند سمجهيم. هائو، هي اُهو ئي ته شاد هو، جيڪو آزاديءَ جي هلچل دوران سگريٽ جي دٻن ۾ گندرف پري ٻم ٺاهيندو هو، جنهن کي پوءِ ڪانياڻيءَ جي ڳوڙهي وانگي ڦيرائي، ڦيرائي سرحد پار اڇليو ويو هو ۽ پوءِ هيئن چيو هئائين:

نه زمين تي پختو آهيان
نه هوا ۾ لٽڪيل
آهيان الائي آهيان ئي ڪونه!.

اڇو ته سڀ کان پهريائين ڊاڪٽر ارجن شاد جو پتو نوٽ ڪيون.
1- سلور بيچ هائوسنگ سوسائٽي، نارٿ سائوٿ روڊ 10، پلاٽ 23، جهُو (ايس-وي- پي- ڊي) بمبئي-400049 (ڀارت).
مان ته ارجن شاد کي ڀارت جو رسول حمزو (آوار زبان جو داغستاني شاعر) سڏيندو آهيان، جنهن چيو آهي:

"ڪي ماڻهو توکي ڪينهون سمجهي، ٽُڏا ٽا هٽن، ڪي توکي
گدرو سمجهي، قارون قارون ٽا ڪن. اي ڌرتي! اڄ ته توکي
سيني سان لڳايان."

دل ٿي چوي ته سفرنامي جي بهاني رڳو ويٺو ارجن شاد جا آزاد ۽ نثري نظم لکان! اِهو ئي ته منهنجو 'سفرنامو' آهي.

ڳايان ٿو جنتا جو راڳ
مرده دل ۾ جيون ڦوڪڻ
آهي منهنجو مقصد ماڳ.

مٿينءَ قسم جي عڪاسي ۽ چٽسالي ئي آهي، جيڪا ارجن شاد کي ڀارت جي گهڻن شاعرن کان الڳ ڪري ٿي بيهاري. وطن سان پيار وارو رشتو ارجن شاد کي هر دؤر ۾ زنده رکندو. مونکي سندس سٽ سٽ مان سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ ٿي اچي. سيمينار ۾ ارجن جڏهن ڳالهائي پيو ته مونکي محسوس ٿيو هو ته لفظ ڪيلاش جي جهرڻن وانگر اچي ٿي مانسرور جي پيالي ۾ داخل ٿيا.
دل چوندي آهي ته ارجن شاد جا وينو رڳو شعر پڙهان:

زمين کي ڀاڱا ڪرڻ آسان آهي
دل کي ڀاڱا ڪرڻ سان
بجليءَ جو قهر پيدا ٿي سگهي ٿو
زلزلو برپا ٿي سگهي ٿو.

◉

پيار ڪرڻ وقت
مونکي اها خبر ٿوروئي هئي
ته مان پيار ڪري رهيو آهيان
اها خبر ته تڏهن پيئي
جڏهن مونکي توکان ڌار ڪيو ويو.

◉

زندگي پنڌ ئي پنڌ آهي
پنڌ زندگيءَ جو ٻيو نالو آهي
اهو پنڌ اُن حد تي ختم ٿئي ٿو
جتي انسان جو جيئڻ ختم ٿئي ٿو.

◉

غدار ڪير آهي؟
جيڪو پنهنجي وطن کي ياد نه ٿو ڪري
يا اُهو
جيڪو وطن کي
پنهنجي ساهه کان به وڌيڪ پيارو ٿو سمجهي

منهنجي ڄاڻ مطابق هن وقت تائين ارجن شاد جا 'آ؟ گهٽين جو ڳائيندڙ،' 'ڏاهيون ڏک ڏسن،' 'وولگا جي ڪناري،' 'بيوس ۽ نئون دؤر،' 'تپسيا جون

پهريون ڪهاڻيون ’پيل جا ڏاڪا‘ ۽ ڪونج ۾ ڇپيل ’ننگو آسمان‘ هيون.

پارڪو ٿا چون تہ شيام جئسنگهاڻي ادبي وجود Theory of absurdity مان پاتو آهي. شيام جو بہ لکيو آهي، اهو زندگي ۽ انساني فطرت مان جُڙيل ٿو لڳي. مون تہ سندس ڪهاڻين تي ڪيرت ٻاٻاڻي، لعل پشپ ۽ گُني سامتاڻيءَ جهڙن سڄاڻ ۽ اڪابرن کي گفتگو ڪندي بہ پڙهيو آهي.

شيام ٻڌايو تہ هو بلوچستان جي ڪوئيٽا شهر ۾ 1937ع ۾ پيدا ٿيو هو. هن سفرنامي جو ڪوبہ پڙهندڙ جيڪڏهن شيام جئسنگهاڻيءَ کي خط پٽ لکي تہ سندس پتو هن طرح آهي: 8 ڪمل ڦول ٽَنوسائٽي، ڪليڪٽرس ڪالوني، چمبور بمبئي- 074 400 ڀارت.

منهنجي ڄاڻ موجب هن وقت تائين شيام جا نو (9) ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن، جي هن ريت آهن: ننگو آسمان، ٽونگو، ڪچا ڏاڪا، ڪاهيءَ جي چؤطرف، نوان افق، ڪنڌهر، افق جي دوري، وڇوڙيون ۽ هڪ ٻيو ڏينهن. تازو شيام کي ’هڪ ٻيو ڏينهن‘ (ڪهاڻيون) تي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو انعام بہ مليو آهي، جنهن لاءِ شيام سان گڏ ڪرن ڀاپيءَ بہ ڪيرون لهڻيون.

هري موٽواڻيءَ سگهڙ ۽ پڪوڙن مٿان چانهه جو ڪوپ پياريندي، اُستاد ڏياريو ته سياڻي سندس ننڍي ڀاءُ، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ڪلا پرڪاش وٽ هلڻ سان گڏ **شيام جئسنگهاڻيءَ** جي گهر به هلنداسون. مون کيس چيو ته هري! اُهو سياڻو اڄ نٿو ٿي سگهي؟ هريءَ وراڻيو هو ته فلمي ڊائلاگ هيري ۽ هيروئن وانگر ٿي سڻيا لڳندا آهن. هريءَ ماڻي ۽ دڪدائڪ لهجي ۾ اهو به ٻڌايو ته شيام جي گهر واري ۽ خود شيام اڄ ڪلهه ناچاڪ ٿا رهن.

شيام جو گهر چمبور بستيءَ جي ڪليڪٽرس ڪالونيءَ ۾ واقع آهي. سيان ۾ هري موٽواڻيءَ جي ڀاءُ **آسنداس** سان ملي، اسان چمبور روانا ٿياسون. آسنداس جي گهر پهچي معلوم ٿيو ته ڀارت جو سنڌي باشندو اديب نه هئڻ جي باوجود به سنڌ ڪان آيل مهمانن کي پنهنجو سمجهي گهر ۾ ٿو وهاري، جنهن جا سبب ڏرتيءَ جو رشتو، تعليم ۽ سماج جا نوان قدر ٿي سگهن ٿا. سنڌ ۾ مير، پير ۽ وڏيرا (خاص ڪري ڳوٺن ۾ رهندڙ) اڃان سوڌو چادر ۽ چار ديواريءَ تي عمل ٿا ڪن، جيڪا معاشي ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. آسنداس وٽ اسان منجهند جي ماني به کاڌي. اسان جڏهن آسنداس جي گهر ۾ پير پاتو ته هُو به ماني کائي رهيو هو.

شيام جي گهر ۾ پير پائڻ سان معلوم ٿيو ته شيام نه رڳو ڪهاڻيڪار ۽ شاعر آهي، پر اُن سان گڏ سٺو آرٽسٽ ۽ فوٽو گرافر به آهي. اسان جي ڪِرن ڀاڀي (شيام جئسنگهاڻيءَ جي گهر واري) حال اوريندي، ٻڌايو ته "ادا تاجل! منهنجا پيڪا اسپتالون آهن. نياڻيون پيڪن مان گهڻو ڪجهه کڻي اينديون آهن، پر مان پيڪن (اسپتالن) کي هر دفعي ڏئي ئي ايندي آهيان. سرير ڍلو، نبل ۽ اباڻڪو ٿو رهي. سرير جي ڍلائيءَ سنڌ سنڌ ڇڪنا چور ڪري ڇڏيو آهي." ڪرن ڀاڀيءَ جي ٻولي ٻُڌي مون محسوس ڪيو ته سنڌ جي مٽي ۽ پاڻيءَ مان جڙيل دلين تي زماني جي گردش جي ڪٽ چڙهڻي ئي ناهي. سنڌ- جايا ڪٿي به رهن. هو ايندي ويندي کي ڊاک جا ڇڳا، جهرڻن جي شفاف ۽ جرڪندڙ پاڻيءَ جا وٽا ڀري آڇيندا ئي رهندا.

شيام گهڻ- پاسائين شخصيت آهي. جيڪو ڪهاڻيڪار، ناول نويس، شاعر ۽ ناٽڪ نويس به آهي. شيام ادبي زندگي ڪهاڻين لکڻ کان شروع ڪئي. سندس

مونکي ھدايو ويو تہ اتم ۾ سندريءَ پنھنجن ھن ڏيئرن آشا ۽ بينا کي سنڌيءَ ۾ گريجوئيٽس تہ ڪرائي، پر روايتن کي ٽوڙيندي، ڪين نرت (رقص) بہ سيکاريائون. اُتم جي رفيق حيات سندري اُتمچنداڻيءَ کي ادب ۾ 'خاتونِ اول' جو اعزاز حاصل آھي.

اُتم جي ادبي زندگيءَ کي جاچبو تہ اتم ڪڏھن ڪاليجي مخزن 'قليلي' نئين دنيا، سنڌو- ڌارا، سنڌ سماچار ۽ سنڌو سنسار جو مک ايڊيٽر نظر ايندو تہ ڪڏھن استاد اڳيان شاگرد وانگي لفافن تي ائڊريسون ويٺو لکندو. اُتم جي اِھا عظمت آھي. سنڌ- ماتا جي پيٽل ڪير ملھائڻ لاءِ اُتم جي اِھا جس جوڳي جاکوڙ آھي. موھن ڪلپنا جي لفظن ۾ تہ اتم منھن تي وڃائي ڪيندڙ ۽ نان- ڊپلوميٽ ھئڻ ڪري گھٽ پسند ايندڙ شخص آھي ۽ پوءِ بہ مان چوندس تہ اُتم فرد نہ، پر ماڻھن جو انبوھ آھي، ھڪ يونين آھي، پلي ڪو ڪيس شيرِ ڪشمير جي حوالي سان شيرِ ادب سڏي، اُن ۾ پنھنجو ڇا!

لُڪُون لَڪَ لِڳامِ لهس نہ آئي لِنڱَ ڪي.

اي، جي اتم

اُتم جي نياٽي آشا چاند پنهنجي گهر ۾ مون سان هڪ ننڍڙي شام ملهائي هئي، جنهن ۾ نئين ٽهيءَ جي گهڻو اڳتي وڌي آيل ٻن فنڪارن، گهنشام واسواڻي ۽ ڪاجل ڪيولراماڻيءَ کي بہ گهرايو ويو هو. هڪ طرف ڪان گدي مٿان پٿاريل چادر تي اي- جي اُتم ۽ سندري ويٺي هئي ۽ سامهون هارمونيم جي اڳيان گهنشام واسواڻي ۽ ڪاجل جي مڌر آواز ۾ مان گم هئس. گهنشام جي ڳلي مان لڳو هو ڄڻ اسانجو يوسف ڳائي رهيو هجي. ڪاجل جي آواز ٻڌڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيو هو تہ ننڍڙي عابده پروين ڳائي رهي هئي. آشا چاند جي غزل ٻڌڻ وقت (جيتوڻيڪ پاڻ هارمونيم وڄائي راڳ ڳائڻ لاءِ آشا کي اڃا بہ سکيا ۽ ڪجهہ رياض جي ضرورت هئي) اُتم مونکي ڪارونجهر لڳو هو، جنهن جي دامن ۾ وسڪاري ڪانپوءِ مور اُڏامي رهيا هئا ۽ سندري لڪيءَ جئي سرزمين، جنهن مان ڪيئي چشما ڦٽي پيا هئا.

اي- جي اُتم اشتراڪي نظريو کڻي اڳتي وڌيو ۽ هن وقت ترقي پسند نظريي جو قداور نقاد آهي. مون ڏٺو آهي تہ جنهن بہ اديب جو داس ڪئپيٽل ۽ ڪميونسٽ مئنيفيسٽو پڙهيل آهي، اُهو تنقيد جي دنيا ۾ ڪُنڊن ڪنارن ڪان وٺي پاتال تائين پهچي ٿو وڃي، ڇو تہ هنن ٻن دستاويزن کي ڊائجسٽ ڪرڻ لاءِ دل گردو ٿو کپي، جنهن لاءِ اڳ ۾ ئي عالم ۽ اڪابر هجڻ لازمي آهي. اُتم اهڙن سرواڻ نقادن منجهان هڪ آهي. ڀارت ۾ سنڌيءَ کي جوڳو مقام ڏيارڻ لاءِ اُتم ٻئنچن ڪٽائڻ ڪان وٺي اڻ ڏٺل شهرن ۾ وڃي خيمن کوڙائڻ تائين جاکوڙيو آهي. هند ۾ جڏهن ٻوليوار پرڳڻا جوڙيا ويا هئا ۽ اُتم جي بدلي بمبئي سيڪريٽريٽ مان احمد آباد ڪئي وئي هئي تہ اُتم نوڪري ڇڏي ڏني هئي، پر ادب ۽ ٻوليءَ جي مهنداري نہ ڇڏي هئائين. منهنجي ڄاڻ مطابق ترقي پسند ۽ اشتراڪي ادب ڪان وٺي سوويت لئنڊ نهرو امن انعام تائين اي- جي اُتم ڪيئي انعام حاصل ڪري چڪو آهي. هن وقت اُتم جو نالو ئي سنڌي ادب ۽ اسان سنڌ ۽ ڀارت جي اديبن لاءِ 'انعام' جي حيثيت ٿو رکي.

تائين هن اِهو ٻڌو هو تہ شاعري جزو است از پيغبري يعني شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي. تاجل جي ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ چوٽو ٿو پوي! "پيغمبري جزو است از شاعري" اُهي ساڳيا ئي سراج جا لفظ برلن جي ديوار ٽٽڻ ڪانپوءِ مان موهن ڪلپنا ڏانهن منسوب ٿو ڪيان، جيڪو ثابت ٿو ڪري تہ سچاڻ اديب مستقبل ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ واردائن ڪان وقت جي حاڪم ڪان اڳ آگاهي ڏيندا آهن. موهن چوندو آهي تہ دنيا ۾ فقط ٻن قسمن جا وڏا ماڻهو ٿيندا آهن. هڪڙا وگياني ۽ ٻيا ڪلاڪار. مان ٿو چوان تہ موهن ڪلپنا ۾ موهن جو دڙو زندگيءَ جون ٻہ وڏيون وٿون آهن. هونءَ بہ دنيا وارا چون پيا تہ سپت- سندو ۽ ويدن واري سنڌ جي تهذيب عراق ۽ مصر جي تهذيبن جي ماءُ آهي. اسانجي هڪ مسلمان اديب تڏهن تہ چيو هو تہ اسان مسلمان جڏهن بت تراشيءَ کي گناهہ نہ سمجهنداسون، ان وقت سڀ ڪان پهريون جيڪو بت تراشيو ويندو، اُهو موهن ڪلپنا جو بت هوندو.

مان پاڻ کي اُنهن ئي پيچرن تي هلندي محسوس ڪندو آهيان، جن پيچرن تي هلندي، موهن جي پيرن ۾ ڪنڊا لڳا هئا. جيئن علي بابا ۽ ماڻڪ جي ڪهاڻين پڙهڻ ڪانپوءِ هي ٻئي اديب موهن کي ذات ڀائي لڳندا آهن، تيئن موهن ۽ مان بہ هڪ ئي سفر جا سيلاني آهيون.

بمبئيءَ ۽ الهاس نگر ۾ مون جاچي ڏٺو تہ موهن ڪلپنا ۽ منهنجي زندگيءَ جون گهڻيون ڪُنڊون ۽ پاسا هڪجهڙا آهن. موهن جي زندگيءَ ۾ هڪ اهڙو موڙ بہ آيو آهي، جڏهن موهن کي هر خميس تي اوتارا ايندا هئا. موهن وهمن ۾ وڪوڙجي ويندو هو ۽ اکين ۾ ڏنڌ ڦهلجڻ لڳندو هئس. ننڍي هوندي ڪيترن مهينن تائين مونکي بہ هر خميس رات ٻيجو ٿيندو هو. چوندا هئا تہ پناهہ خاتونءَ جي پٽ کي جِنڙي ٿي آهي. هن حالت ۾ جهڙو تهڙو پڪڙي مونکي قبضي ۾ نہ ڪري سگهندو هو. هڪ دفعي اَڌيءَ رات جو نانيءَ جو بسترو ڇڏي دانهون ڪندو مان پير نالي ڇگّي جي قبرستان ڏانهن روانو ٿيو هئس، جيڪو اسانجي ڳوٺ ڪان ميل ڪن پنڌ تي واقع آهي. وڏو ڀاءُ مونکي وڏي جدوجهد ڪانپوءِ فرلانگ ڪن پنڌ تان موٽائي آيو هو. موهن هڪ ڀائيءَ ۾ ٿي پوريون ۽ دال وٺندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پائي ڏئي ساڌ هيلي ۾ ٻوڙو ۽ چٽني وٺندو هو ۽ چٽن ۾ لوڻ مرچ ملائي مانيءَ سان کائيندو هو. ٻوهي منگڻ ۽ ڳڙ تي بہ گذارو ڪندو هو. 1946ع ۾ بابي جي لاڏاڻي ڪانپوءِ اسڪول ڪان موٽندي، يا واڙي ۾ مينهن جو وڳ واڙيندي، مان بہ جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا ڍوڍا ڳڙ سان کائيندو هئس. ڳاڙها مرچ تسري ۾ وجهي، ٿورو پاڻي ملائي جوئر جي ماني کائي ويندو هئس. ٻر واري سرنهن جي کيت مان جانبي جا بہ پن پٽي، يا واڙيءَ مان سائو مرچ پٽي ٻاجهريءَ جي ماني کائي وڃڻ ۾ منهنجي زندگيءَ جون ڪيئي شامون گذريون آهن. والي بال گرائونڊ ۾ وچايل ٻيانيءَ کي موهن ڪيئي مهينا ڳوليندو رهيو هو. اسان بہ ڳوٺ واري کُهيءَ جي آهڙ ۽ نِڪ مان هٿوراڙيون هٽي

هڪ رانجهو لڪان دي مٽ

موهن ڪلپنا

هلندي سيمينار ۾ منجهند جي روٽي- ماٽيءَ جو وقفو آيو. ٿالهيءَ ۾ پاپڙ وجهي، سڌو وڃي پانداريءَ (خانسامان) مٿان بيٺس. چيم: هر ڪو ڏاروُن ڏار. ڏٺم ته پنڊال مان جيڪو نڪتو ٿي، سو ٿالهي ۽ پليٽ هٿ ۾ جهلي وڃي ٿي قطار ۾ بيٺو. اديبن، شاعرن ۽ پارڪن جي ميڙاڪي ۾ ان قسم جو نظم ضبط ڏسي، دل باغ بهار ٿيڻ لڳي. مان به هيڏي هوڏي لوٽا ڦيري وڃي قطار ۾ بيٺس. هڪ ميزبان قطار مان ڪڍي مونکي خانسامان وٽ وٺي آيو. ٿالهيءَ ۾ تيوڻ، پاپڙ، پڪوڙا، چانور، دال ۽ چٽني وجهي ماڻهن جي انبوهه مان ٻاهر نڪتس ته سامهون موهن ڪلپنا هٿ ۾ ٿالهي طعامن جي جهليو بيٺو هو. ٿالهيون هنج ۾ رکي بالم بڻجي بنئي پٽ تي ويهي رهياسون.

موهن جو چهرو ڏسي، مونکي پهريون دفعو احساس ٿيو ته مُرڪن کي به پنهنجو دائرو ۽ جسم (FORM) ٿيندو آهي. درياءَ جي لهُرن جيان مرڪون لهنديون چڙهنديون به آهن. چهرو ئي مرڪن جو ٿيهل. هر ريکا، هر لڪير مرڪن- مالها، چپ بند، ڳالهائڻ بند پوءِ به مرڪون ئي مرڪون. مُرڪن جا ميلا. چولين جو اُتار ۽ چڙهاءُ. جڻ ساڌ ٻيلي کان سنڌوءَ جي اُٿل پُٿل. موهن جهڙو مُرڪڻو، دک سک ۾ مرڪن سان سجايل چهرو، جڻ مون پهريون دفعو ڏٺو هجي. موهن جهڙا مرڪڻا ادبي دوست هوڻ ءَ به منهنجي ڪمزوري رهيا آهن. سنڌ ۾ نئين ٿهيءَ جو ڪالم نويس، نقاد ۽ صحافي انعام شيخ به چهري تي ساڳيون مُوهن ڪلپنا واريون مرڪون سجايون دوستن جون دليون ڦاسائيندو وتندو آهي.

موهن ڪلپنا تي ٿورو گهڻو پڙهيو هئم ۽ بمبئيءَ جي نجي ڪچهرين ۾ به سندس باري ۾ نيون رمزون ۽ نوان رايا معلوم ٿيا هئا. پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر جي پٽ تي ويٺل هي اهو ساڳو ئي موهن هو، جنهن طبقاتي معاشري تي گند جو ٿوڪرو اڇليندي، چيو هو: ”هن جرمنين جي وچ ۾ ديوار ڇو آهي؟“ اڄ اُها ديوار ڪري چڪي آهي. 1983ع ۾ منهنجي ڪتاب ”جڏهن پونءَ بٺي“ جي مهورت واري موقعي تي سنڌي زبان جي اعليٰ اديب سراج ميمڻ چيو هو ته هن وقت

سَون جي رنگ جهڙو- موتي پرڪاش

”پيچاري واهه جي ڪنڌيءَ تي منهنجو ننڍڙو ڳوٺ ڏڙو دنيا جي نقشي تي هڪ ٻُڙيءَ جي حيثيت به نه ٿو رکي. نه اُن جي هوا ۾ عطر جي خوشبوءِ آهي ۽ نه اُن جي کوهه ۽ واهه جي پاڻيءَ ۾ امرت اوتيل آهي، نه اُن جون گهٽيون ڪشاديون ۽ صاف سٿريون آهن ۽ نه اُن جي اڪ يا ٻٻر جي وڻن ۾ رنگا رنگي گل آهن. پوءِ به ڄاڻان نٿو ته اُهو منهنجو ڳوٺ آهي، اُها منهنجي مٽي آهي، اُها منهنجي هوا آهي ۽ اُهي منهنجا وڻ آهن.“

اهي مٺيان لفظ نه، پر موتي پرڪاش جي يادگيرين جا قافلا آهن، جيڪي سنڌ جي ننڍڙي ڳوٺ ڏڙي کان روانا ٿين ٿا، سرحد اورانگهي وري به ڏڙي ڏانهن ئي موٽ ٿا کائين. تنوير عباسيءَ ’چنڊ به ٽڪر‘ ۾ تڏهن ته لکيو هو... ائين ٿو لڳي ته اُن سفرنامي (سي سي سانديم ساهه سين) جي هر صفحي تي موتيءَ جي چيهون چيهون ٿيل دل جون چيٽيون آهن، جڏهن اِن ۾ لکيل هر لفظ سندس دل جي رت سان رڱيل آهي.

موتيءَ جا ۽ موتيءَ بابت اِهي مٺيان لفظ اڄ به منهنجيءَ دل تي اُڪريا پيا آهن. 1983 ۾ راڳ جي راڻي عابده پروين هٿان موڪليل سندس ڪتاب ”چٽنگ وچ چولي“ ۾ موتيءَ جون وايون پڙهي، فخر ڪرڻ لڳو هئس:

منڊون موتي آئيون
پڪا وڻ ٻير
موتي ايندو مون گهرين.

نڪاتڻ تاريخ
عشق اٿاريم اوچتو.

هڪ دوست مونکي اسلام آباد ۾ اخبار جي ڪٽنگ ڏياري موڪلي هئي، جنهن ۾ موتيءَ جي سنڌ اچڻ جو ذڪر ٿيل هو. لکيل هو: ”ڪاش! تاجل سان به ملي سگهان ها.“ انڪانسواءِ شيخ غلام حسين ۽ عابده پروين جي زبانيءَ هر دفعي موتي پرڪاش جا نوان نڪور احوال ٻڌي، موتيءَ کي ڏسڻ جي خواهش عشق کان جنون تائين وڃي پهتي هئي. اها ازل جي اڄ مون سيتا سنڌو پون وڃي ٻجهائي.

ڇهري تي ٻارڙي واري معصوميت، سون جهڙي رنگ وارو موتي پرڪاش. تڏهن

تڪا ۽ پئسا ڳولهيندا هئاسون. رستي جي بجليءَ تي پڙهي، موهن ڪلپنا مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ مون ڏئي جي وڌ سوريندي، مئٽرڪ پاس ڪئي. ڪڏهن ته چنڊ جي روشنيءَ تي به اِنڊا پرينڊو هئس. موهن کي هڪ دوست پندرهن روپيا ڏنا هئا، پر موٽائي نه سگهيو. مون تي به اسانجي هڪ ويجهي عزيز جو قرض آهي، جيڪو هن وقت مري چڪو آهي، سوچيو ٿم ته قرض جي پئسن کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهوڻو ڪري، ان مائٽ جي زال کي ادا ڪري ڇڏيان. ٽن سالن جي وقفي ڪانپوءِ جڏهن ٻيهر پڙهڻ ويٺو هئس ته پنهنجي دوست علي نواز سيال (ڳوٺ نئون ڳوٺ پنهاٽو) کان اٺ آنا اڌارا ورتا هئم. اهو زمانو 52-1951 وارو هو. 1986 ۾ مون پنهنجي گهر واريءَ جي هٿان ڪيس ۽ سندس زال ڏي ايترين ته سوکڙيون موڪليون هيون جو هاڻي اهو اٺن آنن وارو قرض لهي وڃڻ گهرجي.

رام پنجواڻي هال ۾ ئي هئاسون جو جئوير اچي چيو ته موهن ڪلپنا چيو آهي ته تاجل کي وٺي الهاس نگر پهچو. ڪيس چيم ته ڪپڙن جي هڪ جوڙي ۾ آهيان، اڪين جا ٻوڙا به هوٽل ۾ پيا آهن، هوٽل مان سامان سڙو ڪٽي، هوٽل نتراج جي آجياڻي ۾ شريڪ ٿي، هليا هلنداسون. جيئن ته الهاس نگر بمبئيءَ کان ڪافي دور آهي، ان ڪري ڪمهلو وٺي وڃڻ جئوير مناسب نه سمجهيو. مان جئوير جو ٿورائتو آهيان، جنهن الهاس نگر وٺي وڃڻ جي مونکي آڇ ڪئي هئي. مون ڏٺو ته هري موٽواڻي ۽ جئوير پارت ۾ رهندڙ چند اُنهن دوستن مان آهن، جيڪي سنڌ جي اديبن کي هڙؤن وڙئون خرچ ڪري، ڏسڻ جهڙيون جڳهون ڏيکاري، ٻانهون ڦهلائي ڀليڪار ڪري، ڪين روانو ڪندا آهن.

ڪاش، ڪو اُهي پَل ۽ پَهَرَ موٽائي ڏئي!

جيوت چاولا 1932ع ۾ راڻي پور ۾ ڄائو. خاص ڪري ڪهاڻيون لکندو رهيو آهي. ٻين کي ڪتابن ڇپائڻ ۾ بہ مدد ڪندو آهي، باقي سندس ڪتاب شايد ڪو ٻيو ئي ڇپائيندو. سنڌ وارن سان پريمُ ڪري ڄاڻي. سندس گهر ۾ ٿيل ڪچهرين دؤران تہ ڪتاب ڏيندو رهيو، پر اِهو سلسلو اڄ سوڌو جاري رکيو پيو اچي. هر دفعي پارت ۾ ڇپيل نئين نڪور ڪتاب جو درشن ڪرائي، منهنجن اکين کي رؤنق ۽ شعور کي زرخيزي بخشڻ وارو جيوت چاولا وڻ وانگر شال ڪڙو ترو رهي! سندس سرنامو آهي: (102- Mahesh, 5th Road, Khar Bombay- 400 052 (INDIA.

تازو وٺائونس جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ جو لکيل ڪتاب نانڪ يوسف، نند جويريءَ جي شاعريءَ جو مجموعو ڇؤواٽي تي. موتيرام ايس. رامواڻيءَ جو وحدت سندا واڪ ۽ پوپٽي هيراننداڻيءَ جو ڪتاب سنڌوءَ ڪان گنگا جمنا پهتل آهن. جيوت جو پيار، ڪملا چاولا جون آسيسون ۽ پونم جي جل جهڙي پوتر معصوميت ساهہ ۾ سانڍي رکي اٿم. سَرن جا پاند نسري پيا ها، ڪٽڇن گيت ڳائي چٽ پچڻ جو اعلان ڪيو هو، اتر جي اوت ڪانپوءِ مِٽيءَ مان پني خوشبوءِ آئي هئي، منڇر جي ڪنارن تي ڪنول ٽڙيا ها، سرنهن جي ڦولار کي ڳوٺاڻين معنيٰ بخشي هئي، اسانجي ذهنن ۾ مينديءَ جا ٻوٽا ڦٽا ها، جڏهن ڪملا جي گهر ۾ جيوت، موتيرام نرمل ۽ تاجل ڇؤياري ڪئي هئي ۽ معصوم پونم جي معصوم چپڙن مان ٽهڪڙن جا گل ڇڻيا ها. ڪاش! ڪو اُهي پل، اُهي پَهَرَ موٽائي ڏئي تہ مٽس زندگيءَ پر جون تخليقون گهوري ڇڏيان.

تہ سنڌ جي مٽي سونُ اُپائيندي آهي. امان سانئڻ ڏسيس ها تہ گورو سڏيس ها. ننهن کان چوٽيءَ تائين ٺاڪر چاولا جي سيمينار سان سلهاڙيل موتي پرڪاش.

دل ۾ حسرت رهجي ويئي، جو موتي پرڪاش سان ڪا نويڪلي روح رهاڻ نہ ٿي سگهي. پنهنجو درشن سيمينار ۽ مشاعري تائين محدود رهيو. پوءِ بہ جو ڪجھ ٿيو، خوب ٿيو، لڪ ٿيو. اڻ ٿيٽي، ٿي پوي تہ باقي ڇا ڪپي. 5- نومبر 1990ع جي لهندڙ سج تائين منهنجي ڄاڻ مطابق (1) آءُ تہ چوريون چنگ (2) ڏٺي ڏينهن ٿيام (3) اندر سيڪريٽري (4) پردي اڳيان پردي پٺيان (5) انڌيرو اجالو (6) چٽنگ وچ چولي ۾ (7) سي سپ سانديم ساهہ سين، موتي پرڪاش جون تخليقون اسان جي هٿن تائين پهتيون آهن. سنڌ- ڌرتيءَ تي ڄاول ۽ نپنيل هن ڏاهي ۽ سڄاڻ شاعر جو سرنامو اجهو هن ريت آهي:

پرنسپال، انڊين هاءِ اسڪول، پوسٽ باڪس 106، دبئي (UAE).

آهي. الائي تہ چو ٽائيٽل ڪور ڪي هري ڪا شڪل يا بزائين نہ ڏٺي سگهيو آهي ۽ نہ وري ڪو چرڪائيندڙ ساهتي چٽُ. اندرين صفحن تي ادبي وکر ۽ ورجيسون پلئون پل، ٻاهر نہ چِٽُ نہ چسڪو. سرير جي سونهن ۽ جسماني قدبت کي هار سينگار لٽو لباس وڌيڪ زيبائتو ۽ جاذب نظر بڻائيندو آهي. هريءَ کي هِن طرف توجهہ ڏيڻ گهرجي.

اسانجي واپسيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ هري مونکي ۽ طارق کي فلورا فائونٽين مارڪيٽ وٺي ويو. جتان ٻارڙن لاءِ کدر جو ڪپڙو ۽ هن واسڪوٽ لاءِ سلڪ ورتم. هڪ پاڻ لاءِ بہ هڪ دلگهرئي دوست لاءِ. ان وچ ۾ هڪ بزرگ دوست ثقافت ۽ سياحت تي وڏي وزير جو صلاحڪار مقرر ٿي چڪو هو. مون پنهنجي دلگهرئي دوست جي واسڪوٽيءَ نين جو ڪپڙو صلاحڪار صاحب کي ڏئي ڇڏيو.

ڪجهہ رسمي طور ۽ ڪجهہ ان دم دلاسي تي تہ ٻارنهن (12) ٻارن جو پيءُ آهيان. اسڪولن ڪاليجن ۾ ٻارن جون داخلائون بہ ڪرائيٽون آهن تہ ٻارن کي نوڪرين سان بہ لڳائٽو آهي. هن اچي مٿي واري صلاحڪار دوست ۾ هن قسم جي اميد رکڻ منهنجي خام خيالي هئي، جو نہ ڪنهن ٻارڙي کي داخلا ڏيارينائين ۽ نہ وري ڪا هلڪي ڦلڪي نوڪري ئي ملي سگهي.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ 1980ع تائين هريءَ جو فقط هڪڙو ڪهاڻين "جو مجموعو 'هڪ لهر' جي نالي سان ڇپيو هو. هاڻي تہ اُن لهر مان ڪيئي لهرون اٿيون آهن. ڌرتي، ابو، اجهو، جڙيل جن سان جند، خوددار، هري موٽوانيءَ جي تخليق ٿيل ڪتابن جا نالا آهن. هريءَ تخليقن جي جڻ تہ ديگ چاڙهي ڇڏي آهي. پڪڻ لاهہ تہ طعام تيار.

ماڪ جا قطرا، سزا، چٽ مان ٽيڪيل هڪ بوند، ڌرتي ۽ هڪ پٿر وچ سڙڪ تي هريءَ جون بهترين ڪهاڻيون آهن. هريءَ جي لکڻين ۾، خاص ڪري ڪهاڻين جا ڊائلاگ بہ ڏاڍا اثرائتا ۽ وزن قدرن وارا هوندا آهن. هريءَ جي مشاهداتي جملن ۾ بہ ڀانت ڀانت جا رنگ نکريل هوندا آهن. سندس سفرنامي جا ڪيترائي جملا، محاورا ۽ مشاهداتي چٽ نوٽ ڪرڻ جهڙا آهن. خط لکي، ڪا فرمائش ڪيس تہ اجهو هيءُ سندس پتو آهي:

Shri Hari Motwani, Koonj, 4, Great Western Building, S. Bhagatsingh Marg, Bombay- 400 023 (INDIA).

پَٽ جي ٽِڪين ۽ ٻهن جي پون ۽ لاڙڪاڻي ۾ جنم وٺندڙ هري موٽواڻي

چار سال کن اڳ آفيس ۾ ويٺو هئس، جو طارق اشرف آيو ۽ چيائين: ”تاجل! هي ٽئي هري موٽواڻي، جنهنجي باري ۾ توسان قصا ڪهاڻيون ڪندو رهندو آهيان.“ مان نِوڙي، هريءَ کي هانءَ جي گهيري ۾ آڻي وڏي ادب ۽ احترام سان مليو هئس. جهڙا سندس وار اڇا، اهڙو ئي ڪڙتو ۽ شلوار پاتل. سندس ڳٽن تي لاڙڪاڻي جي مٽيءَ جا چاٽا چلڪي رهيا هئا. اهو ساڳو ئي هري مون سيتا سنڌو پون ۾ وچي ڏٺو جيڪو موتيءَ پرڪاش، ارجن شاد، ۽ شوبا رائچنداڻيءَ وانگر سيمينار سان واڳيل هو. ٺاڪر چاولا جا ساٿي، سنڌو پون جي ڪلا- گهر جا سيواڪر هانهن هيلي.

ٽن ڏهاڙن واري ميڙاڪي ڪانپوءِ هوٽل مان لڏو پٽي، مان به طارق اشرف وانگي وچي هري موٽواڻيءَ وٽ رهيس. هري پنهنجن ٻن پٽن، نُهرن، پوٽن ۽ پوٽين سان گڏ صاف سٿري ماحول ۾ شهيد ڀڳت سنگهه روڊ تي واقع گريٽ وسٽرن بلڊنگ جي ٻيءَ منزل تي رهندو آهي. سندس والد نارائڻ سنگهه به ساڻس گڏ رهندو آهي،

جيڪو ورهاڱي کان اڳ لقمان (خيرپور) جو رهواسي هو ۽ پوءِ لڏي وچي لاڙڪاڻي ويٺو. نارائڻ سنگهه جو اصل نالو پنجومل هو. جڏهن سک مذهب اختيار ڪيائين ته نالو رکايائين نارائڻ سنگهه. هن وقت پيءُ- پٽ پنهنجن پوٽن ۽ پڙ پوٽن سميت پاڻ ۾ ڏاڍو ريان ڪنيان آهن.

نارائڻ سنگهه مونکي پر ۾ وهاري، جهيڻي آواز ۾ ڏاڍا سهڻا نڪتا سليندو هو. ٻڌايائين ته گرو نانڪ ستو پيو هو جو اوچتو الوپ ٿي ويو. هندو ۽ مسلمان چادر تي وڙهي پيا. امن ۽ آشتيءَ جو مظاهرو ڪندي، اڌ چادر مسلمانن کنئي ۽ اڌ هندن. مسلمانن وچي سماڌي جوڙي ۽ هندن اڌ چادر جو چڪيا تي جلائي ڇڏيو. نارائڻ سنگهه جي عمر نوي سالن کان ٽپي چڪي آهي. اسر ڏئي اُٿندو آهي. پاڻ پوڄا ڪانپوءِ ڏٿيءَ در سوالي ٿي، جڳ جو خير گهُري، اڇي ڪٽ تي وهندو آهي.

هري موٽواڻي پابنديءَ سان ماهوار 'ڪونج' رسالو ڪڍندو رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪونج جو ٽائيٽل ڪور ڀُسو ڏسي، هريءَ ۽ سندس تجربي تي مڪل ايندي

الهاس نگر تي سج ايرڻ جا نظارا پيو ڏسان... ڪ رات ڏکڻ جي هير سان مخاطب ٿي ڪيس چيم: ”اي هوا! هو ڏس ڪيرت جي منهن تي پڳهر- ڦڙا. وڃ، سندس سرير کي ڇهي، ڪيس ماڪ- ڀني رابيل واري تازگي بخشي اچ، جيئن تازين رچنائن جو گلاب مهڪي پوي، ٽڙي پوي... ڏسان ٿو ته پوپٽي هيرا نندائي اسپتال مان خوش ۽ تازي تواني ٿي، گهر موٽي آئي آهي. بنارسي ساڙهيءَ ۾ لپيٽيل پوپٽي سنڌ- سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اِجهو موهن جي دڙي تي اچي لٿي آهي. هاٿي ته ڪلا منهنجي پيڻ، ۽ سندري به موهن جي دڙي مان لڌل سنڌيءَ جي قديم لپيءَ کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ ۾ گم آهن... گانڌي ڏام ڪان لگهندڙ سنڌ جون هوائون شال! گانڌي ڏام جي سنڌياڻين جون سينڌيون ڇهُن، جيئن سنڌ جا ماٿهو پنهنجن پيئرن جا مٿا چُمندا آهن... اي گنگا! هيري نـڪر کي ڏسين ته لهرين کي حڪم ڪجانءِ ته ڳاٽ اوچو ڪري ڪيس پرنام ڪن. قاضي قادن، ڄام نندي جي مقبري جي ڇانوَ ۾ راجا رام شاستريءَ سان گڏ ”سنتون ڪي واڻي“ واري گرنٿ جا ورق ورائي پنهنجا گم ٿيل بيت پڙهي رهيو آهي:

ڪڏهين هيري هُوَر- ڪڏهين ڦَلُ نه هڪڙو
ڪڏهين پريان جا پُوَر- ڪڏهين سڪان سڏڪي

سَرَ هيڪڙي وسن- جَرَ ۾ نينهن نه گڏيو
سارَ نه سالُورن- مٿي ڪنول ڦلاريو!

نٽي نگر جا ماٿهو هٿن ۾ هار جهليو، هيري نـڪر جو انتظار ڪري رهيا آهن... ڏسان پيو ته شوپيا ۽ رام جي پرسان امريتا ۽ آنند هالن جي هندوري ۾ لڏي رهيا آهن... موهن ڪلپنا ڪيرت ٻاٻاٽي، اي- جي اُتم ۽ گوبند مالهي سرحد جي هُن پار سنڌ ڏي اشارا ڪري چئي رهيا آهن: ”اسانجو اُهو ديس آهي، جتي صبح جَو ننڊ مان اُٿي واهيءَ مان به ليون پاٽيءَ جون هٽي، اسان پنهنجا منهن ڌوئيندا هئاسون. هاٿي جنهن وقت بليد جا ڇهڪ ڏئي، آسمان کي ڪير- ٿر وٿان رتو ڇاڻ ڪيو ٿو وڃي، اُن وقت سنڌ ۾ سانجهي ٿي ٿئي... اسان اُن ديس جا رهواسي آهيون، جتي ڏئين جون وٿيون سوري، اسان پنهنجا گهر روشن ڪندا هئاسون، ۽ هر صبح، اسان جي ڏيئن مان سج اُڀري پوندو هو.“


وڇوڙي جو واءُ

سيمينار، مشاعري ۽ آجياڻن ڪانپوءِ مونکي دهليءَ اسهڻو هو. جتان آگرو ۽ اجمير گهمي، دهليءَ کان سنڌ موٽڻو هو. دهلي، آگري ۽ اجمير گهمڻ جي آس دل ۾ ئي رهجي وئي! هنن شهرن ڏسڻ کان وڌيڪ آنسون، اميدون اُنهن سنڌين، سنڌياڻين، ٻارڙن، ٻيڙن ۽ نياڻين کي ڏسڻ پسڻ جون هيون، جن لاءِ سالن کان اندر ئي اندر ۾ سڪ جي ساگر ڇوليون ماري، نيڻن جي نند ڦٽائي ڇڏي هئي. لڇمڻ ڪومل ۽ هيري ٺڪر ته بمبئيءَ ۾ ئي ٻانهن جا هار پارايا هئا. پر اڃان ته جوڳيڙن جي منزل اڳيري هئي. جمنا کي سنڌوءَ جا ته سلام ڏيندس، پر جتن ڪري گنگا ۾ به وڃي پير پسائيندس. اڃان اِن هورا ڪورا ۾ هئس جو ڪراچيءَ کان فون تي هڪ دوست ٻڌايو ته قومي اسيمبليءَ جي چونڊن دوران سهراب ڳوٺ جي پٺاڻن منهنجي ڪکي نديم (سرمد) جي موٽر سائيڪل به ساڙي ڇڏي آهي، ۽ ڪيس ڏکي به وڌو ٿن. تصديق ڪرڻ لاءِ روز ووڊ هوٽل مان ڪال بوڪ ڪرائي گهران پڇا ڪيم. مون واري گهر واري زيب النساءِ (منٺ خاتون) ٻڌايو ته پيپلز پارٽيءَ جي ڪئمپ ويجهو نديم جي موٽر سائيڪل سميت ڇهن سائيڪلن کي ساڙيو ويو هو. باقي نديم- ڏي خير هو. پوءِ به رٿيل پروگرام ڪئنسل ڪري، واپس مونکي سنڌ ورڻو پيو. دهلي روانو ٿيندي، دهليءَ اڇڻ لاءِ هيري ٺڪر مونکان وچن به ورتو هو ۽ ائين به چيو هئائين ته دهلي، آگرو ۽ اجمير به مونکي پاڻ ئي گهمائيندو.

مان ۽ طارق اشرف بمبئي ايئرپورٽ تي آهيون، جتي وڏا ٻاڪر پائي ٺاڪر چاولا، جيوت چاولا، نند جويري، هري موٽواڻي الوداع چئي، اسانکي روانو ٿا ڪن. هري موٽواڻيءَ اسانکان سڏکي موڪلايو هو. هريءَ جي سڏڪن جا پڙاڏا ساڻ ڪري مان سنڌ پهتو هئس. هريءَ جي انهن سڏڪن هڪ حساس دل شاعر کي يقين ڏياريو هو ته ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو رشتو هر ڌرم ڪرم کان مٿاهون هجي ٿو.

جهاز جي ڪڙڪي کولي مون ڀارت جي زمين کي آخري نظرن سان ڇهيو هو، چميو هو، ڏٺو هو. مونکي ته سنڌ ۽ ڀارت جي ڌرتيءَ ۾ ڪوبه فرق نظر نه آيو هو. اُهي ساڳيا وڻ ۽ وسنديون، اُها ساڳي وٽڪار ۽ واهيرا. اُها ساڳي سنڌ واري مٽي. هڪڙن کي گنگا ۽ جمنا ٿي سيراب ڪري ته ٻين کي سنڌو امرت جا ڍڪڙا ٿي پياري.


هند جي سنڌين وٽان مٽي تي محبتن جا ٻاڪر ۽ پرڀون ڪٽي، اڃي سنڌ ۾ لاٿيون اٿم. ساڀيا توڙي سپنن ۾ بمبئي جون ڪير جهڙيون اڇون اجريون راتيون ۽



تاجل بيوس يارت جي ممتاز ليککا کلا پرکاش سان سنڌيس گهر ۾.




يارت جو هڪ ٻيو ٻي جوڙ شاعر ڊاڪٽر ارجن شاد ۽ تاجل بيوس.



ديا ونتي هال ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي اَجياٽي ۾ –

ساڄي کان زرينہ اياز، گوبند مالهي، شيخ اياز، مرحيات طارق اشرف ۽ تاجل بيوس.



تاجل بيوس جي ڀليڪار ڀارت ۾.




تاجل بيوس ۽ ڀارت جو مهان قلمڪار موهن ڪلپنا اندو- سنڌ مشاعري ۾.



ڀارت جي جهونڙي ۽ اٽڪ اديب
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي گهر، آدرش نگر ۾ تاجل بيوس ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي.



هوٽل نٽراج ۾ لوڪ سر طرفان آجياڻي وقت هوندلوداس سيناڻي ۽ هيرو چاولا
(سيڪريٽري لوڪ سر) لعل سائين جو پلؤ پائيندي:
"ڪٿا انب لعل سائين مٺا ڪري ڏيندو، ويٺڙي آهيان باغ ۾ باغ گهمڻ ايندو."



شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ شريڪ ٿيندڙ
گوبند مالهي ۽ تاجل بيوس (پاڪرن جي گهيري ۾)



ديا‌ونتيِ ٽيڪمداس هال ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي اَجياڻي وقت شري مُرلي اڏناڻي تاجل کي هار پارائيندي، پاسي ۾ مرحوم طارق اشرف ويٺل آهي.



هوٽل نٽراج ۾ رات جي ماني ۽ وقت، ڪويل جهڙي آواز واري فنڪاره مونيشيا چاولا ۽ تاجل بيوس.



لوڪ سر جي آجياڻي ۾ تاجل بيوس ڳالهائيندي، ساڄي پاسي ڪان لوڪ سر جو صدر شري ٻي- ايل رتنپال ۽ ڪاٻي ڪان شيخ اياز ويٺل آهي.



ساڄي ڪان چوڌري گورڌن، گوبند مالهي، اسان ڪان تازو وڇڙي ويل ممتاز موسيقار سي- ارجن، ٺاڪر چاولا ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي.



كونج جو سكاڏي:
هري موٽواڻي 'سنڌي' ۽ ٻيبي پونم، جيوت چاولا جي نياڻي.



كونج جو سرواڻ هري موٽواڻي 'سنڌي' ۽ تاجل بيوس، هريءَ جي گهر ۾.



هوٽل نٽراج ۾ لوڪ سُر طرفان ڏنل اُجياڻي ۾ تاجل بيوس ۽ ڀڳت ڀڳوان چاولا
(مستن تي نه ميار، او يار).



پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين شري آر- جي آڏواڻي سنڌ کان آيل اديبن کي ڀليڪار چوندي.



شاهه، سچل، سامي سيمينار جي افتتاحي موقعي تي سيمينار جو ڪنوينر ۽ پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر جو روح روان شري ٺاڪر چاولا سينٽر جو تعارف ڪرائيندي.



ساڄي کان
ديال آهوجا، تاجل بيوس ۽ گوبند مالهي.



اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي اڄياڻي وقت شري ٺاڪر چاولا تاجل بيوس کي گلن جو تحفو پيش ڪندي.




اندو- سنڌ مشاعري جي موقعي تي تاجل بيوس ۽ ايم- ڪمل خوشگوار موڊ ۾.



الهاس نگر جي فلم سٽي اسٽوڊيو ۾ ساڄي کان:

هيرو ٺڪر، تاجل بيوس ۽ ٻلديو مٽلاڻي.



کاج- ڏٺي ڪاهي ڪان: شري ٺاڪر چاولا (سيمينار ۽ مشاعري جو ڪنوينر)
مسز پارُو چاولا ۽ سندن نياڻو رام رائچنداڻي.



الهاس نگر ۾
ساڄي ڪان ڪرشن لعل بجاج، تاجل بيوس، ايم- ڪمل ۽ هيرو ٺڪر.



ڀارت جي اديب ۽ سنڌين جي هڏ ڏوکي جيوت چاولا جي گهر ۾ هڪ رات.

تاجل بيوس ۽ جيوت چاولا.



شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۾ سيمينار جي سيواگر، شُوڀا رام رائچنداڻي **گلن جا** تحفا پيش ڪندي.



ساڄي کان ديال موٽواڻي (ايڊيٽر جهولي لال) تاجل بيوس ۽ قيمت هريسنگهاڻي.



هوٽل نٽراج ۾ لوڪ سر طرفان ڏنل آجياڻي ۾ ڀڳت چاولا ۽ ڀارت جي ٻرک اديبا پوپٽي هيراننداڻي رقص جي عالم ۾.



شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۾ دبئيءَ کان آيل يارت جو بيجوڙ شاعر ڊاڪٽر موتي پرڪاش سنڌ کان آيل اديبن جو تعارف ڪرائيندي.



شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۾:
گوبند ڪمل، تاجل بيوس، نندجويري، چترو ناگپال، هڪ اديب دوست ۽ ڪمل پياسي.



تاجل ڀارت جي فنڪاره ڪاجل، ’گجرات جي گجر‘ (ننڍڙي عابده پروين) ۽ سنڌيس امڙ (رام پنجواڻيءَ جي ڌيءُ) سان گڏ.



الهاس نگر ۾ ڀارت جو اديب ڪرشن لعل بجاج تاجل بيوس کي هندي ڊڪشنري سوکڙي طور ڏيندي. ڪاهي پاسي کان هيرو ٺڪر ۽ جيوت گوگيا ”جوت“ بيٺل آهن.

سنڌيڪا جو ڇهون ڪتاب

جنس جي سائنسي ڄاڻ

مصنف: علي مرتضيٰ ڏاريجو

سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب تمام ٿورو آهي. جنسي ادب ته تهائين نه هئڻ جي برابر. ڇوٽي آهي ته ’جتي حقيقتن کي لڪايو ويندو آهي اتي افواهه زور وٺندا آهن‘ سنڌ ۾ به ائين ٿيو آهي. جنس کي ايڏو ته دٻايو ۽ لڪايو ويو آهي، جو نوجوانن لاءِ اها هڪ اڻ ڏٺل شهر آهي، ۽ جڏهن هي نوجوانيءَ جي بنا تجربي ۽ ڄاڻ واريءَ عمر ۾ ان شهر ۾ قدم رکن ٿا ته ڀليو ۽ ڀٽڪيو وڃن. خاص ڪري نوجوان ڇوڪريون، اڻ ڄاڻائيءَ سبب اهڙيون غلطيون ڪريو وڃهن جو، ڳالهه وڃيو جان جي جوکي تائين پهچي...... محترم علي مرتضيٰ ڏاريجو، سنڌيءَ جي سائنسي ادب ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن دفعي هُن جنس جي نازڪ موضوع تي قلم کڻي سنڌ تي، خاص ڪري سنڌ جي نوجوانن تي وڏو احسان ڪيو آهي جو انهن کي هِن اڻ ڄاتل ۽ اڻ ڏٺل شهر جي هر گِهٽيءَ ۽ گام، هر پنڌ ۽ پيچري کان آگاهه ڪيو اٿائين، جيئن اهي ڀلي ۽ ڀٽڪي، مونجهارن (Complexes)، دٻائن (Depressions) جو شڪار نه ٿين، ۽ اڏ طبيبن يا ڪُوڙن جي ور نه چڙهن، ۽ پنهنجي ازدواجي، تخليقي، ۽ توليدي حياتي، خير خوبي، ۽ سڪون سان گذارين، ۽ ان مان پوري لذت به حاصل ڪن.

(ڊاڪٽر) تنوير عباسي

جنسيات تي اجاين پنگتي پابندين ۽ غيرسياويڪ بندشن، جنسيات کي نه رڳو پراسرار بڻائي ڇڏيو آهي، پر ماڻهن کي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان به وانجهو پئي رکيو آهي. اهڙين پابندين، اهڙين بندشن ۽ اهڙي اڻڄاڻائيءَ ماڻهن کي رڳو ذهني ۽ دماغي روڳن ۽ سماجي برائين سان مالامال پئي ڪيو آهي. علي مرتضيٰ ڏاريجي هن ڪتاب ذريعي اسانجي ماڻهن کي جنسيات جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ موقعو ڏنو آهي. اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته لکت ۾ جنسيات جي لفظن ۽ اصطلاحن جي استعمال ۾ هن عام روش کان هٽي هلڻ جي ڪجهه دليري ڪئي آهي.

ــ نجم عباسي

هي هڪ ساراهه جوڳي ڪوشش آهي. ليکڪ هڪ ڏکئي موضوع کي سرل ۽ سهج ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. فني اصطلاحن سان ٺهڪندڙ اصطلاح گهڙڻ جي هنر کان به ليکڪ واقف آهي.

ــ امداد حسيني

صفحا 112 - ملهه 30 رپيا

سنڌيڪا جو نئون ڪتاب

بند اکين ۾ ڪجھ يادون ڪجھ سپنا

سنڌي ٻولي کي پاڻ ارپيندڙ

بيباڪ قلمڪار

طارق اشرف

جي سمورن ڪهاڻين جو سانڍڻ جھڙو ڳٽڪو.
باريڪ بينيءَ سان لکيل افسانا هجن يا تيز تکا سياسي ۽ ادبي مضمون... انٽرويو، ايڊيٽوريل ۽ اڌ ملاقاتون هجن يا جيل جا مشاهدا، هر تحرير جو جدا، نرالو ۽ وڻندڙ رنگ طارق جي قلم ۽ شخصيت جي انفراديت جو مظهر آهي. ڪتاب ۾ شامل اڪثر ڪهاڻيون ليکڪ جي شخصيت جي مختلف پاسن جي عڪاسي ڪن ٿيون.

صفحا: 409

ملھ: اُچي ڪاپي 90 رپيا

سادي ڪاپي 60 رپيا

ڪتاب سنڌ جي سڀني وڏن بڪ اسٽالن تي موجود آهي.

ٽين دنيا ۾ فوجي آمريتون

سهيڙيندڙ: رئوف نظاماڻي

ٽين دنيا جي اسرندڙ ملڪن چلي، سوڊان، انڊونيشيا ۽ پاڪستان ۾ فوجي راڄاهن جي ڪوشش جو تفصيل، ڪتاب ۾ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اسي جي ڏهاڪي تائين سياست ۾ حڪومت جي پس پرده حڪمت عملين تي 300 صفحن تي مشتمل سربستا راز، پاڪستان جي ماهيت، ان جي اشرافيه ۾ 40 سالن جي لچاين جو چرڪائيندڙ تفصيل، جاگيردار طبقي جي مسلم ليگي سياست، اقتدار تي ڪاموراشاهي جي قبضي ۾ ان کان پوءِ فوجي ڪاموڙڪي آمريت جي سانٽس تضادن کان وٺي پاڪستان جي ٽٽڻ، ذوالفقار علي ڀٽي جي نئين پاڪستان ۾ وجود ۾ اچڻ ۽ وري هڪ نئين مارشل لا جي ٿاڦجڻ تائين معاملن جي تهه ۾ ويٺل هڪ شخص ذري ذري جو پوسٽ مارٽم ڪري ڏيکاريندو وڃي ٿو

هي ڪتاب حقيقت ۾ پنجن حصن تي مشتمل آهي جن مان هڪ لنڊن ۾ رهندڙ پاڪستاني ڪاهي ڏر جي مشهور اڳوڻي شاگرد رهنما طارق علي جو لکيل آهي، ٻيو 'پاڪستاني سياست ۾ فوجي مداخلت' اسلم خواجا جو لکيل آهي جڏهن ته ٽيون، چوٿون ۽ پنجون يعني چلي، انڊونيشيا ۽ سوڊان ۾ فوجي راڄاهن جي تفصيلن جي مشتمل ڪتاب لاهور جي مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ عبدالله ملڪ جا لکيل آهن. سيني ليکڪن پنهنجي موضوعن جو حق ادا ڪيو آهي خاص ڪري طارق علي پاڪستان جي سياسي تاريخ کي سٺي نموني پيش ڪيو آهي، جنهن سان ڪيترا سارا لڪل ڪردار ۽ سوچون سامهون اچي وڃن ٿيون. انهيءَ موضوع تي ولي خان، جي ايم سيد ۽ ملڪ جي ڪيترن ئي اهل قلم/ طبع آزمائي ڪئي آهي پر طارق علي جي پنهنجي هڪ نرالي ڪاوش آهي، جيڪا پڙهندڙن کي تمام گهڻو مواد ڏئي ٿي.

صفحا: 378 - ملهه: 75 رپيا

سنڌيڪا جا ايندڙ ڪتاب

پٽ جو شاهه

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شخصيت ، فن، فڪر ۽ ڀٽائي جي دور تي لکيل پهريون ڪلاسڪ جنهن سان ڀٽائي جي عظمت جا واڄٽ سڄي دنيا اندر هڏڻ ۾ آيا.

ايچ- ٽي سورلي پنهنجي هڪ ڀئي ڪتاب روزاپرواگانس ۾ دنيا جي ڏهن وڏن شاعرن جي تقابلي جائزي ۾ شاهه لطيف کي دنيا جو نمبر ون شاعر قرار ڏنو آهي. محترم عطا محمد ڀنيرو ڀٽ جو شاهه کي سنڌي قالب ۾ آڻيندڙ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين نظرثاني ڪندڙ

صفحا 350 ملهه 100رپيا (پڪي جلد سان)

شاهه لطيف بحيثيت مفڪر

ايچ- ٽي سورلي، پروفيسر جهانگياڻي، اي- ڪي بروهي، علامه عمر بن محمد دائود پوٽو، سراج الحق ميمڻ، محمد ابراهيم جويو، تنوير عباسي، ف- م- لاشاري، فهميده حسين، انور پيرزادو، علي احمد بروهي ۽ شيخ محمد اسماعيل جي شاهه لطيف جي انساني، سماجي ۽ سياسي فڪر، تصوف، وحدت الوجود، رهبري ۽ رهنمائي جهڙن اهم موضوعن تي شاهڪار مضمونن جو ڳٽڪو.

صفحا256 ملهه 60 رپيا

hica



* بس، منهنجي هن سفرنامي ”ڏُور ٻه اوڏا سپرين“ ۾ اُن شخص جا جذبا ۽ احساس آهن، جنهن کي وڻ وانگر پاڙئون پٽي سرحد جي هُن پار اڇليو ويو هو. مان اُنهن هم زبان بزرگن، دوستن، مائرن، ڀائرن، ڀينرن ۽ نياڻين سان ملڻ ويو هيس، جن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي روح ۾ پيهي ويو هو، جن جي ٻوليءَ ۾ امان سانڻ پينگهي ۾ سمهاري، لولي ڳائي، ننڊون ڪرائيندي هئي.

* آڻ ۾ جو وينس ته ڪوڙ سارا سِلڪ (Silk) جا ٽاڪيا ۽ ٿان اُٿي وڃي مٿي چڙهيو آهيان... مون ته پنهنجن ڀينرن- ڀوپٽي، ڪلا ۽ سندريءَ- لاءِ ڪير مُنڊيون ۽ چلڙا ويهي گهڙيا آهن، جيڪي آرهڙ جي سج وانگر جرڪي رهيا آهن.

* سنڌ جي لڏي ويل سنڌين هند ۾ وڃي جيوت جي مهاڀاري جنگ لڙي هئي، جيڪا هن ڪٿي ورتي آهي.

* هڪ پڪي ٻه پاڻ جهڙن پکين ۾ سٺو لڳندو آهي، ڀلي ڪو سندس آکيرو جلائي، ڪيس ٻي گهر ڪري، پر پوءِ ٻه ڪا گهڙي خاڪ جي ڍير ڀرسان ويهي، جلاوطنيءَ جا گيت جهونگاري، وري ٻه اُن ئي ماحول ۾ آکيرو جوڙڻ لڳندو آهي.

* مان رگهو ايترو چئي سگهان ٿو ته جنهن جانيڙي دعوت ڏني، اسانکي پاڻ وٽ گهرايو هو، اُهو پنهنجي ڪٽنب سميت مون تان گهُور ٿي ويو.

* هن ادبي ياترا کان پوءِ پيُرون پيم ته جلاوطنيءَ جو روڳ ۽ عذاب ڪيڏو نه دردناڪ هجي ٿو! هڪ جلاوطن سرحد ڀرسان ويهي، اشارو ڪري چوي: او... هُو آهن اسان جون ٽَڪريون، اسان جا وڻ ۽ واهيرا جتي سرٽيون آکيرا ٺاهينديون هيون، جتي ڪٽچيون ٻوڙن جي نسريل ٻدن تي جهومي، گيت ڳائي، چڙ ڀچڻ جا اعلان ڪنديون هيون، جتي ڳيرن ۽ ڪبوترن جي آنن کي نانگ ڀي ويندا هئا.

تاجل ’بيوس‘